

Gul Hayat Institute

# قلندر لعل شهباز

## (احوال ۽ آثار)

مرتب

ڊاڪٽر محمد علي مانجهي

Gul Hayat Institute

ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

ڪراچي. 2010ع

ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا قائم

ڪتاب جو نالو: قلندر لعل شهباز (احوال ۽ آثار)
مرتب: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي
پهريون ڇاپو: 2010ع
ڪمپوزنگ: عبيدالله ميمڻ
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: فهيم احمد سولنگي
ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي
فون: 021_32737290
ڇپائيندڙ: احمد بخش ناريجو
سيڪريٽري ثقافت کاتو
حڪومت سنڌ

قيمت: 200/= رپيا

حضرت قلندر لعل شهباز جي 758 هين عُرس
جي موقعي تي خاص اشاعت

Gul Hayat Institute

ڪتاب حاصل ڪرڻ لاءِ
**ثقافت کاتو ڪتاب گهر**
سامهون ايم پي اي هاسٽل
سر غلام حسين هدايت الله روڊ
ڪراچي 74400, سنڌ
فون: 021_99206073

# فهرست

پبلشر نوٽ........................................ 5
مرتب جو نوٽ ........................................ 7
مخدوم قلندر لعل شهباز رحه
پيرو مل مهر چند آڏواڻي ........................................ 11
مخدوم عثمان لال شهباز قلندر
مولائي شيدائي ........................................27
حضرت قلندر شهباز
ضياءالدين بلبل........................................36
قلندري مشرب، تاريخ جي روشني ۾
علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي ........................................45
علم ۽ عرفان جو آفتاب: مخدوم لعل شهباز ؒ
علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي ........................................51
سيد عثمان قلندر شهباز ؒ
علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي ........................................58
قلندري طريقي جي قدامت ۽ ان جا ڪي اصول
علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي ........................................ 71
لعل شهباز جي روضي جا تاريخي ڪتبا
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ........................................76
قلندر جي ڪلام تي ٿيل تحقيق جو جائزو
ڊاڪٽر غلام علي الانا ........................................ 81
قلندر جو طريقہ تصوف
ڊاڪٽر اياز قادري........................................96
قلندر جو دور
ڊاڪٽر اياز قادري ........................................ 105
قلندر لال شهباز
تنوير عباسي........................................111
قلندر شهباز جو سنڌ ۾ قيام
ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ........................................118

Gul Hayat Institute

حضرت سيد عثمان قلندرؒ
تاج صحرائي ........................ 122
حضرت لعل شهباز قلندر (تاريخ جي آئيني ۾)
محمد حسين ڪاشف........................ 128
شيخ محمد عثمان مروندي قلندر لال شهباز سيوهاڻي ۽ سندس قلندري صوفي طريقو
گل محمد عمراڻي ........................ 137
حضرت عثمان مروندي متعلق روايتون
حافظ ارشد انڍڙ ........................ 143
قلندر جي شعر جي تحقيق ۽ سندس شاعرانہ حيثيت
پروفيسر زيب پيتي ........................ 148
قلندر لفظ جي معنيٰ ۽ اهميت
ڊاڪٽر نواز علي شوق ........................ 153
قلندر، صوفي ۽ ملامتي
ڊاڪٽر نواز علي شوق ........................ 159
قلندر شهباز دستار سازيءَ کان دستاربنديءَ جو سفر
بدر ابڙو ........................ 167
قلندر جي ميلي جون فقرائي رسمون
حاجي غلام حيدر سولنگي ........................ 174
مختصر سوانح: حضرت قلندر شهباز
شيخ عبدالحليم "جوش" ........................ 179
قلندر جي ڪشتي
سيد حاڪم علي شاهه بخاري ........................ 183
حضرت لعل قلندرؒ........ تاریخ کے آئینے میں
پروفیسر آفاق صدیقی ........................ 189
قلندر شہبازؒ
قیوم راشد ........................ 194

Gul Hayat Institute

# پبلشر نوٽ

ثقافت کاتي حکومت سنڌ گذريل ٿوري عرصي ۾ جيتري تيز رفتاريءَ سان مختلف محاذن تي خدمتون انجام ڏنيون آهن اهي بلاشڪ مثالي آهن. نہ صرف ثقافتي پروگرامن جي انعقاد ۾ تيزي آندي وئي آهي گڏوگڏ علم، ادب ۽ تحقيق جي ڏس ۾ پڻ اهم ڪم ڪيا ويا آهن. جنهن جو مثال شاهہ سائينءَ جي حوالي سان سنڌس فڪري محورن، شخصيت، سنڌس دور جي تاريخ، جاگرافي ۽ ماحول سميت انيڪ موضوعن تي ناياب ڪتابن جي اشاعت ۽ لڳ ڀڳ سوا صديءَ جي وقفي کان پوءِ حضرت سچل سرمست جي ڪلام جي ٻيهر اشاعت ڪنهن ڪارنامي کان گهٽ نہ آهي.

علمي ۽ تحقيقي ميدان ۾ اشاعت جو اهو سلسلو اتي رڪيو ناهي پر اجا بہ اڳيرو ٿيو آهي جنهن ۾ سنڌ جي معروف شاعر شيخ اياز جو سموري مواد جيڪو نثر ۽ نظم تي مشتمل ۽ ٽن ٻولين سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ آهي جي اشاعت پڻ هن کاتي جي ڪاوشن ۽ کاتي جي وزير محترمہ سسئي پليجو جي ذاتي دلچسپيءَ جو نتيجو ۽ تاريخي ڪارنامو آهي.

هي ڪتاب جيڪو حضرت لعل شهباز قلندر رحہ جي 758_هين عرس جي مناسب سان منظر عام تي آندو ويو آهي، موضوع ۽ مواد جي مناسبت سان حضرت لعل شهباز قلندر رحہ تي تحقيق جي ڏس ۾

Gul Hayat Institute

پڙهندڙن کي نهايت ئي معياري معلومات فراهم ڪندو. هن ڪتاب ۾ ڪجهه تہ اهڙا مضمون آهن جيڪي ڪافي عرصو اڳ مختلف اخبارن ۽ ميگزينن ۾ شايع ٿيا جڏهن تہ ڪجهہ مضمون بلڪل نڪور آهن. ڪاتي طرفان انهن جي ترتيب سندن افاديت جي لحاظ سان نهايت ئي مناسب نموني ڪئي وئي آهي تہ جيئن پڙهندڙن کي معلومات جي حصول ۾ ڪا ڏکيائي پيش نہ اچي ۽ مضمون جي وچ ۾ هڪ ربط پڻ قائم رهي.

آءُ دلي طور تي ڪاتي جي وزير محترمہ سسئي پليجو صاحبہ جو ٿورائتو آهيان، جنهن جي رهنمائي ۽ خصوصي دلچسپيءَ اسان لاءِ هن نوعيت جي ڪمن کي ممڪن بنايو. هن ڪتاب جي تياريءَ ۾ ڪاتي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ جون ڪوششون ساراهہ جوڳيون آهن. جنهن ڪتاب جي تياريءَ ۾ نهايت ئي اهم ڪردار ادا ڪيو سموري مواد جي تصحيح ۽ ترتيب جون سموريون ذميواريون نڀايون. آءُ دلي طور تي سندس اهڙي ڪاوشن کي ساراهيان ٿو ۽ اميد ڪريان ٿو تہ پڙهندڙن لاءِ پڻ هي ڪتاب لاڀائتو ثابت ٿيندو.

**احمد بخش ناريجو**

سيڪريٽري

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

ڪراچي

26 جولاءِ 2010ع

Gul Hayat Institute

# مرتب جو نوٽ

اها ڳالهه منهنجي لاءِ اعزاز جي آهي ته آءٌ حضرت لعل شهباز قلندر رحه جي 758_هين عرس جي موقعي تي سنڌي ٻوليءَ جي ناميارن اديبن ۽ دانشورن جا مقالا ۽ مضمون جيڪي سنڌ جي هن عظيم صوفي بزرگ هستيءَ جي زندگيءَ جي مختلف پهلوئن، سندس فڪر ۽ تعليمات تي روشني وجهن ٿا. ڪي سهيڙي ڪتابي صورت ۾ سندس 758_هين عرس جي موقعي تي ثقافت کاتي طرفان پڌرو ڪيو وڃي.

ان سلسلي ۾ جڏهن مون ڪي محترمه سسئي پليجو صاحبه جون هدايتون مليون ته مون نهايت ئي عقيدت ۽ احترام سان ان ڪم جي ابتدا ڪئي جيڪو اڄ اوهان جي هٿن ۾ آهي. آءٌ بيحد سرهائي محسوس ڪريان ٿو ته هڪ وڏيڪ نامياب ڪتاب ثقافت کاتي طرفان حضرت لعل شهباز قلندر جي عقيدتمندن ۽ سنڌ واسين لاءِ شايع ڪيو ويو آهي. هي اصل ۾ ان فڪر جي پرچار واري سلسلي جي ڪڙي آهي جنهن ۾ امن آشتي، انسان دوستي، رنگ نسل کان بالاتر ٿي ڪري خدمت جي جذبي ۽ هم آهنگيءَ جي تبليغ ڪرڻ آهي. ثقافت کاتي صوفي بزرگن جي انهيءَ لازوال ۽ انسان دوستيءَ واري فڪر کي ڦهلائڻ لاءِ ڪيترائي ڪتاب شايع ڪرايا آهن جن ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه ۽ حضرت سچل سرمست جهڙا ناميارا صوفي بزرگ ۽ درويش پيش پيش آهن.

هن سال حضرت لعل شهباز قلندر رحہ جي 758۔هين عرس موقعي تي دنيا جي دستگيري ڪندڙ هن عظيم هستيءَ کي پڻ خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ سندس حوالي سان شايع ٿيل نهايت ئي اهم مضمونن سميت نڪور لکڻين کي هڪ هنڌ جمع ڪري ڪتابي صورت ۾ پڌرو ڪيو ويو آهي، جنهن جو سهرو ڪاتي جي وزير محترمہ سسئي پليجو صاحبہ تي آهي، جنهن ثقافت ڪاتي جون واڳون سنڀاليندي ئي ثقافتي سرگرمين سميت علمي ادبي محاذن تي پڻ ڪم ڪرڻ کي اوليت ڏني آهي جنهن جي نتيجي ۾ هر سال انيڪ ناياب ڪتاب سنڌي علم ادب جو حصو بڻجي رهيا آهن، جن جي تعريف هر عام خاص سميت سنڌ جو دانشور طبقو پڻ ڪري رهيو آهي.

آءُ ثقافت ڪاتي جي سيڪريٽري سائين احمد بخش ناريجي صاحب جو ٿورائتو آهيان، جنهن هن ڪتاب کي منظرعام تي آڻڻ تائين هرطرح سان همٿايو ۽ مدد ڪندو رهيو. گڏوگڏ قلندر لعل شهباز تي چونڊ مضمونن ۽ مقالن تي مشتمل هن ڪتاب جي سهيڙڻ جي سلسلي ۾ آئون، ڊاڪٽر فهميده حسين ميمڻ چيئرمين سنڌي لينگئويج اٿارٽي جو ٿورائتو آهيان . جنهن هن ڪتاب جي مواد کي نظران ڪڍيو. ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب ۽ حاڪم علي شاهہ بخاريءَ جو پڻ ٿوائتو آهيان، جن ڪتاب جي سلسلي ۾ سٺيون صلاحون ڏنيون. مان اميد ڪريان ٿو تہ ثقافت ڪاتي جو هي ڪتاب جيڪو بنيادي طور تي پيغام آهي امن جو محبت جو پائيچاري ۽ انساني دوستيءَ جو پڙهندڙن وٽ مانُ ماڻيندو.

**ڊاڪٽر محمد علي مانجهي**

ڊائريڪٽر
ثقافت ڪاتو حڪومت سنڌ

ڪراچي
24 جولاءِ 2010ع

Gul Hayat Institute



قائد عوام، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، حضرت لعل شهباز قلندر جي مزار تي
گلن جي چادر چاڙهي رهيو آهي.



شهيد جمهوريت، محترمہ بينظير ڀٽو، حضرت لعل شهباز قلندر جي مزار تي
دعا گهري رهي آهي.

Gul Hayat Institute



صدر پاڪستان، محترم آصف علي زرداري، حضرت لعل شهباز قلندر جي
مزار تي دعا گهري رهيو آهي.



سنڌ ثقافت کاتي جي وزير محترمه سسئي پليجو، حضرت لعل شهباز قلندر جي
757 هين عرس جي موقعي تي ادبي ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهي آهي.

Gul Hayat Institute

# قلندر لعل شہباز

## (احوال و آثار)

Gul Hayat Institute

مضمون ؍ مقالا

Gul Hayat Institute

# مخدوم قلندر لعل شهباز رحه

سنڌ ۾ گهڻيئي درگاهون هاڪاريون آهن، مگر مخدوم قلندر لعل شهبازؒ جي درگاهه سڀني ۾ برک آهي ۽ سيوهڻ جي شهر جو سچو پچو سينگار آهي. انهيءَ سهڻي ۽ مقدس درگاهه جي سائينءَ جو نالو سيد عثمان ؒ آهي. هو سنه 538 هجري ۾ ايران جي ملڪ ۾ تبريز طرف مروند جي شهر ۾ ڄائو هو ۽ نپنو به اتي هو تنهن ڪري "مروندي" سڏبو آهي. هن جو والد مخدوم سيد ڪبير شاهه صاحب هو، جو تبريز جي بادشاهه جو وزير هو. سندس مقبرو اڄ تائين مروند ۾ آهي، جتي گهڻا ماڻهو زيارت لاءِ ويندا آهن. هي حسيني سيد آهن، سندن شجرو تيرهين پيڙهيءَ ۾ حضرت امام جعفر صادق عليه السلام تائين پهچي ٿو.

قلندر صاحب بابت چوڻ ۾ اچي ٿو ته جمڻ وقت ئي سندس پاڪ پيشاني چنڊ وانگر چمڪي رهي هئي ۽ سندس بدن مبارڪ نوراني هو ۽ اهو تجلو توڙ تائين هليو آيو. هن ننڍڙي عمر ۾ عربي علم جو تحصيل ڪيو ۽ ستن ورهين جي ڄمار ۾ ئي قرآن شريف جو حافظ ٿيو. هن کي پارسي علم جو به چڱو محاورو هو ۽ شعر جوڙڻ جي ذات به هيس. سندس پارسي ڪلام موجود آهي.

قلندر لعلؒ ننڍي هوندي ئي ڪرامت جو صاحب ٿي ساماڻو. هو اڃا ٻارهن ورهين جي ڄمار جو مس هو ته انڌن کي سجو ڪيائين، گونگن جي زبان کوليائين ۽ ٻوڙن کي ٻڌڻ جي طاقت بخشيائين. ايتري روحاني طاقت هوندي به هن پنهنجي مولا کي ملڻ لاءِ مرشد ورتو. سندس مرشد حضرت بابا ابراهيم ؒ دهليءَ وارو هو. جو حضرت شاهه جمال مجرد جو خليفو هو ۽ قلندر لعل شهبازؒ پاڻ به ننڍي

هوندي شاهہ جمالؒ وٽ پڙهيو هو.

مرشد جي مهربانيءَ سان قلندر لعلؒ سگهوئي چڱي پد کي پهتو ۽ پوءِ عام خلق کي فيض رسائڻ سانگي، هو اباڻو گهر ڇڏي جدا جدا ملڪن جو سير ڪرڻ لڳو. هو اول بغداد ۾ ويو جتي بادشاهہ سيد علي هن جي نهايت گهڻي مرحبا ڪئي ۽ هن کي عرض ڪيائين تہ دائمي منهنجي دربار ۾ رهي پئو. قلندر لعلؒ اها ڳالهہ قبول نہ ڪئي ۽ جلد ئي بادشاهہ کان موڪلائي ايراني نار ڏي ويو ۽ پوءِ گهمندو ڦرندو هندستان ۾ آيو.

سنہ 711ع ۾ جڏهن محمد بن قاسم سنڌ تي ڪاهہ ڪئي تڏهن کان وٺي ڪيترن مسلمان ملڪن جا عالم سنڌ ۾ آيا ۽ سنڌ کي رڱيندا پوءِ پنجاب ۽ ٻئي پاسي رمندا ويا. سيوهڻ شهر ڪنهن سمي ڏاڍو برک هو. ڪراچي ۽ حيدرآباد جا شهر هاڻي وسيا مگر هي شهر آڳاٽي زماني ۾ اهڙو وسيل ۽ آباد هو جو راجا ڀرتريءَ جو احوال جن پڙهيو هوندو تن کي خبر هوندي تہ هن کي ڪيئن ويراڳ آيو هو. هي راجا ويراڳ ورتي ڏاري گرو گورکناٿ جو وڃي چيلو ٿيو هو ۽ پوءِ فقيراڻي ويس ۾ گهمندو ڦرندو سنڌ ۾ آيو هو ۽ سيوهڻ ۾ اچي رهيو هو. انهيءَ قديم شهر شهباز قلندرؒ کي بہ ڇڪي پاڻ وٽ آندو.

سيوهڻ ڏانهن ايندي شهباز قلندرؒ اول شهر جي ٻاهران هڪ باغ ۾ اچي ترسيو. اهو باغ وارو هنڌ سيوهڻ کان منو ڪوهہ کن پري ٻچي توڙي پاسي آهي ۽ اڄ تائين ان کي "لعل جو باغ" ڪري چوندا آهن. سيوهڻ اسٽيشن کان ٿورو پنڌ پري ٽڪر تي هو. مڪان ڇئن ٽنين سان پريان ئي ڏسڻ ۾ پيو اچي ان کي "ڇوٽنيي" چوندا آهن. شهباز قلندر پنهنجن يارن سوڏو اتي بہ اچي دونهين دکائي هئي. مطلب تہ شهباز قلندرؒ ڦيريائين شهر ۾ اندر ڪين گهڙيو مگر شهر کان ٻاهر ڪجهہ وقت گذاريائين. سيوهڻ ۾ سيد ۽ پيراڳيئي گهڻا هئا ۽ عام طرح چوندا آهن تہ سيوهڻ ۾ سوا لک پير ٿي گذريا آهن.سيوهڻ وارن پيرن کي اها ڳالهہ نہ وڻي تہ ڪو ڌاريو درويش اچي سندن حد ۾ ديرو ڄمائي رهي. هنن کي زبان سان ڪجهہ چوڻ نہ ٿيو تنهن ڪري

هڪ ڳجهارت ڪيس موڪليائون. چون ٿا تہ سيوهڻ جي سيدن ۽ پيرن هڪ ڪٽورو کير سان ڪنا ڪن ڀري اهو قلندر لعل ڏي موڪليو ۽ چيائون تہ جي قلندر سجاڻ هوندو تہ اها ڳجهارت سمجهي امالڪ پويان پير ڪري هليو ويندو. قلندر شهبازؒ اها ڳجهارت سمجهي هڪ ڪنول جو گل انهيءَ ڪٽوري ۾ وجهي اهو ڪٽورو کير سوڌو کين واپس موڪليو. سيدن ۽ پيرن جو کير جو ڀريل ڪٽورو موڪليو تنهن جو مطلب اهو هو تہ سڄو شهر درويشن سان ايئن ڀريل آهي جيئن هي ڪٽورو کير سان ٽمٽار ٿيل آهي ۽ شهر ۾ اوهان جي رهڻ لاءِ ايتري جاءِ آهي جيتري هن ڪٽوري ۾ آهي يعني جيئن ڪٽوري ۾ کير لاءِ وڌيڪ جاءِ ڪانهي، تيئن شهر ۾ وڌيڪ درويشن لاءِ جاءِ ڪانهي. قلندر لعل جو کير جي ڪٽوري ۾ گل وجهي موڪليو تنهن جو مطلب اهو هو تہ جيڪڏهن شهر اڳيئي پيرن فقيرن سان ايئن ڀريل آهي جيئن هي ڪٽورو کير سان ڀريل آهي تہ اسين شهر ۾ ايئن رهنداسون جيئن هي ڪنول جو گل کير مٿان پيو تري. آخر ٿيو بہ ائين. اڄ ڏسو تہ قلندر لعلؒ جو جهنڊو وچ شهر ۾ ڦر ڦر ڪيو پيو جرڪي ۽ جيتري شهباز جي مڃتا آهي ايتري ٻئي ڪنهن بہ پير جي ڪانهي. قلندر شهبازؒ سيوهڻ ۾ فقط هڪ سال رهيو. انهيءَ ٿوري عرصي ۾ جو هو ٻين پيرن کان زور ٿي ويو تنهن ڳالهہ منجهان ئي ظاهر آهي تہ هن اهڙيون ڪرامتون ڏيکاريون جو سڀني جو منجهس اعتقاد ٻجهي ويو. سندس ڪرامتن جون ماڻهو گهڻيون ڳالهيون ڪندا آهن جن مان هڪ هيءَ آهي.

Gul Hayat Institute

شهباز قلندرؒ جڏهن سيوهڻ ۾ رهڻ جو پڪو ارادو ڪيو تڏهن اتي جا سيد ۽ پير وٽس آيا ۽ چيائونس تہ جيڪڏهن تون خدا جو ولي آهين تہ اسان کي ڪو معجزو ڏيکار. قلندر لعلؒ چين تہ آءٌ اوهان کي ٻي ڪرامت ڪهڙي ڏيکاريان، توهين مون سان گڏجي درياءَ تي هلي نماز پڙهو. هو پوءِ سڀني کي ساڻ وٺي درياءَ تي ويو ۽ پاڻيءَ جي مٿان چادر وڇائي ان تي ويهي نماز پڙهڻ لڳو تہ بہ چادر تري پيي. ٻئي ڪنهن بہ سيد يا پير ايئن ڪرڻ جي هام نہ هڻئين، تنهن ڪري سڀ

مات ڪري ويهي رهيا. قلندر لعل رحمة الله عليه جي ڪرامتن، هن جي نوراني شڪل، سهڻي صورت ۽ سيرت ماڻهن جي دلين کي موهي ڇڏيو ۽ هندو توڙي مسلمان هن کي نمڻ ۽ مڃڻ لڳا. سيوهڻ جي هندن کي اڳي راجا ڀرتريءَ جو نالو گهڻو ياد هو جو اهو راجا ڪجهه وقت سيوهڻ ۾ رهيو هو جيئن مٿي ڄاڻايو ويو آهي. هاڻي شهباز قلندر کي ڏسي هندو ايئن سمجهڻ لڳا ته هي راجا ڀرتريءَ جو اوتار آهي ۽ اهڙو عقيدو اڄ تائين گهڻن جو آهي.

قلندر جيڪو وقت سيوهڻ ۾ رهيو سو سڀ وقت هڪ هندو ميُر نالي کيس گيهه ٻڌندو منو ڍوڍو ڏيندو هو ۽ اهو ڍوڍو هو انين انين پهر ڪائيندو هو. ميُر هندوءَ جي پيءُ جو نالو ”ميرو“ هو جنهن جو اولاد ”ميراڻي“ سڏجن ٿا. ميروءَ جي ڀاءُ جو نالو ”نائون“ هو ۽ هن جو اولاد ”ناواڻي“ آهن. ميرو ۽ نائون ٻئي قلندر لعل جا مريد هئا.

قلندر لعل رحمة الله عليه کي ”مخدوم“ سڏيندا آهن. سنڌ ۾ مخدوم اوائل ۾ انهن بزرگن کي چوندا هئا جن کي پوءِ ”پير“ چوڻ لڳا يا جن کي ايران ۽ عربستان ۾ ”شيخ“ سڏيندا آهن. لفظي معنيٰ موجب ”مخدوم“ ان کي چئبو آهي جنهن کي خادم يا مريد هجن. قلندر لعل جا مريد ۽ معتقد نه رڳو سنڌ ۾ ڪشمير طرف پر ترڪستان، ايران ۽ ٻئي پاسي به گهڻا آهن جو هن انهن سيني ملڪن جو سير ڪيو هو ۽ سيني هنڌ پنهنجو نالو اهڙو ڪڍيائين جو اڄ تائين ڪيس اتي جا ماڻهو پيا مڃين. تحفته الڪرام نالي پارسيءَ ۾ هڪ ڪتاب مير علي شير قانع ٺٽي واري جو تاهيل آهي. اهو ڪتاب سنڌ جي تواريخ آهي ۽ اهو معتبر تواريخن مان هڪڙو ليکبو آهي. انهيءَ ڪتاب ۾ مخدومن جا گهڻا خاندان ڏيکاريل آهن. ”مخدوم“ لفظ جي جيڪا انهيءَ ڪتاب ۾ معنيٰ ڏنل آهي تنهن موجب شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه ۽ ٻين ڪاملن کي ”مخدوم“ چئي سگهجي ٿو. انهن اوليائن ڪري سنڌ پيرن جو گهر ٿي پئي. قلندر لعل شهباز رحمة الله عليه جي وقت ۾ به ٿورا ٿورا جُنگ اولياءَ دهلي، ملتان ۽ ٻئي پاسي هئا. قلندر لعل رحمة الله عليه پنجاب پاسي ويو ته اتي ٿي چڙا سندس ڳوڙها يار ٿيا. ڪي چون ٿا هندستان ۾ اچڻ کان اڳ هنن جي

Gul Hayat Institute

يارا ٿي هئي. ڪٿن بہ هجي پر اها چوياري اڄ تائين مشهور آهي. قلندر لعل ﷫ جو هڪڙو يار مخدوم جلال جهانيان هو جنهن کي عام طرح بخاري پير ڪري سڏيندا آهن. سندس ٻيو يار شيخ فريد شڪر گنج هو جنهن جي اولاد مان ٻيو شيخ فريد ٿيو جو گرونانڪ صاحب جي ڏينهن ۾ هو.

فريدا جو تيڏي ڪڏ ڪٽي اُسدي تون راه سنيار.
او آپي پئسي ڪڏ وڃ تون لنگهي پئسين پار.

هي ۽ ٻيا ڪيترا سلوڪ جنهن شيخ فريد جا چيل آهن، تنهن جو ڏاڏو شيخ فريد هو. شهباز قلندر﷫ صاحب جو ٽيون يار شيخ بهاؤ الدين ذڪريا ملتاني هو. سنڌ ۾ اهڙو ڪو بہ مسلمان مشڪل ليندو جو هنن چئن يارن کي عزت جي نظر سان نہ ڏسندو هوندو. سنڌ جا سڀيئي صوفي بہ هنن چئن يارن کي وڏي تعظيم ڏيندا آهن، جو اهي چارئي صوفي مذهب جا هئا. صوفي طريقو هڪ اهڙو وسيع ميدان پيدا ٿو ڪري جنهن ۾ هندو مسلمان ۽ ٻيا مختلف مذهبن جا ماڻهو سولائيءَ سان هڪ ٻئي کي ملي سگهن ٿا. هي چارئي يار هندو مسلم اتحاد جا گويا اوتار هئا ۽ جتي جتي پير ٿي پاتائون تتي محبت ۽ ميلاپ پيدا ٿي ڪرايائون ۽ گمراهن کي راه حق تي بڌايائون.

قلندر شهباز﷫ جي ڏينهن ۾ ملتان جو حاڪم خان شهيد هو جنهن کي محمد بہ ڪري ڪوٺيندا هئا. هي بادشاه غياث الدين بلبن جو پٽ هو ۽ درويشن جي صحبت جو ڪوڏيو هو هن کي درويشن سان اهڙي دل هوندي هئي جو هنن جي ديدار حاصل ڪرڻ لاءِ خرچ جو ڪو خيال ڪونہ ڪندو هو. اها ڳالهہ هن مان ثابت آهي تہ شيخ سعدي شيرازيءَ جي هاڪ ٻڌي هن کي شاهي خرچ تي هندستان ۾ اچڻ جي دعوت ڏنائين. مگر شيخ صاحب پيري ۽ ضعف سبب دعوت قبول ڪري ڪين سگهيو. هي جيڪر پاڻ کهي شيراز ۾ وڃي شيخ سعدي جي زيارت ڪري ها مگر ملتان ۾ قلندر لعل شهباز﷫ جا يار موجود هئا تن کي ڇڏڻ تي دل نہ ٿيس. جڏهن قلندر لعل﷫ ملتان ۾

آيو ۽ هن جي قدم بوسي نصيب ٿيس، تڏهن هي مڙس قلندر شهبازؒ کي چنبڙي پيو. چيائين تہ نوازش جي نظر فرمائي مون وٽ هميشہ لاءِ رهي پئو. حضرت شهبازؒ اها ڳالھ قبول نہ ڪئي. قلندر لعلؒ پوءِ پنهنجن يارن سان گڏ گهٽڻ هنڌن جو گشت ڪيو. هو پوءِ شاھ شمس بوعلي قلندر وٽ ويو. جنهن چيس تہ هتي پنجاب ۾ ٽي سو ڪن قلندر اڳيئي موجود آهن تنهن ڪري تون سنڌ ۾ وڃي پنهنجو ماڳ ناھ جو اتي قلندرن جي گهرج آهي. حضرت لعل صاحب اها صلاح مڃي سنہ 649ع ۾ ملتان مان ٿيندو سنڌ ۾ آيو ۽ ان وقت سندس عمر هڪ سو يارهن ورهيہ هئي.

قلندر لعلؒ سنڌ ۾ اچي ڪيترن ئي شهرن جو گشت ڪيو. هو پنهنجن يارن سان گڏجي ڪراچيءَ ويو. ان وقت ڪراچيءَ ۾ منگهو پير رهندو هو. ڪراچيءَ ۾ منگهي پير جو اصلوڪو آستان ڪراچيءَ جي اولڊ ٽائون ڪوارٽر ۾ يوجواٽي سيٺين جي جاين جي نزديڪ آهي ۽ اهو اڄ تائين "منگهو آستان" سڏجي ٿو. تن ڏينهن ۾ ڪراچيءَ ۾ رڳو ٿورا مهاڻن جا گهر هئا پر قلندر لعل اڳيئي ڄاتو ٿي تہ هي شهر وسندو پر منگهي پير جو آستان شهر جي وچ تي ڪين نهندو. شهباز قلندرؒ ۽ سندس يارن پوءِ منگهي پير کي شهر مان اٿاري پنج ڪوھ پري ٽڪرن ڏي نيو. منگهي پير تي جيڪي هاڻ ڪوسي پاڻيءَ جا چشما آهن سي چوڻ ۾ اچن ٿا تہ قلندر لعل شهباز ۽ سندس يارن جي ڪرامت سان پيدا ٿيل آهن. منگهي پير تي کجيءَ جا وڻ تمام گهٽا آهن سي بہ هن چؤياري جي ڪرامت سان پاڻ مرادو پيدا ٿيل چوڻ ۾ اچن ٿا. مطلب تہ منگهي پير لاءِ پاڻيءَ توڙي ڪارڪن جو پوريءَ طرح بندوبست رکي پوءِ شهباز قلندرؒ ڪراچي جي هاٽوڪي سولجر بازار جي پريان جيڪو سيوهڻ ناڪي* وٽان شاهي رستو آهي سو وٺي سيوهڻ ۾ آيو.

سيوهڻ جو شهر جو اصل نالو "شو آستان" آهي. اتي اصل شو

---

* "ناڪو" اصل ۾ هندي لفظ "ناڪا" معنيٰ رستي جي پڇاڙي. ناڪي بندي معنيٰ رستو بند ڪرڻ.

يڳوان جو هاڪارو مندر هو تنهن تان اهو نالو پيس. ”شو آستان“ نالي جو اچار پوءِ ماڻهن ڦيرائي ”سيوستان“ ۽ پوءِ ”سيوهاڻ“ ڪيو ۽ هاڻ عام طرح شهر کي ”سيوهڻ“ ڪوٺيندا آهن. سنڌ ۾ هن وقت جيڪي آڳاٽا شهر جهڙوڪ نتو ۽ روهڙي وغيره آهن، تن سڀني ۾ سيوهڻ جو شهر وڏيڪ آڳاٽو آهي.

حضرت شهبازﷺ کي ”قلندر“ چئبو آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”درويش“. بنيادي معنيٰ موجب ”قلندر“ ۽ درويش جي وچ ۾ وڏو تفاوت آهي، ”درويش“ لفظ اصل ۾ آهي ”در آويخته“ يعني جو دروازي تي اچي (پنڻ لاءِ). اهڙي طرح ”درويش“ معنيٰ فقير ۽ جيڪو فقير پهتل هوندو آهي تنهن کي ڪامل درويش يا پورن سنت چئبو آهي. ”قلندر“ لفظ اصل ڪٿان آيو تنهن بابت هاڪاري پارسي شاعر شيخ فريد الدين عطار هڪ نهايت مزي جهڙي ڳالهه ڏني آهي. هو صاحب چوي ٿو ته هڪ لڱا ڪو ماڻهو ڪن فقيرن جي مڪان وٽان اچي لانگهائو ٿيو. فقيرن مان هڪڙي انهيءَ واٽهڙوءَ کي سڏ ڪري چيو ته ”اندر آءُ“. هو اندر ويو ۽ موٽي جڏهن ٻاهر آيو تڏهن ننگو ٿي نڪتو هو. ڪن پڇيس ته هيئن اگهاڙو ڪيئن ٿئين؟ هن وراڻي ڏني ته ”درويش قال اندر آءُ“ يعني درويش چيو ته اندر آءُ. هن ماڻهوءَ جي انهيءَ جواب وارن لفظن ”قال اندر آءُ“ مان ڦيري ڪيو اٿن ”قالندرا“ ۽ هاڻ عام طرح چئون ”قلندر“. هن واٽهڙوءَ کي درويشن سڏ ڪري چيو ته ”اندر آءُ“ ۽ هو اندر ويو ته پوءِ ٻاهر اُگهاڙو ٿي آيو. ساڳي طرح سچو قلندر اهو آهي جو دنيا اندر اچي پوءِ اگهاڙو ٿي نڪري• يعني نفساني خواهشون جي انسان جي من کي ويڙهي ٿيون وجن تن سڀني کي پاسي ڪري من کي ننگو ڪري سچو پچو تارڪ يا تياڳي پرش ٿئي. حضرت شهبازﷺ سچو پچو تارڪ هو، تنهن ڪري هن کي ”قلندر“ ڪوٺجي ٿو. هن ڪيتري

---

• سڀ ننگيون تي نڪرو لالچ ڇڏي لوڀ،
سپريان سين سوڀ، ننڊن ڪندي نه ٿئي. (شاهه)
ننگن ٿيڻ جي معنيٰ آهي طمع وغيره کي ترڪ ڪرڻ ۽ انهيءَ معنيٰ سان ”ننگن ٿيڻ“ لفظ هندن جي شاسترن ۽ عيسائين جي ڪتابن ۾ به ڪم آيل آهي.

قدر دنيا کي ترڪ ڪيو هو تنهن ڳالهه جي پروڙ هيٺين مثالن مان پئجي سگهندي

هڪ لڳا قلندر لعلؒ پنهنجن يارن سميت سير سياحت ڪندو ايران جي نار ڏي ويو. هو ٻيڙيءَ ۾ چڙهيل هئا ۽ سندن ٻيڙي سير مان سٽائي لنگهي هڪ ٻيٽ جي ويجهو آئي. انهيءَ ٻيٽ تي شيخ جلال نالي هڪ وڏي طاقت وارو فقير رهيو ٿي. انهيءَ فقير جو پريان ڏنو تہ ڏارئي ملڪ جا درويش منهنجي حد اندر ٿا اچن تنهن اهڙو ڪو طلسم پکيڙيو جو هنن جي ٻيڙي اچي لڏڻ لڳي ۽ ڏري گهٽ ٻڏڻ تي هئي. قلندر لعل جهٽ سهي ڪيو تہ هي شيخ جلال جي جادوءَ جو اثر آهي پر عجب لڳس تہ هن جي جادوءَ جو اثر اسان تي ٿيو ڪيئن؟ آخر پنهنجن يارن کي چيائين تہ "سچ جي ٻيڙي لڏي لڏي پر ڪڏهن نہ ٻڏي، مگر اڄ جو اسان جي ٻيڙيءَ ٻڏڻ جا ارڪان پيا ڏسجن سو ضرور اسان مان ڪنهن سچ سان ناتو ٽوڙي ڪوڙ ۽ ڪچ سان پيار رکيو آهي. اتي شيخ بهاؤالدين چيو تہ هڪ سوني سر جو ٽڪر اوبل سوبل لاءِ مون پاڻ سان ڪنيو آهي، باقي ٻيو ڪجهہ ڪوڙ ۽ ڪچ مون وٽ ڪونهي. قلندر لعلؒ چين تہ اسين جڏهن دنيا ۾ دولت سان ڪو مطلب ڪونہ ٿا رکون، تڏهن سون ساڻ کڻڻ جو ڪهڙو ضرور آهي؟ اها دنيوي دولت هڪ وڏي ذلت آهي، تنهن ڪري ان کي امالڪ ترڪ ڪرڻ گهرجي. هن پوءِ شيخ صاحب کان اهو سوني سر جو ٽڪر وٺي ڪٽي پاٽيءَ ۾ اڇليو. سون ٻڏو تہ ٻيڙي لس ٿي لس ترندي سلامتيءَ سان وڃي ڪناري تي پهتي. ڪوبہ رواجي ماڻهو جيڪر ايئن سون ڦٽو ڪين ڪري ۽ نڪي ٻئي ڪنهن کي اهڙي صلاح ڏئي پر هو سچو تارڪ هو تنهن ڪري سون ترڪ ڪرڻ جي صلاح ڏنائين. پر اچو ڳالهه تي، هي سڀ وقت شيخ جلال پنهنجي جاءِ جي دريءَ مان ڪنڌ ڪڍي سمورو رنگ ويٺي ڏٺو. هن جو پنهنجي جادوءَ جي زور تي هنن ڪامل درويشن جي ٻيڙيءَ کي ٽي ٻوڙيو تنهن کي انهيءَ دم اها سيڪت ملي جو جنهن دريءَ مان ڪنڌ ڪڍيو ويٺو هو سا پاڻ مرادو ايتري قدر سوڙهي ٿي پيئي جو شيخ جلال جو ڪنڌ دريءَ ۾ ڦاسي پيو جنهن ڪري هو ڏاڍو ششدر

ٿيو. هو پوءِ دانهون ڪرڻ لڳو ۽ آخر سچيءَ دل سان پڇتاءُ ڪري قلندر لعل رحمة الله عليه ۽ سندس يارن کان معافي ورتائين. تڏهن مس مس سندس بند خلاص ٿيا ۽ هو پوءِ قلندر لعل رحمة الله عليه جو خادم ٿيو. قلندر صاحب کي ”لعل“ چئبو آهي سو ٻه هن جو نالو نه آهي پر لقب آهي. اهو لقب هن کي جنهن ڳالهه تان مليو سا ڳالهه هن طرح آهي: ڪنهن فقير کي پنهنجي ڪمائيءَ جو بانور ججهو هو ۽ ايئن سمجهندو هو ته مون جيتري طاقت ٻئي ڪنهن کي ڪانهي. هڪ لڱا انهيءَ فقير شهباز قلندر رحمة الله عليه جي يارن کي چيو ته مون توهان جي ۽ توهان جي يار قلندر جي هاڪ گهڻي ٻڌي آهي پر اوهان کي مڙس تڏهن سمجهان جڏهن تتل تيل جي ڪڙاهيءَ ۾ ٽڙٻي ڏيکاريو. هنن سياويڪ طرح اهڙي شرط نه پڄائي جو هنن کي پنهنجي طاقت جو هوڪو وجهڻو نه هو. هنن جو شرط نه پڄائي تنهن تي هو فقير کين ڪانئر ۽ ڪوڙو سڏڻ لڳو. تنهن تي يارن اها سموري ڳالهه وڃي قلندر صاحب کي ٻڌائي، تنهن پنهنجن يارن جو منهن مٿي ڪرڻ ۽ فقير جي ايمان توڙڻ لاءِ فقير جو شرط قبول ڪري تتل تيل جي ڪڙاهيءَ ۾ ٽپو ڏنو ته هن کي ڪجهه به ڪين ٿيو باقي سندس ڪڙتو تيل جي گرميءَ سبب رنگ مٽائي لعل ٿي پيو. اتي هو فقير پشيمان ٿيو ۽ قلندر کي چيائين ته ”تون لعلن جو لعل آهين.“ انهيءَ وقت کان وٺي حضرت ”لعل“ سڏجڻ لڳو.

قلندر لعل کي ”شهباز“ جو لقب جنهن ڳالهه تان مليو سا ڳالهه هن طرح آهي: قلندر لعل جڏهن پنجاب ۾ هو تڏهن هو پنهنجن يارن سان گڏجي حج ڪرڻ ويو هو. حج تان موٽندي واٽ تي ڪنهن شهر ۾ منزل ڪيائون ۽ شيخ فريد شڪر گنج کي چيائون ته تون ڪو روٽلو بورچيءَ جي دڪان تان وٺي اچ ته ٽڪر ڪائي پاڻي جهلو ڪريون. شيخ فريد ڪنهن دڪان تي بورچياڻي وينل ڏسي هن کان روٽلو خريد ڪرڻ ويو. شيخ فريد سهڻو جوان هو. هن جي شڪل ڏسي بورچياڻي مٿس موهجي پيئي ۽ هن کي ڦاسائڻ لڳي پر هو سندس چنبي ۾ اچڻ وارو نه هو.

Gul Hayat Institute

”ڪاڪ نہ جھليا ڪاپڙي، موھيا ڪنھن نہ مال،
جي چورين ڏنا چال، تہ بہ لاھوتي لنگھي ويا.“
(شاھہ)

شيخ فريد تہ خيال ۾ بہ ڪين آندس مگر ھوءَ چوري بہ ڪا چنيلي ھئي، تنھن شيخ صاحب کي چيو تہ جي منھنجي مرضيءَ پٺيان نہ ھلندين تہ خوار خراب ڪندي سانءِ . ھن صفا انڪار ڪيس. تنھن تي ھن بورچياڻيءَ ڪيس جھلي واڪو واڪاڻ لائي تہ ھي ھھڙو تھڙو منھنجي عصمت ۾ تو ھٿ وجھي. بورچياڻيءَ جي دانھن تي ڪيترا ماڻھو اچي مڙيا ۽ ھن درويش کي گھلي اتي جي حاڪم وٽ وٺي ويا. شيخ فريد جو نڪو ھو شاھد نڪو گواھہ ۽ سندس زبان تي ڪنھن بہ اعتبار ڪونہ ٿي آندو. تنھن ڪري فرياڻ جو فرياد سچو سمجھي بادشاھہ حڪم ڪيو تہ ھھڙو رھزن جو گھر ويٺل زالن جي وچي شرم ۾ ھٿ وجھي تنھن کي امالڪ ڦاسيءَ تي چاڙھڻ گھرجي. بادشاھہ جي اھڙي حڪم ملڻ بعد يڪدم ڦاسيءَ جي تياري ٿي ۽ شيخ فريد کي لٽڪائڻ جون تياريون ڪيائون. ھوڏانھن قلندر لعلؒ کي خبر پيئي تہ اسان جي يار سان ڏوھہ ٿيو آھي ۽ اجھو ئي ٿو سوريءَ تي سوار ٿئي تنھن چا ڪيو جو پنھنجن باقي رھيل ٻن يارن مان ھڪ کي ڦيري ھرڻ ڪيائين ۽ ٻئي کي شينھن ڪيائين. سندس يار ھرڻ جي صورت ۾ ڦاسيءَ واري جاءِ ڏي ڊوڙيو تہ سيني حاضر ماڻھن جو ڌيان ھن ڏي ڇڪجي ويو. سگھوئي ان ھرڻ جي پٺيان شينھن آيو تہ ماڻھو ڊپ وچان اتي ڀڳا. انھيءَ ڀڄ ڀاڄڙ مھل قلندر لعل ”شھباز“ؒ جي صورت ڌاري پنھنجي يار کي ڦاسيءَ واري جاءِ تان اُڏائي کڻي ويو ۽ ان وقت کان وٺي ھو ”شھباز“ سڏجڻ لڳو.

قلندر لعل کي اھي سڀيئي لقب سنڌ ۾ اچڻ کان اڳ مليا ھئا ۽ گھڻا ڪرامت جا ڪم بہ ھن سنڌ کان ٻاھر ڪيا ھئا. سنڌ ۾ جڏھن ھو آيو ھو تڏھن بلڪل پيرسن ھو ۽ سندس عمر ھڪ سو ٻارھن ورھيہ ھئي. ھو سنڌ ۾ فقط ھڪڙو سال رھيو. (نوٽ: ڪن سوانح نگارن قلندرؒ جي سنڌ ۾ رھڻ جو عرصو بہ سال پڻ لکيو آھي. (١. س) ۽

Gul Hayat Institute

هڪ سؤ ٻارنهن ورهين جي ڄمار ۾ شعبان مهيني جي 21 تاريخ سنہ 650 هجري ۾ سيوهڻ جي شهر ۾ وصال ڪيائين.

قلندر لعل رحمة الله عليه ڪڏهن بہ شادي ڪانہ ڪئي ۽ سڄي عمر جتي پرش تي گذاريائين. سندس هٿن جون بہ نشانيون آهن. هڪ عصا (لٺ) جا غلاف (پرش) سان ڍڪيل آهي ۽ ٻيو مٽڪو جنهن کي عام طرح گلوبند چوندا آهن. اهي ٻئي شيون ڪيس پنهنجي مرشد کان مليون هيون. گلوبند هڪ لسو پٿر آهي. قلندر لعل صاحب ان کي نهايت متبرڪ (سڀُورو) سمجهي گلي ۾ پائي گهمندو هو تنهن ڪري اهو گلوبند سڏجي ٿو. ڪجھ سال ٿيا تہ اهو گلوبند اتفاق سان ٽٽي پيو پر پوءِ نور محمد نالي هڪ صعقلگر ساڳي هنڌ اهڙو پڪو ڳنڍي ڇڏيس جو وري اصلوڪي جهڙو سڄو ٿي پيو. درگاهہ جا فقير چوندا آهن تہ انهيءَ گلوبند ۾ عجب تاثير آهي، سڀ ڪنهن مرض لاءِ چٽيءَ ڏاڻ آهي. ڪنهن دوبشتي زال کي جلد ڇوٽڪو نہ ٿيندو آهي تہ اهو مٽڪو ڌوئي پياريندا اٿس تہ هن جا بند جلد خلاص ٿيندا آهن. قلندر لعل رحمة الله عليه جي نالي چون ٿا تہ هو هميشہ هڪ نيلي گهوڙيءَ تي سواري ڪندو هو. اهو اشارو هڪ ڪافيءَ ۾ بہ آهي جا شهباز قلندر تي نهيل آهي:

”نيلي گهوڙيءَ تي هسوار شهباز قلندر
قلندر آپ خزانيدار شاهوڪار قلندر.“

Gul Hayat Institute

قلندر شهباز جو مقبرو سندس وصال کان گهڻو پوءِ سلطان فيروز شاهہ تغلق جي حڪم پٽاندڙ سيوهڻ جي حاڪم اختيار الدين سنہ 1356ع ۾ جوڙايو هو. سلطان فيروز شاهہ هتي زيارت لاءِ آيو هو ۽ مجاورن کي ڪجهہ ٻنڊياڻ ٻڌي ڏنو هئائين. انهيءَ کان پوءِ جنهن جنهن کي دل ۾ پئي آيو آهي تنهن درگاهہ تي محنت پئي ڪرائي آهي. قلندر لعل جي درگاهہ سيوهڻ شهر جي دن ۾ آهي ۽ جنهن گهٽيءَ ۾ اها عمدي عمارت بيٺل آهي تنهن کي ”لعل جي گهٽي“ چوندا آهن. درگاهہ جو ٻاهريون دروازو وڏو آهي ۽ اڱڻ نهايت ڪشادو اٿس. اڱڻ ۾

نقارا ۽ پيريون رکيل آهن. هڪ پاسي پاڻيءَ جا مٽ رکيل آهن. اتي ٻه مزارون آهن: هڪ سيد علي بغدادي جي آهي جو قلندر لعل جو وزير هو ٻي قبر جنهن کي عام طرح "رازو" ڪري سڏيندا آهن سا محب شاھہ حسينيءَ جي آهي ۽ ٽين ميان شيخ مگڻ جتي ولد شيخ نوح جي. درگاھہ جي جنهن صفحي ۾ قلندر شهباز جو مقبرو آهي، تنهن جي دروازي کي چانديءَ جا پٽ لڳل آهن. انهيءَ دروازي اندر گهڙڻ سان انهيءَ محبوب جو مقبرو ڏسڻ ۾ ايندو جنهن جتي پرش سڄي عمر عبادت ۽ پرهيزگاريءَ ۾ گذاري، هندو مسلم اتحاد وڌائڻ ۽ منجهيلن کي حق جي راھہ ٻڌائڻ ۾ پنهنجي سموري حياتي صرف ڪئي هئي. اولياءَ جي مقبري جي چوڌاري هڪ سهڻو ڪٽهڙو چانديءَ جي پٽن سان آهي ۽ ٿنيا چندن جي ڪاٺيءَ جا اٿس. درگاھہ جي لنگھہ وارو دروازو جو چانديءَ جي پٽن سان آهي تنهن جي مٿان هڪ پيڙو آهي جو اوستي نور محمد تيوري سيوهاڻيءَ هجري سنہ 1313ع ۾ تيار ڪيو هو. درگاھہ جي مٿان لعل بازار آهي جا اڪثر ميلي جي وقت ماڻهن کي ڏيکاريندا آهن.

قلندر شهباز رحمة الله عليه جو ميلو سندس وصال جي تاريخ يعني 21 شعبان تي هر سال لڳندو آهي ۽ ٽي ڏينهن ساندھہ هلندو آهي. سيوهڻ پاسي عام طرح چون تہ "شهباز جي ميلي تي ماڻهو اچن لک. شهباز هڪڙو وني ٻک" سرڪاري تخميني روءِ انهيءَ ميلي تي ٽيھہ چاليھہ هزار آدم اچي ڪنو ٿيندو آهي. ميلي ۾ نہ رڳو سنڌ جا ماڻهو پري ڪشمير، بخارا، سمرقند ۽ ٻين ڪيترن پاسن جي خلق اچي ٿي، تنهن ڪري انهيءَ وقت ڪيتريون عجيب رسمون ۽ طرح طرح جون پوشاڪون اتي ڏسبيون آهن. ميلي ۾ سڀ رکي رکي نعرا پيا هڻن تہ: "شهباز قلندر!" ڪي چون تہ "مستو مست" يا "مست قلندر".

سيوهڻ ۾ شهباز جو ميلو جنهن منڍ کان وني پڇاڙيءَ تائين ڏٺو هوندو تنهن کي خبر هوندي تہ صبح جو ڇهين بجي کان وٺي ڏهين بجي تائين شهباز جي پڙ ۾ ميلي جو زور هوندو آهي. اهو سڄو وقت ڌمال خوب لڳندو آهي:

ڳڌيل ميندي وجھندا آھن ۽ انھيءَ ٿالھ جي مٿان اطلس چاڙھيندا آھن. اھو واري سان لڪياري سيدن، ميراثين، ناواٽين ۽ قانونگن جو پريو مڙس مٿي تي کڻي ھلندو آھي. ان وقت طائفو ٽيندو آھي ۽ ڪيترا راڳيندڙ ڳائيندا ۽ نچندا ھلندا آھن. جنھن جنھن گھٽيءَ مان سرگس ڪندا آھن تنھن ۾ ايترا ماڻھو اچي مڙندا آھن جو تر ڇڻڻ جي جاءِ ڪانہ ھوندي آھي. سيوھڻ جي شھر جون گھٽيون تنگ آھن ۽ بازار بہ بلڪل سوڙھي آھي تنھن ڪري ميندي‌ءَ جي سرگس مھل گھٽين ۽ پاڙن ۾ ڏاڍي ڏڪ پيئي پوندي آھي. اوڏي مھل زالون ۽ ٻار ڪڏن تي ھڪ ٻئي مٿان پيا ڳاھٽ ٿيندا آھن. جڏھن سرگس ڪري درگاھہ جي ويجھو ايندا آھن تڏھن ٺونٺن جو خوب وسڪارو ٿيندو آھي. ٺونٺو اھڙي آتشبازي آھي جو جيڪڏھن ڪنھن کي لڳي تہ گنديون ڪپڙا جلائي وجي پيرن ۾ وڃڙي، انھيءَ ڪري ٺونٺن سڙڻ مھل ماڻھو پجي پري ٿيندا آھن. رات جو درگاھہ ۾ اندر ٺوڙي ٻاھر چڱي روشنائي ڪندا آھن. ميلي جا ٽيئي ڏينھن اھو ساڳيو نمونو ھلندو آھي. مطلب تہ قلندر صاحب جي وصال جو ڏينھن گويا ھن جي شاديءَ جو ڏينھن ڪري ملھائيندا آھن، ھن صاحب ڪڏھن شادي ڪانہ ڪئي ھئي، مگر ھن طرح ھو ٻارھين ٻارھين مھيني گھوٽ ٿيندو آھي.

سيوھڻ جا ماڻھو شھباز قلندرؒ جي يادگيري نہ رڳو ٻارھين مھيني ڪندا آھن، مگر ڪن جو نيم آھي تہ ھر روز درگاھہ تي وڃي مٿو ٽيڪيندا آھن ۽ اتان خاڪ وٺي ايندا آھن. سيوھڻ ۾ گھڻو ڪري سيني ھندن جي گھرن ۾ ھر ڪنھن چنڊ تي ھڪ ھارن واري گلن جو ھار پن ۾ ويڙھيل کڻي ايندي آھي، ان کي "مور" چوندا آھن. گھر جا ياتي اھو "مور" وٺي صدق سان چمي اکين تي رکي پوءِ موٽائي ھارن واريءَ کي ڏيندا آھن. جا وڃي درگاھہ تي چاڙھيندي آھي. ڪي ھر روز درگاھہ ۾ اھڙيءَ طرح گلن جو ھار موڪليندا آھن.

سيوھڻ ۾ اتر الھندي طرف ھڪ وڏو قلعو آھي جو ڪي چوندا آھن تہ سڪندر اعظم جي ڏينھن جو ٺھيل آھي، سيوھڻ جا ڪي مسلمان ان کي "ڪافر قلعو" ڪري چوندا آھن. جنھن جي معنيٰ تہ

Gul Hayat Institute

جڏهن ڪافرن (هندو راجائن) جي صاحبي سيوهڻ ۾ هئي، تڏهن اهو قلعو جڙيو هو اها پوئين ڳالهه سچي آهي ڇاڪاڻ ته سيوهڻ ۾ بکر وارا قلعا راءِ سهاسي ٻئي جي صاحبيءَ ۾ ٺهيا هئا. اهو قلعو هڪ وڏي دڙي تي زمين کان پنجاسي کن قدم مٿي آهي ۽ سيوهڻ جو ڊپٽي ڪليڪٽر اهو پنهنجو بنگلو ڪري ڪتب آڻي ٿو. گشتي عملدار به انهيءَ قلعي ۾ وڃي رهندا آهن. قلعي ۾ مٿان بيهي چئوطرف نگاهه ڪبي ته نهايت نرمل نظارو نظر ايندو. اڙل ڍنڍ ۽ پروارن ڳوٺن جي وڻن ۽ پوک جي ساوڪ سدائين چڱو ڇهچٽو لايو بيٺي آهي. ٺلتيءَ جو شهر ته پريان ايئن ڏسڻ ۾ پيو اچي، ڄڻڪ شهباز قلندر جي اردليءَ ۾ ايو آهي. سيوهڻ جي پرسان باغ يوسف جو ڳوٺ آهي سو ته وڻن مان لڪيو پيو لياڪا پائي ۽ گويا شهباز قلندر جي ديدار لاءِ پيو واجهائي.

مخدوم قلندر لعل شهباز بابت ڪيترين مداحون ۽ ڪافيون ٺهيل آهن جن مان هڪ هيٺ ڏجي ٿي:

اچــي حاضــر حسـيني تــي قلنــدر لعــل مرونــدي

1ـ تـوکي چئوطرف چوڌاري، نمي تـي هنـد سنڌ سـاري
ڪابـل، ڪشـمير، قنـڌاري، بلـخ بيحـد سـمرقندي

2ـ تـون ئـي حسـينن جـو پيـارو، فقـر جـو سـرگروهـه سـارو
ڪـرين ملعـون تـي مـارو، ٻـڌي محڪـم ڪمربنـدي

3ـ نـه گهرجي دير تـون هـاٿي، مـدد ڪـر شـاهـه سيوهاڻي
اچي تيءُ سيگهه مون ساٿي، ڪـڍي ڇڏ قيد مان بنـدي

4ـ مـدح خـوش خيـر محمـد چئـو لتـا پـولا مڙيئـي پـوءُ
هميشـه نياز سـان پيـو نـؤ تـه ٿيئـي دلشـاد خـور سنـدي

شال اسين هن اولياءَ جي سوانح عمري مان سبق سکي حق جي راهه سنڀاليون، جنهن جو پهريون ڏاڪو اهوئي آهي ته سڀ پاڻ ۾ ڇا هندو ڇا مسلمان ڀائپي ۽ منَ محبت ۾ گذاريون ۽ هڪ ٻئي جو خير گهرندا رهون، جوان ۾ اسان جو خير آهي.

Gul Hayat Institute

# مخدوم عثمان لال شهباز قلندر

بيا اي مطرب و ساقي! سماع و ذوق را درده،
که من از شاديءِ وصلش قلندر وار مي رقصم.
(لب تاريخ)

## نالو ۽ حسب نسب

نالو سيد عثمان، لقب شمس الدين لال شهباز قلندر ولد سيد ابراهيم ڪبير قدس سره. سندس نسب اٺين پيڙهي ۾ وڃي امام جعفر صادق رضي الله عنه سان گڏجي ٿو.

## وطن ۽ پيدائش

حضرت لال شهباز 538هه ۾ آذر بائيجان جي علائقي جي مرند (Marand) ۾ تولد ٿيو. آذربائيجان ايران جي اترالهندي ۾ هڪ علائقو آهي. هت ٽن بزرگن جي ڪري ٽي شهر تاريخي حيثيت ڪري مشهور آهن: (1) مرند (2) تبريز، جتي حضرت شمس تبريز بن علاءُالدين تولد ٿيو هو. ظاهري علم حاصل ڪرڻ کان پوءِ هڪ ڪامل بزرگ بابا ڪمال الدين خجندي کان علم باطني حاصل ڪيائين. حضرت شمس تبريز رحمة الله عليه مولانا جلال الدين رومي رحمة الله عليه جو مرشد هو. (3) اردبيل، هتي آغا صفي رحمة الله عليه اردبيلي جي زيارت گاهه آهي. سندس اولاد ايران جا صفوي سلاطين هئا. جن مان شاهه اسماعيل، شاهه

Gul Hayat Institute

طهماسپ، شاھ عباس وڏي دبدبي ۽ حشمت وارا ٿي گذريا آهن.

آذربائيجان جي آبهوا محبوب جي زلف عنبر شميم وانگي جان افزا آهي، هتي جون عورتون نهايت ئي حسين آهن. مثال لاءِ شاعر خسرو حضور سرور ڪونين عليه الصلوات والسلام جي حسن جي تعريف ڪندي، آذربائيجان جي حسينن ڏانهن اشارو ڪندي فرمائي ٿو:

*اے چہرہ زیبای تو۔ رشک بتانِ آذری۔*

### تعليم ۽ تربيت

حضرت لال شهباز قلندر قرآن شريف جي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ، ٻين ظاهري علمن کي عبور ڪرڻ بعد باطني علم، وقت جي وڏي ولي بابا ابراهيم ڪربلائي کان حاصل ڪيو ۽ خاص طرح علم تصوف ۾ مرشد کان خرقہ خلافت حاصل ڪيائين.

### مڪران ۾ سڪونت

عام تذڪرن ۽ تاريخن ۾ لکيل آهي تہ حضرت لال شهباز قلندر مرشد کان خرقہ ڏڪي ملتان پهتو هو. اهو بيان بلڪل غلط آهي. چاڪاڻ تہ مڪران جي بلوچن جو چوڻ آهي تہ، اسين قلندر لال شهباز جا مريد آهيون. انهن جي اها دعوي حقيقت افروز آهي، ڇاڪاڻ تہ مڪران جي هڪ صحرا ۾ ڪجهہ وقت ورد وظيفي ۽ مراقبي ۾ گذاريو هئائين. اهڙي ثبوت لاءِ مڪران جي متئين صحرا کي بلوچ اڄ بہ ”دهشت شهبانز“ (1) سڏين ٿا. بلوچ شهباز کي پنهنجي بلوچي زبان ۾ ”شهبانز“ سڏيندا آهن. تذڪره نويسن ۽ مؤرخن کي ”دهشت شهبانز“ جي اڄ تائين خبر ڪانہ آهي، هي بيان آءٌ ان ڪري ڏيان ٿو تہ جيئن آئنده لاءِ اها غلط فهمي متنجي وڃي.

### ملتان ۾ آمد

حضرت لال شهباز قدس سره جي ملتان ۾ پهچڻ وقت، ملتان ۾

سنڌ جو حاڪم شهزادو محمد خان هو جو پنهنجي پيءُ سلطان بلبن پاران گورنر هو ملتان انهن ڏينهن ۾ صوفيائي ڪرام جي وجود ڪري رشڪ ارم هو. شهزادو محمد سلطان غياث الدين بلبن جو پيارو پٽ هو.

شهزادو سلطان محمد اوصاف حميده سان آراسته هو. علم ۽ هنر، دانش ۾ بيمثل هو عالمن، اديبن، اولياءِ ڪرام ۽ شعراءِ ڪرامن سان هن کي والهانه محبت هئي. انهن خوبين کان سواءِ عدل ۽ آئين جهان باني ۾ ڪمال مهارت رکندڙ هو. سندس دربار ۾ امير خسرو ۽ خواجه حسن به مشهور شاعر رهندا هئا. هن محسن ادب جون راتيون به بزم آرائي ۾ گذرنديون هيون، جن ۾ شاهنامه فردوسي، ديوان، خاقاني، انوري ۽ خمسه مولوي نظامي گنجوي ۽ امير خسروءَ جا اشعار ٻڌندو هو. امير خسروءَ جو چوڻ آهي، ته سخن شناسي ۾ شهزادو پنهنجو مٽ پاڻ هو. هن سخن فهم شهزادي وٽ هڪ مختلف شعرن جو بياض لکيل هو جن ۾ وڏن شاعرن جي شعر جو انتخاب ڪيل هو. اهو بياض شهزادي شهيد ٿيڻ بعد امير خسروءَ کي عنايت ڪيو هو.

اولياءَ الله جو ايتري قدر احترام ڪندو هو جو حضرت شهباز قلندر قدس سره کي عرض ڪيائين ته مان، اوهان لاءِ ملتان ۾ هڪ خانقاهه تعمير ڪرائڻ جو ارادو ڪيو آهي ۽ ڪي ڳوٺ خرچ پکي لاءِ نذر ڪريان. مگر قلندر شهباز اها درخواست منظور نه ڪئي. قلندر شهباز کان سواءِ سماع جي محفل ۾ شيخ صدرالدين بن مخدوم بهاءُالدين ذڪريا ملتاني رهندا هئا. سماع جي محل ۾ صوفياءِ ڪرام جڏهن عربي اشعار ڳائيندا هئا، ان وقت شهزادو محمد سندن پير ۾ هٿ ٻڌي بيهندو هو ۽ صوفياءِ ڪرام جي رقص کي ڏسي زارو زار روئندو هو. اهڙي رقت انگيز رقص ڪري ملتان ”رشڪ گلستان“ بڻجي ويندو هو. شهزادي شيخ مصلح الدين سعدي شيرازي ڏانهن به دعوت نامو اچڻ لاءِ موڪليو هو مگر شيخ صاحب پيرسني سبب اچڻ کان معذور هو.

ملتان شريف انهن ڏينهن ۾ باغ بهار هو. حضرت بهاءُ الدين ذڪريا ملتانيءَ جو ڏونڪو وڄي رهيو هو. حضرت لال شهباز قلندر به مخدوم صاحب جو مريد ٿيو جتان فيض حاصل ڪيائون.

**سيوهڻ ۾ ورود مسعود**

سال 649هه ۾ لال شهباز قلندر سيوهڻ ۾ نزول اجلال فرمايو. سيوهڻ انهن ڏينهن ۾ سنڌ جو مشهور قحبه خانه هو جتي بد پيشه عورتون رهنديون هيون. شاهدانه بازاري جا به طبقا هئا:

(1) راڳيندڙ نچڻين جو طبقو جيڪي ڍولڪ تي شهر جي چوسولن ۾ (پڪاوجه) ڳائينديون هيون.

(2) ٻئي طبقي جون عورتون فلڪ فرسا رنگ محلن ۾ رهنديون هيون. امير ۽ شاهوڪار سندن گانا ٻڌڻ ايندا هئا ۽ هزارين رپيا انهن ڪافر ادائن جي غمزن ۽ اداڪارين متان نثار ڪندا هئا. ٻنهي طبقن جون رقاصائون چنڊال قوم مان هيون. يعني ته راجا ۽ برهمڻ دراوڙ قوم جي داسين سان وڏيڪ شاديون ڪندا هئا. انهن داسين جي بطن مان جيڪي اولاد ڄمندي هئي انهن کي چنڊال چوندا هئا. جي نهايت پيڪر حسن هيون ۽ شهرين جا خزانه مال غنيمت وانگر لٽينديون هيون. ڪنهن کي مجال ڪانه هئي جو لٽ مار جو تدارڪ ڪري سگهي. حافظ شيرازي اهڙين شاهدانه بازاري متعلق جيڪو شعر چيو آهي سو اهل نظر اڳيان پيش ڪريون ٿا:

فغان کيں ولويان شوخ شيريں کار شهر آشوب،
چنان بردند صبر از دل کهتر کان خواهد يغمارا۔

**شرح**

(هن شعر ۾ خواجه حافظ فرمائي ٿو ته معشوقانه بازاري بوءِ حسن جي سبب ڪري سڄي شهر لاءِ مصيبت هئي. چاڪاڻ جو اهي نوجوانن جي دلين کي قيد ڪنديون هيون ۽ پاڻ ڏانهن مائل ڪنديون هيون. خواجه ان ڪري دانهون ڪري ٿو ته اهڙين بازاري شوخ حسينن جو ڪو تدارڪ ٿئي.)

خواجه صاحب جيڪي فرمايو آهي، اهڙيءَ ساڳي حالت سيوهڻ سان لاڳو هئي. ڪنهن کي به مجال نه هئي، جو انهن بد پيشه عورتن جو تدارڪ ڪري سگهي.

Gul Hayat Institute

## ڪرامات

مخدوم عثمان الحسينيءَ شهر جي ان هنڌ تي منزل ڪئي، جتي بد پيشه عورتن جو عظيم اڏو هو. هن پهچڻ سان هي ڪرامت ڏيکاري جو شهر جي بدڪار عورتن جو اڏو پٽجي ويو ۽ اهي عورتون توبه تائب ٿي ياد خدا ۾ مشغول ٿيون. ان وقت قلندر لال شهباز جي عمر 111 سال هئي. سيوهڻ سندن اچڻ ڪري دارالسلام بنجي ويو. جنهن بعد قلندر شهباز فقط هڪ سال زنده رهيو. سال 650هه مطابق 1323ع ۾ وفات ڪيائين.

اسان مٿي ڄاڻائي آيا آهيون، ته قلندر جي ورود مسعود ڪري سيوهڻ دارالسلام بڻجي ويو. ان ثبوت لاءِ قلندر شهباز جي اچڻ کان پوءِ يارهن سال گذرڻ بعد شيخ ابن بطوطه 1334ع ۾ سيوهڻ پهتو هو. جو ڄاڻائي ٿو ته،

> "شهر جي جامع جو خطيب شيباني هو جنهن وٽ عمر بن عبدالعزيز رضي الله عنه جو ڪليل پروانو هو. ابن بطوطه اڳتي هلي لکي ٿو ته، مخدوم عثمان مريندي جي خانقاهه تي هڪ عمر رسيده مجاور شيخ محمد بغدادي سان ملاقات ٿي، ابن بطوطه اڳتي هلي لکي ٿو ته آءُ مدرسي جي هاسٽل ۾ ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون مهمان رهيو هوس." (عجائب الاسفار ج2)

حضرت لال شهباز قدس سره ساري ڄمار مجرد رهيو. ان ڪري پنهنجي ڪابه اولاد ڪونه ڇڏيو.

## طريقت

حضرت لال شهباز قلندر کي لال ان ڪري سڏيندا آهن جو ڳاڙهو جامو پائيندا هئا. جن ڏينهن ۾ هو سنڌ ۾ آيو هو ان وقت هتي اسلامي تبليغ جو دور هو. سنڌ ۾ راشده، فاروقي، صديقي، سهروردي، رضوي، خلافتن جو مسندون قائم ٿي چڪيون هيون. قلندر شهباز جي اچڻ ڪري سنڌ ۾ قادري طريقو رائج ٿيو. جو حسن بصري، حضرت علي ڪرم الله وجهه کان حاصل ڪيو هو. هي طريقو عرب ۽ هندستان ۾ گهڻو مشهور ٿيو. (اسوة صحابه ج 2)

Gul Hayat Institute

**شعر و شاعري**

جيڪي بہ صوفياءِ ڪرام ٿي گذريا آهن، اهي ڪرامات ڪان وڏيڪ پنهنجن ڪلامن جي ذريعي تصوف جي تبليغ ڪندا آهن. حضرت لال شهباز جي ڪلام ۾ وحدت الوجود ڏانهن اشارو ڪيل آهي. اسين قارئين جي خدمت ۾ سندن ڪجهہ ڪلام پيش ڪريون ٿا، جيڪو فارسي زبان ۾ آهي، ايئن چوڻ درست آهي، تہ سنڌ جي فارسي شعراءِ ڪرام مان دور اول جو شاعر ٿي گذريو آهي:

ز عشق دوست هر ساعت دروں نار می رقصم
گهے بر خاک می غلطم، گهے بر خار می رقصم
شدم بدنام از عشقت بیا ای یار من اکنوں
نمی ترسم ز رسوائی بهر بازار می رقصم
بیااے مطرب وساقی اصلش قلندر دار می رقصم
منم عثمان مرتدی که یار، خواجه منصورم
ملامت می کند خلقی که من بردار می رقصم
(لب تاریخ)

من آن درم که در بحر جلال الله بوده ام
بکوه طور با موسیٰ کلیم الله بوده ام
گهے زنار می بستم گهے قرآن می خوانده ام
گهے در مذهب ترسا بسی محنت کشیده ام
دو صد جامه کهن کردم لباس فقر پوشیده ام
بران برجی که من بودم فقر هزاران یک رسیده ام
با سماعیل پیغمبر با ابراهیم بن آذر
دران سر وقت قربانی بقربان گاه بوده ام
اڈا ملا مکن ظاهر سر اسرار مردان را
ندانستی، ندانستی که سر الله بوده ام

Gul Hayat Institute

ایا عثمان مروندی چرا مستی دریں ءالم
کہ جز یاھو ویا من ھو دیگر چیزی نمی دانم

--

کمند عشق در گردان مرا مسرور خوش آید
خم و خمار و خرم ھم ازان مخمور خوش آید
مطلع میشود خورشید جلال من چو بر آید
جمالم میکند ھم بدر بانور خوش آید
تجلی جلالم کرد موسیٰ را بہ ب ھوشی
بہ بیں کار جلالم زا کہ چون بر طور خوش آید
بیا امردو راز بیں ازیں جا تو چرا لرزی
شھنشاھم بیزم من ھمہ مذکور خوش آید
قلندر من و شھباز مرا آشیانہ گوناں گوں
بہر جای روم آنگاہ با من نور خوش آید۔

**مخدوم قلندر جي درگاهہ**

سنڌ جون جيڪي جهونيون عمارتون آهن، انهن مان قلندر لال شهباز جو مقبرو هڪ جهوني عمارت آهي. ان تي جيڪي ڪتبا لڪيل آهن. تن مان ڪي ڪتبا انين صدي هجريءَ جا تہ ڪي يارهين صدي هجريءَ جا آهن. جيئن هڪ ڪتبي مان معلوم ٿئي ٿو تہ 7 رجب سن 757 ۾ ملڪ اختارالدين والي سيوستان، سلطان فيروز شاهہ تغلق جي زماني ۾ شيخ عثمان مرندي جي مزار تي روضو ٺهرايو جنهن کي ڇهہ ونگيون ۽ ست گنبذ آهن. ٻئي ڪتبي ۾ لکيل آهي تہ سيد جلال الدين والي سيوستان فيروز شاهہ تغلق جي زماني ۾ سن 758هہ ولي الله عالم الحق علي بغدادي جي قبر تي هڪ گنبذ بنايو. اهي ٻئي ڪتبا مزار واري ڪمري جي ٻاهرين ديوار تي لڳل آهن. باقي علاءُ الحق علي بغدادي جو احوال ڪنهن بہ تاريخ جي ڪتاب مان معلوم نٿو ٿئي. مگر

ابن بطوطہ اندلسي جڏهن سيوهڻ آيو ۽ لال شهباز جي روضي جي زيارت ڪيائين، تڏهن هن هڪ پير مرد محمد بغدادي سان ملاقات ڪئي، جيڪو روضي جو مجاور هو ان بزرگ جو علي بغدادي سان ڪو تعلق هو يا نہ. حيات نامہ قلندري مان معلوم ٿو ٿئي تہ علي بغدادي قلندر شهباز جو خليفو هو ۽ کيس وزير ڪري سڏيندا هئا.

## ڪتبو

بعہد دولت فیروز شاہ سلطان دین پرور
بروز کہ خاک در گہ سازند شاهان جهان افسر
از انکهی کہ بر تخت شهنشاهی نشست این شہ
سراسر گشت گیتی از شعاع دولتش انور
عبارت شد مقام شیر عثمان مرندی کو ولی اللہ باز
اسفندر میر بحر بودم وهر اگرچ اولیا اندر زمان
شیش بس بودند ولیکن در کرامت بود او از
(همگران بر تر است)

هئي ڪتبي ۾ هيٺين ريت لکيل آهي، ان ۾ ڪي اکر ڇڄي پيا آهن، جي پڙهڻ ۾ نٿا اچن:

شد بناءِ گنبذ عالی بعهد شهریار شاہ
فیروز انکہ بگرفتہ ست گبران زو فرار
می سرد مر بندہ درگاہ شاہ دهر را
کو کند در سرفرازی بر سلاطین افتخار
برسر شیر ولی اللہ علاؤالحق علی
بود از بغداد و اندر صف نیکاں در شمار

Gul Hayat Institute

**حيات نامه قلندري ۾ هڪ ڪتبو**

کرد بنیادش بملک سیرت ملک
ارشد کہ او

هن مان ظاهر آهي تہ گنبذ جو باني ملڪ ارشد آهي، اورينٽل جي ميگزين جي مصرع مان سيد جلال الدين باني معلوم ٿئي ٿو

انهن ڪتبن کان سواءِ ٽيون ڪتبو خط نستعليق ۾ لکيل آهي، جو شاهجهان جي مشهور امير بهرور عرف ديندار خان لڳرايو هو. ان ڪتبي جو ترجمو هي آهي:

> حضرت مخدوم لال شهباز جو روضو جڏهن سلطان فيروز شاهہ جي زماني ۾ تيار ٿيو تہ ان جي تاريخ پٿر تي لڳائي ويئي هئي. ان کان پوءِ مرزا جاني بيگ جي زماني ۾ وڏو گنبذ ٺهرايو ويو. ان فيروز شاهي واري ڪتبي جي پٿر کي هڪ طرف اچلائي ڇڏيو. جڏهن سيد بهروز عرف ديندار خان شاهجهان جي زماني ۾ روضي جي صحن کي فرش لڳرايو هو ۽ بہ مسجدون ٺهرايون، تہ انهن قديم ڪتبن کي خانقاه جي ديوار ۾ نصب ڪرائي ڇڏيو. جيئن گذريل بادشاهن جي يادگار قائم رهي.

هر سال ماه شعبان المعظم جي مهيني ۾ درگاهہ تي وڏو ميلو لڳندو آهي.

***

Gul Hayat Institute

# حضرت قلندر شهباز

هزار نڪتہ باريڪ ترزمو اينجاست،
نہ هرڪہ سر بتر اشد قلندري داند.

عام طرح صوفياءِ ڪرام جا رڳو چار طريقا مشهور آهن سهروردي، قادري، چشتي ۽ نقشبندي. انهن مڪيہ سلسلن جو مختصر احوال ”تذڪره شهباز“ ۾ جناب ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب ڏنو آهي. پر قلندري طريقو جيترو ئي اهميت وارو ۽ انوکو آهي اوترو ئي اڻ لکو ۽ نامعلوم پڻ آهي. مٿي ذڪر ڪيل ”تذڪره شهباز“ جي مهاڳ لکندي مون چتاءُ ڏنو هو تہ اسلامي تصوف ۾ قلندري طريقي جي مقام ۽ قلندري طريقي ۾ شهبازي قلندري جنس جي جاءِ شهبازي قلندري مسلڪ ۾ مستي جو مفهوم وغيره بہ اجا بحث طلب نڪتا جاتا وڃن تہ بهتر ٿيندو. جيستائين انهن سيني پاسن تي پوري روشني نہ پوندي تيستائين حضرت قلندر لال شهباز جو مخصوص فلسفو عمل ۽ عقيدو پليءَ پانت پڌرا نہ ٿيندا.

”قرب قلندر“ ۾ مون مستيءَ جو هڪ هلڪو خاڪو پيش ڪيو هو ۽ ان ۾ شڪايت ڪئي هيم تہ قلندري طريقي بابت گهڻي غلط فهمي پيدا ٿيل آهي جنهن کي دور ڪرڻ جي ضرورت آهي.

ڪوشش ڪري هن موقعي تي قلندري طريقي تي روشني وجهڻ گهران ٿو. انهيءَ لاءِ تہ مٿي اشارو ڪيل مهم جي پيروي ڪرڻ ۾ هڪ قدم تہ اڳتي وڌي.

Gul Hayat Institute

**قلندري طريقي باب سنڌيءَ ۾ اڳ لکيل ڪتاب**

حڪيم فتح محمد صاحب سيوهاڻي سنڌي ٻوليءَ ۾ ”مخزن راز تذڪره لال شهباز“ جو سڌاريل نسخو 2 ڊسمبر 1920ع ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو. هن صاحب قلندري طريقي بابت ان ۾ تحقيقات صوفيہ، خيرالمجالس، حقيقت السلوڪ، ڪشف اللغات، مصباح الهدايت ۽ بياض واحدي مان ٽڪرا چونڊي پيش ڪيا آهن پر هيءَ ڪتابناياب ٿي چڪو آهي. ميمڻ عبدالمجيد صاحب پنهنجي ”تذڪره شهباز“ ۾ اهي سمورا احوال سهيڙي سموهي ڏنا آهن جتان ڏسڻ گهرجن. هن وڌيڪ سر الاولياءَ، اخيار الاخبار، تذڪرت الفقراءَ، خزينت الاولياءِ، تحقيقات الصوفيا مان بہ روشني حاصل ڪئي آهي ۽ قلندري طريقي کي هڪ جدا مستقل طريقي قرار ڏيڻ بابت بحث ڪيو آهي. هت انهيءَ سڄي بحث کي آڏبو تہ قصو ڊگهو ٿي ويندو بهتر آهي تہ رايا ۽ انهن بابت بحث انهن ٻنهي ڪتابن مان پڙهي پوءِ هن مضمون کي هيانو سان هنڊائجي.

**قلندري شهبازي طريقو**

اسلام جي ابتدا کان ئي زاهد، عابد هڪ طرف تہ صوفي ٻئي طرف شروع ٿي ويا. پهريائين چارئي خليفا زاهد، عابد، عالم، مجتهد ۽ صوفي هئا. ”تاريخ تصوف اسلام“ ۾ رئيس احمد جعفري بہ کولي ٻڌايو آهي تہ ڪئين اچا وحيءَ جو نزول ٿي نہ ٿيو هو تہ حضرت ابوبڪر صديق، حضرت عمر فاروق ۽ حضرت عثمان غني ۽ حضرت علي المرتضيٰ جون زندگيون روحاني ۽ پاڪ زندگيون هيون. تاريخ خلفاءِ ۾ مولانا جلال الدين سيوطي صاف ڪيو آهي تہ اسلام آڻڻ کان اڳ ۾ ئي ڪافي سڳوريون هستيون پاڪ ۽ صاف ٿي چڪيون هيون. بلال حبشي، سلمان فارسي، صهيب رومي، ابوذر غفاري، حذيفا بن يمان ۽ مصعب بن عمير جون زندگيون بہ روحاني رنگ ۾ رنڱجي ويون هيون. بلبل جي اچڻ کان اڳ ۾ ئي باغ ۾ چمن لڳندا آهن. شاخون بلند ٿينديون آهن، هير گهلندي آهي ۽ مکڙيون نڪري نروار ٿينديون آهن.

Gul Hayat Institute

خود حضور ﷺ جي حيات طيبہ تي نظر وجهبي تہ نبوت کان اڳيئي "امين" مشهور ٿي چڪا هئا. غار حرا جي تنهائي، دنيا کان دوري ۽ باطل کي حق کان الڳ ڪرڻ سندن روحاني زندگيءَ جا اهڃاڻ هئا. اها نبوت جي تمهيد هئي.

جڏهن قرآن پاڪ نازل ٿيو تڏهن ان سان گڏ حڪمت ملڻ جو ارشاد پڻ ٿيو. هن مان مسلمانن قرآن ۽ حڪمت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ رسول ڪريم ﷺ بنهي جي تعليم ڏيڻ لڳو. ڪردار ۽ گفتار، عبادت سان گڏ رياضت ۽ مجاهدت جو دور شروع ٿي ويو جن جا جملہ ست ٽنيا شمار ٿيڻ لڳا. پهريون قلندر حضرت عبدالعزيز مڪي هو جنهن جو استغراق 40 سالن جي مدت جو هوندو هو. وڌيڪ احوال ڏسجي مفتاح الغيب ص 30. هي ڪتاب شيخ حبيب الله جو سن 1933ع ۾ اشرف برقي پريس سيال ڪوٽ ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. حضرت عبدالعزيز صفہ مان هو ۽ کيس قلندري جو لقب بہ جناب رسالت مآب ﷺ ڏيڻ فرمايو هو.

رسالہ غوثيہ ۾ آيو آهي تہ قلندري سرياني زبان ۾ الله تعاليٰ جي نالن مان هڪ نالو آهي ۽ ان کي اسماءُ الله ۾ شمار ڪرڻ گهرجي. چوٽي آهي تہ صوفي جڏهن منتهي ٿو ٿئي تڏهن هو قلندر ٿو ٿئي. اويس قرني، شمس الدين تبريزي، جلال الدين رومي، فخرالدين عراقي، خواجہ حافظ شيرازي، مسعود بڪ چشتي، مخدوم علاؤالدين، علي احمد صابر، سيد شمس الدين ترڪ پاڻيپت وارو، شيخ شرف الدين بو علي قلندر، سيد محمد گيسو دراز گلبرگ وارو، شيخ نصير الدين روشن چراغ دهلوي سڀ قلندري طريقي وارا هئا. مشاهير اسلام جلد اول ۾ مولانا شهباز محمد ڀاڳلپوري کي طريقت شهبازي جو باني سڏيو ويو آهي. سندس اسم مبارڪ جلال الدين بخاري ذڪر ڪيل آهي. ۽ سندس والد بزرگ جو اسم گرامي مولانا شاهہ خطاب لکوي آهي. ان جو مطلب تہ شهبازي طريقي وارا رڳو بہ سڳورا ٿيا هڪ هيءُ صاحب ۽ ٻيو اسان جو قلندر لال شهباز.

**قلندري طريقي جو امتيازي فرق**

فقر اختياري، قلندري طريقي جو امتيازي جزو نہ آهي. درويش جو ان سان خاص تعلق نہ آهي. دنيا کان منهن موڙي عالم بالا ۽ حقيقت سان واسطو پيدا ڪرڻ سموري تصوف جي جان آهي. جذب محويت حيرت تہ صوفين کان سواءِ سائنسدانن، فيلسوفن ۽ شاعرن وغيره تي بہ طاري ٿي سگهي ٿو چاڪاڻ تہ اهي غور ۽ فڪر ۽ اندرين اک جي کلڻ جا اهڃاڻ ٿين ٿا. ساڳيءَ طرح مراقبہ ۽ استغراق بہ قلندري جو خاص جزو نہ آهن. سڄي روحاني زندگي ۾ اهي لازم ملزوم ٿين ٿا ۽ اتلندو مڪر ۽ مايوسي کي سيئي چوٽي جا صوفي نندين ٿا ۽ بيداري ۽ هوشياري جي تائيد ڪن ٿا. اهڙي لاهہ ۽ چاڙهہ کي امير خسرو هنن لفظن ۾ ڏڪاريو آهي:

عاشقان را در جہاں یکساں نبا شد روز گار،
زانکہ این انگشتها بر دست من هموار نیست۔

سعدي دانهن ٿو ڪري:

گہے بر طارقِ اعلیٰ نشینم،
گہے پشت سرِ پاخود نبینم۔

شاهہ يٽائي انهيءَ ۾ ٻڌ چڙهہ جو سبب دل جي بند ۽ ڪشاده بابت ٻڌائي ٿو:

ڪڏهين من ماڪوڙي، ڪڏهين ڪيهر شينهن
سرتيون سارو ڏينهن، ناهيان مان هڪ حال تي.

انهيءَ ڪيفيت تي مولانا رومي صوفي کي ابن الوقت ٿو سڏي:

صوفی ابن الوقت باشد اے رفیق،
نیست فردا گفتن از شرط طریق۔

بوعلي قلندر پنهنجي حال کي هيئن ٿو تسليم ڪري:

Gul Hayat Institute

شدم چوں مبتلای انهادم سر پای او،
شدم محو لقای او نمی دانم کجا رفتم۔

قلندر دراصل اهو صوفي آهي جنهن جو عقل بقول امام محمد غزالي جي نہ رڳو دنيوي خلافت جي تخت جي اردگرد گهمندڙ هجي پر عرش واري تخت جي چوڌاري بہ چڪر ڪاٽيندڙ هجي ۽ هڪ طرف روح اقدس (عقل ڪل) سان تہ ٻئي طرف رسول ڪريم ﷺ سان وابستہ هجي. تفاوت رڳو هيءُ آهي تہ امام غزالي هي ڪم، عقل کي سونپي ٿو پر ٻيا صوفي عشق يعني قلب کي اڳواڻ مڃين ٿا. مقصد ساڳيو آهي تہ هر معاملي ۾ امر الاهي جي تلاش هجي. عرف عام ۾ هن کي چئبو آهي "هٿ هاج ۾ دل يار ڏي" جڏهن انسان قدر ۽ جبر جي مسئلي ۽ عقل ۽ عشق جي جهيڙي جي اونهي جاچ تو وني تڏهن وٽس اسلام کان سواءِ يعني رضا الاهي جي اڳيان سر تسليم خم ڪرڻ کان سواءِ ٻيو چارو نہ آهي. جيڪي هر معاملي ۾ امر جو انتظار ڪن ٿا ۽ جن کي اهو ملندو رهي ٿو سي سنئين واٽ تي سولائي سان هلن ٿا ۽ پناهہ ڪيل تين ٿا اهي آهن قلندر. اهي رڳو صحيح عمل کي سڃاڻن ٿا ۽ سوچ ويچار ۽ اختيار جي پنيان نہ ٿا پون. عمل جو اشارو هنن کي خود خالق کان ٿئي ٿو. انهن ۾ شهباز اهي آهن، جن جي عقابي اک هميشہ رشد رزق ۽ روزي کي عرش تي تلاش ڪندي رهي ٿي ۽ جن جو پرواز بند نہ ٿو ٿئي جن ۾ لاهہ ۽ چاڙهہ اصل ڪونہ آهن.

Gul Hayat Institute

**عمل جا نمونا ۽ بنياد**

هڪڙا عمل غير اختياري آهن جهڙوڪ اک جو ڇنڀڻ، اوٻاسي جو اچڻ، رت جو دورو ، ساهہ جو کڻڻ وغيره. ٻيا عمل جذباتي آهن جي انسان جي لاشعوري حرڪات تي ٻڌل آهن. بنيادي امنگون انهن کي (اسين چاهيون يا نہ چاهيون) زور تي پيدا ڪنديون رهن ٿيون. ٻيا عمل سوچ ۽ ويچار، چونڊ ۽ چنڊڇاڻ جو نتيجو آهن. هتي بہ امنگون ۽ جذبات ڪارستاني ڪن ٿيون، پر تجربي، عقل ۽ سوچ جي آڌار تي

انسان انهن کي ڪنهن واٽ سان وٺي هلي ٿو. ٻيا عمل خالص عقيدي پٽاندڙ هوندا آهن ۽ اجا ڪي ٻيا اخلاقي اصول يا ملڪي قانون ماتحت. مگر ظاهر آهي تہ هي سڄو گورگ ڌنڌو اهڙو آهي جيڪو اڪثر حالتن ۾ ماڻهو شيڪسپيئر جي هئمليٽ وانگر منجهيو پوي تہ ٿيان يا نہ ٿيان ۽ هينئن ڪيان نہ ڪيان. سائنسدان چون ٿا تہ انسان جڏهن ٻن ٽن ڳالهين مان سوچ ويچار بعد هڪ کي چونڊي ٿو تہ انهيءَ چونڊ ڪرڻ ۾ سندس تجربو مددگار ٿئي ٿو ۽ تجربو امنگن، جذبات ۽ ارادن جي شڪل ۾ ضمير طور لاشعور ۾ محفوظ ٿو رهي پر حضرت علي ڪرم الله وجهہ هن دليل جو ڀاندو هن سوال پڇڻ سان ڀڃي ٿو وجهي تہ پلا پوءِ هڪ فيصلي تي پهچڻ بعد اهو فيصلو انسان ڪيئن مٽائي بہ وٺندو آهي؟ جڏهن ارادا بدلجي وڃن ٿا تڏهن معلوم ٿو ٿئي تہ الله بہ آهي جو دلين جي ڳالهہ جو مالڪ آهي ۽ ڪيل ارادا بہ مٽائي وجهي ٿو. هو چوي ٿو تہ انهن ارادن جي بدلجڻ مان ئي مون خالق کي پروڙي ورتو آهي. قرآن جي پهرئين سورة فاتحہ ۾ ئي ماڻهن جا ٽي گروهہ ٻڌايل آهن. هڪڙا اهي جن کي سنئين واٽ تي هلايو ٿو وڃي، ٻيا اهي جيڪي غضب ڪيل آهن ۽ ڀٽڪي وڃڻ وارا آهن ۽ ٽيان اهي جيڪي ڀٽڪڻ بعد موٽي ڀاڻ تي اچن ٿا. قلندر هن سڄي رولڙي کان پار پئي خدائي منشا جا محتاج ٿي ويندا آهن. بس اهو آهي قلندري طريقي جو خاص شيوو ۽ اصول، رڳو صحيح عمل تي زور ڏيڻ سبب هو خيالن ۽ فلسفي جي چوٽن ۽ تصادم کان بچيل رهن ٿا. اهوئي سبب آهي جو هنن کي ”صلح ڪل“ سڏيو وڃي ٿو.

شرف در عشق تہ گشت آن،

قلندرڪہ هفتاد و دو ملت يار دارد.

هن قلندرانہ قسم جي عمل کي چين جي ٽانو قسم جي عمل يا ٻڌ ڌرم جي نيڪ عمل يا مغربي فلسفي واري وقت جي حالتن پٽاندڙ جيڪو چڱو عمل نظر اچي (Pragmatism) ان کان نروار ڪرڻو آهي، جو هنن ٻن قسمن جي عملن ۾ وقتي دنيوي مصلحت، يا مدافعت يا شخصي رعايت يا ذاتي مفاد ڪم ڪندڙ هوندو آهي، مگر قلندرانہ

عمل ۾ خالص للاهيت هوندي آهي. پهرئين قسم جي عمل ۾ خدا جي خوشي مدنظر هوندي آهي ۽ ٻئي قسم جي عملن ۾ پنهنجي خوشي مدنظر هوندي آهي يعني (Hedonism) موجب عمل هوندو آهي.

### هن قسم جي عمل جي شروعات

هن قلندرانہ قسم جي شروعات رسول ڪريم ﷺ کان ٿي، قرآن پاڪ جي سچي تعليم جو زور هو دليل ۽ حجت تي پر جنگ بدر ۾ رسول ڪريم ﷺ جو مٺيءَ جي مٺ اڇلڻ هڪ اهڙو عمل هو جنهن کي نہ جادو چئي سگهبو نہ دعا. اها مٺ مٽي جو طوفان بڻجي ڪفار جي لشڪر تي ڪڙڪي ۽ هنن جا پير اکڙجي ويا ۽ شڪست کائي ڀڳا. الله تعاليٰ يڪدم آيت نازل ڪئي تہ اي محمد ﷺ اها مٽيءَ جي مٺ تو نہ اڇلي هئي پر مون اڇلي هئي. هن مان تصديق ٿي تہ هي عمل ايزدي منشا مطابق هو. ان کان اڳ ۾ جو مسلمانن جا پير واريءَ تي ٿي نہ ٿي ڪتا سو حضور ﷺ جي دعا تي بارش پئي هئي جنهن نہ رڳو واري کي ڄمايو پر پيئڻ لاءِ پاڻي بہ موجود ڪيو.

حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جو مسجد ۾ خطبي ڏيندي ٽي دفعا پڪارڻ تہ "اي ساريہ! جبل ڏي وڃ." تہ هڪ اهڙو فعل هو جنهن جي نزاڪت ۽ نفع جي پوءِ خبر پئي تہ ٽي سو ميل پري ڪفارن سان جنگ ڪندڙ حضرت ساريہ کي اهو وقت تي حڪم نہ پهچي ها تہ هو بري طرح شڪست کائي وڃي ها. حضرت عثمان ذوالنورين جو فسادين خلاف دفاع بہ نہ ڪرڻ ۽ ايئن شهادت جو جام پيئڻ هڪ اهڙو قدم هو. ورنہ مدد طلب ڪرڻ تي مسلمانن ۾ ايترا ماڻهو هئا جي سندن بچاءُ ڪري وٺن ها پر ساڳئي وقت هڪ اهڙو غيبي اشارو نہ ٿيو. شايد مسلمانن ۾ خانہ جنگي جو بنياد هن سڳوري جي خلافت ۾ پوڻو نہ هو. حضرت علي شير خدا جو خيبر کي فتح ڪرڻ بہ اهڙو قلندري ڪم هو. شاهہ ولي الله "الانتباهہ في سلاسل اولياءَ الله" ۾ لکڻ فرمايو آهي تہ ناد علي جو وظيفہ باعث برڪت ۽ بچاءُ هر بلا جو آهي.

هن قسم جي عمل جو بگاڙ:

عوارف المعارف ۾ حضرت شهاب الدين سهروردي قلندرانہ قسم جي بگاڙ طرف ڌيان ڇڪارايو آهي. هڪ تہ قلندري ملامتي فرقہ وانگر عوام جي وضع قطع جا پابند نہ ٿيا ۽ ٻيا وري آزاد رندن جي مسلڪ تي هلڻ لڳا ۽ شريعت جي پابندي کي تقليد سمجهي ڇڏي ڪرڻ لڳا. حالانڪ جو اصل حقيقت بنجڻ چاهي ٿو سو ضرور حقوق بندگي ۾ جڪڙيل هوندو. هن گمراهي ۾ اهي بہ آهن جيڪي سمجهن ٿا تہ خدا هنن ۾ حلول ڪيو آهي. هي اثر هن جي خيال موجب عيسائين جي لاهوت ۽ ناسوت واري عقيدي مان ورتل آهن. حضرت سهل جو ذڪر آندو اٿس تہ هڪ شخص کان جڏهين پڇيو ويو تہ چوندو هو تہ هو هڪ دروازي وانگر آهي ٽيستائين نہ ٿو کلي يا بند ٿئي، جيستائين هن کي حرڪت ۾ نہ آڻجي. تہ حضرت سهل جواب ڏنو تہ اهي لفظ يا تہ هڪ صديق جا آهن يا زنديق جا. صديق ۽ زنديق ۾ هي فرق ڪيو اٿس تہ زنديق پنهنجي گناهن جو بار بہ خدا تي اڇلي وجهي ٿو پر صديق گناهہ کان توبہ ڪندو ۽ ان جو قبولدار ٿيندو.

منهنجي ناچيز راءِ ۾ حلول جو عقيدو ويدانت فلاسفي ۾ بہ آتما ۽ برهما ۽ جوڙ جي مسئلي ۾ بہ موجود آهي، منصور حلاج جڏهين سنڌ جي جوڳين کان منتر جادو سکڻ آيو هو تڏهن هي اثر وٺي ويو هوندو. جو مسلمانن صوفين ۾ حلول جو عقيدو پهرين هن سڳوري کان شروع ٿيو هو.

Gul Hayat Institute

**قلندرانه وصفون ۽ وٿون**

ڏاڙهي، مڇون، ڀرون ۽ مٿي جي ڪوڙائڻ جو قلندرن سان رواج لاڳو ٿي ويو آهي. سو سيد جمال مجرد جيڪو فعل مصر جي شهر دمياد ۾ ڪيو هو ان جي روايت کي زندهہ رکڻ لاءِ ۽ وقت بچائي الله پاڪ جي جمال ۽ ڪمال جي مشاهدي ماڻڻ لاءِ آهي. وڌيڪ احوال تذڪره شهباز (ميمڻ عبدالمجيد سنڌي) جي ص 28_ 30 تي ڏسجي. پٽڙ جو ڪٽڻ حضرت دائود جي ڪانپاٽي واري پٽڙ ڏانهن اشارو آهي جنهن سان

نفس اماره جي ديو کي مارڻو آهي. سمهڻ مهل سيرانديءَ ۾ بک ويل پيٽ سان ٻڌڻ جو ڪم ٿو ڏئي. جيئن امير ارادي جي مضبوطي لاءِ هيري جي منڊي جي ٽڪ ڪري پائيندا آهن تيئن قلندر ۾ درويش مستقل مزاجي جي مدنظر پٿر ڪٽندا آهن. جيڪو باهه ٻارڻ جو ڪم به ڏئي ٿو. لٺ مان اشارو حضرت موسيٰ جي عصا جو آهي. شهباز جي اک ڳاڙهي ۾ تجلي واري ۾ وڏي ٿيندي آهي. قلندر جي ڪڪوريل يا شربتي اک به ان وانگر زمين ۾ آسمان کي هر وقت تاڙيندي رهڻ لاءِ تکي آهي. هن لالائي جو واسطو رت جي جوش، ڪاوڙ صفري جي غلبي، نشي ۾ اوجاڳي وغيره وارو نه بلڪ دموي طبيعت وارو ۾ جوش عمل لاءِ حرارت غريزي موجود هجڻ وارو آهي. سرخ رنگ حوصلو ۾ امنگ ۾ عمل ڪندڙ ۾ مزاج ۾ گرم هوندو آهي: سنڌ ۾ ڏاڙهي ۾ هٿن پيرن کي مينديءَ سان لال ڪرڻ، ڳاڙهي اجرڪ، چني، ڪٽن جا پاوا، مانڏاٽي جو ڳن، دلن جا ڍڪڻ وغيره سڀ ڳاڙهي رنگ تي هوندا آهن. تنهن ڪري هن من موهيندڙ مردانه رنگ کي قلندر جو قرب حاصل ٿيو ۾ شريعت جي سفيد رنگ، طريقت جي نيلگون رنگ ۾ معرفت جي سبز رنگ "بقول سرالاسرار فيما يحتاج اليه الابرار" ۾ قلندري جي سرخ رنگ جو واڌارو ٿيو. شادي جو ترڪ ڪرڻ به هڪ دوست سان ڳاڙهي سوسي، ڪناوير، لونگي، کيس، ڪٽو لوئي، فراسي، لاڄو دل لائڻ واسطي آهي. جيئن محبت ۾ گهاري نه پوي ۾ سماع به رقت قلب واسطي جائز قرار ڏنو ويو آهي. ڌمال ۾ ڏيرج سان متوازن چرپر خدائي لشڪر جي ڪوچ ڪرڻ يا حرڪت ۾ اچڻ جو اشارو ٿي رکي. هن جو فرق مولانا روم جي تيز رقص ڪندڙ درويش سان جاچڻ گهرجي. وڏيڪ بحث لاءِ ڏسجي منهنجو مضمون "مستي ئي قرب قلندر" ۾.

**(نوٽ: عقابي اک لاءِ وڌيڪ بحث جيڪو مون مشڪوات الانوار جي اوٽ ۾ ڪيو آهي سو ماهنامه نئين زندگي جي نومبر 1965ع واري پرچي ۾ صفحي 25-26 تي پڙهجي.)**

**

# قلندري مشرب، تاريخ جي روشني ۾

هزار نکته باريک ترزمو اينجا ست،
نه هر که سر بتر اشد قلندری داند۔

الاهي انوارن کي پسڻ ۽ ڏٺيءَ جي پرستش مان مزو ماڻڻ مڙني صوفين جو مرڪ ۽ من جي مراد رهي آهي، پر انهيءَ مقصد کي ماڻڻ لاءِ انهن جون رياضتون، ذڪر و فڪر ۽ ٻيا ذريعا جدا جدا رهيا آهن، ان ڪري سندن مشرف، طريقو ۽ دائرو به جدا جدا ٿي ويو ۽ اهي ڪن بزرگن، صوفين جي نالن وغيره ڏانهن نسبت ڪري هنن فرقن ۾ ورهائجي ويا: زيدي، عياضي، ادهمي، هبيري، قادري، سهروردي، چشتي، نقشبندي، شطاري، جنيدي، اويسي، گازروني، ملامتي، ۽ قلندري وغيره.

قلندري مشرب، هنن مڙني کان نرالو ۽ ممتاز رهيو آهي. جڏهن ته اسان جي سنڌڙيءَ جي سائين قلندر لال شهباز حضرت مخدوم عثمان مروندي، سيوهاڻي جو لاڳاپو به انهيءَ قلندري مشرب سان آهي، ان ڪري اسان کي اها اپٽار ڪرڻي آهي، ته قلندري مشرب ۽ طريقي جي ابتدا ڪيئن ٿي، قلندرن جو پيشوا ڪير هو ۽ هن مشرب وارن قلندري صوفين کي ڪهڙين منزلن ۽ مرحلن مان لنگهڻو پيو؟

”قلندر“ لفظ جي لغوي معنيٰ آهي درويش، شخص بي قصد بدنيا (1) يعني اهو درويش جنهن جو دنيا سان لاڳاپو ۽ سٻنڌ نه هجي. ”قلندر“ جي اشتقاق ۾ ڪن عالمن جي اها راءِ آهي، ته اهو لفظ اصل ۾ ”فرندل“ هو ۽ ”قرندل“ ڏانهن منسوب هجڻ ڪري قلندري ٿي ويو پر

لغت جي ڪتابن مان رشيدي، انندراج، فرهنگ نظام وغيره مان ان جي ساک نہ ٿي ملي. ٻي راءِ آهي تہ اهو لفظ ”ڪلندر“ (ننڍي ڪاف سان) بفتح ڪاف ۽ لام (1) آدم خشن و درشت و ناهموار بيڍنگو ماڻهو. ان مان عربي ۾ قري اها صورت ورتائين.

## قلندري طائفي جي تعريف

قلندري فرقي ۽ قلندرن جا اصول ڪهڙا ٿيندا آهن، ان بابت علامہ تقي الدين احمد بن علي المعروف بالمقريزي پنهنجي مشهور تاليف ڪتاب الخطط المقريزية ۾ قلندري مشرب وارن جي هن طرح وضاحت ۽ واکاڻ ڪري ٿو:

”القلندرية طائفة تنتمي الى الصوفية وتارة تسمى انفسها ملامتية وحقيقة القلندريه انهم قوم طرحوا التقيد باداب المجاسات والمخاطبات، والتزمو ان لايدخروا شيئا وتركوا الجمع والاستكثار من الدنيا۔“(2)

”قلندري هڪ اهڙو گروهہ آهي، جن ڪي صوفي چئجي ٿو ۽ اهي پاڻ کي ملامتي بہ سڏيندا آهن. قلندرن جي حقيقت اها آهي جو مجلس ۽ ڳالهہ ٻولهہ جي آدابن جا پابند نہ هوندا آهن ۽ اهي پاڻ وٽ ڪجهہ بہ ذخيرو نہ رکندا آهن ۽ نہ ڪي مال ۽ دولت ڪي ٺي ميڙيندا آهن، دنياداريءَ کان پاسيرا رهندا آهن.“

ساڳيو محقق قلندرن ۽ ملامتين صوفين ۾ فرق بيان ڪندي لکي ٿو تہ ”ملامتي صوفي لڪ چوريءَ ۾ الله جي عبادت ڪندو آهي ۽ قلندر ماڻهن جي رسم، رواج ۽ عادتن جي ابتڙ عمل ڪندو آهي ۽ اهو ڪنهن خاص شڪل جو پابند نہ ڪندو آهي، ان جو سارو زور خدا سان لنئون لڳائڻ ۽ دل کي راضي رکڻ ۾ هوندو آهي.“ (1)

هن دور جو هڪ محقق پروفيسر بديع الزمان، قلندر لفظ جي تحقيق ڪندي لکي ٿو تہ: قلندر جو لفظ پنجين صدي هجريءَ جي پڇاڙي ڌاري فارسي ٻولي ۾ آيو هن جو اصل ۽ ڏاتو پوري طرح معلوم ٿي نہ سگهيو آهي، پر ظاهر ۾ ايئن ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ اهو لفظ اصل ۾

سنسڪرت جو آهي. قلندر ماڻهن جي عام مذاق جي ابتڙ هلندا هئا ته جيئن انهن جي نگاهه ۾ ڪين حقير ڄاتو وڃي، جيئن ته اهي مٿي جا وار ونائيندا هئا ۽ ٻيا صوفي وار رکائيندا هئا. اهڙيءَ طرح ٻيا صوفي ڏاڙهي رکندا هئا، ته ڪي قلندر ڏاڙهي سان گڏ ڀرون به صاف ڪري ڇڏيندا هئا. ابن بطوطه اهڙن قلندرن کي ڏٺو ۽ ٻڌو آهي. (2).

**قلندرن جو سر گروهه ڪير آهي؟**

قلندري گروهه ڪٿان ڦٽو ۽ ان جو اڳواڻ ڪير آهي، هن بابت مشهور عرب سياح ابن بطوطه جي راءِ آهي، ته هن فرقي جو موجود شيخ جمال الدين قلندري ساوي آهي، جنهن جو قلندري تڪيو ۽ مزار دمياط شهر ۾ موجود آهي. ابن بطوطه رمله شهر کان دمياط ويو ۽ اهو شهر نيل درياءَ جي ڪپ تي اڏيل آهي. ابن بطوطه جنهن دمياط کي ڏٺو هو اهو نئون دمياط هو باقي آڳاٽو دمياط عيسائين هٿان اجڙي ويو هو.

ابن بطوطه دمياط لاءِ لکي ٿو ته قلندرن جي پيشوا شيخ جمال الدين ساويءَ جي قبر هتي آهي. هن قلندري ٽولي جو اهو دستور آهي ته اهي ڏاڙهي، مڇون ۽ ڀرون سڀ صاف ڪندا آهن. مان جڏهن اتي ويو هوس ته شيخ فتح تڪروري ان قلندري خانقاهه ۾ رهندو هو. اڳتي هلي ابن بطوط شيخ جمال الدين ساوي جي وارن جي صفائي بابت هن طرح قصو آندو آهي ته شيخ جمال الدين نهايت حسين ۽ خوبصورت هو سندس سونهن ۽ سوڀيا کي ڏسي شهر جي هڪ عورت مٿس عاشق ٿي پيئي. اها هميشه شيخ کي نياپا ۽ سنيها موڪليندي رهندي هئي ۽ واٽ ويندي به ساڻس ڇيڙڇاڙ ڪندي هئي. شيخ هميشه پاڻ کي بچائيندو رهيو. نيٺ جڏهن ان عورت ڏٺو ته شيخ جي پرهيزگاري ڪري رضا خوشيءَ سان ڪم نٿو نڪري، تڏهن ان آخري حيلو هيءُ هلايو جو ان هڪ پوڙهي ڏوتيءَ کي هٿ ڪيو. ان هڪ ست سٽي جو جڏهن شيخ مسجد ڏانهن نماز پڙهڻ وڃي رهيو هو ته پوڙهي سندس آڏو اچي کيس هڪ لفافو ڏيئي عرض ڪيو ته اهو خط منهنجي پٽ لکيو آهي، مهرباني ڪري پڙهي ٻڌايو. انهيءَ رستي تي ان عاشقانه

Gul Hayat Institute

عورت جو گهر بہ هو. پوڙهيءَ اهو بہ عرض ڪيو تہ سائين منهنجي پٽ جي زال گهر ۾ آهي ۽ ٽنيي جي اوٽ ۾ بيٺي آهي. اوهين مهرباني ڪري ڏيوڙيءَ ۾ هلي، اهو خط پڙهو تہ اها بہ ٻڌي. شيخ، پوڙهيءَ جو عرض اگهايو اجا اتي پهتو مس تہ پويان دروازو بند ٿي ويو. ايتري ۾ اها جوان عورت پنهنجين نوڪرياڻين سميت نڪري آئي ۽ شيخ جمال الدين کي گهلي ڪٽي اندر ڪيائون. شيخ ڏنو تہ هاڻي هنن کان بچڻ اوکو آهي، سو ڪاڪوس جو بهانو ڪري ويو بيت الخلا ۾، اتي وڃي ڏاڙهي ۽ پرون ڪوڙي بنهہ صاف ڪري پوءِ ٻاهر نڪتو. عورت کي شيخ جي اها قبيح ۽ ڪوجهي صورت ڏسي ڪانئس نفرت پيدا ٿي پئي ۽ نوڪرياڻين کي حڪم ڪيائين تہ هن کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. الله تعاليٰ شيخ جمال الدين کي ان طرح هڪ ڪبيره گناهہ کان بچائي ورتو. ان ڏينهن کان شيخ جمال الدين، زالن جي فريب کان بچڻ لاءِ پنهنجي اها ئي شڪل رکي ۽ سندس سلسلي جي پوئلڳن بہ شيخ جي پيروي ڪندي اها ئي شڪل رکي (۽ متن قلندر نالو پئجي ويو.) (1)

سفرنامہ ابن بطوطہ جو فارسي مترجم محمد علي موحد هن قصي جي وضاحت ڪندي لکي ٿو تہ قلندرن جو وارن ڪوڙائڻ واري رسم جو رواج هجري پنجين صدي کان پيو. اڳتي هلي ان بدعت کي روڪيو ويو ۽ سختيءَ سان ان تي عمل ڪيو ويو.

ان بابت مسلمانن جو عظيم مؤرخ ابن ڪثير ڪتاب البداية والنهاية ۾ سال 661هہ جي واقعن تي روشني وجهندي لکي ٿو:

”الامر بالزام القلندريه تبرك حلق لحاهم وحواجبهم وشواربهم و ذلك محترم بالاجماع: ورد كتاب من السلطان الى دمشق في يوم الثلاثاء خامس عشر من ذى الحج بالزامهم بزى المسلمين وترك ذى الاعاجم والمجوس ولايمكن احمد منهم من الدخول الى بلاد السلطان حتىٰ يتركوا هذالذى المبتدع، ومن لايلتزم ذالك يعزر شرعاً“

مطلب تہ 661هہ ۾ قلندري فرقي تي ڏاڙهي، پرون ۽ مڇيون ڪوڙائڻ تي پاندي وڌي ويئي. 15 ذوالحج ڏينهن اڱاري جي سلطان

Gul Hayat Institute

طرفان ان بابت خط آيو جنهن ۾ قلندرن تي اهو زور رکيو ويو هو تہ اهي مسلمان واري شڪل رکن، عجمي ڪافرن ۽ مجوسين واري شڪل نہ ڪن. جيستائين انهيءَ بدعت کي نہ ڇڏيندا ايستائين کين ملڪ ۾ اچڻ نہ ڏنو ويندو. جيڪو ايئن نہ ڪندو ان کي شرعي تعزير ڏنو ويندو. علامہ مقريزي بہ اهڙي روايت کي آندو آهي. (2)

مؤرخن جو بيو قول آهي تہ قلندري فرقي جي ابتدا قلندر يوسف اندلسيءَ کان ٿي، شيخ جمال الدين قلندر ساوي هن قلندري مشرب کي دمياط ۾ آندو. اها مستشرق هوارث جي تحقيق آهي. هوارث بہ سيد جمال الدين قلندر واري قصي کي نقل ڪيو آهي. ان جي تحقيق پٽاندڙ اهو فرقو دمشق ۾ 610هہ موافق 1213ع ۾ پيدا ٿيو ۽ سنہ 671هہ موافق 1360ع ۾ سلطان ناصر طرفان مٿن وارن ڪوڙائڻ تي بندش پيئي.

انسائيڪلو پيڊيا آف اسلام ۾ "قلندر" لفظ هيٺ ٻڌايو ويو آهي تہ قلندري فرقي جي ابتدا مغرب کان نہ پر ايشيا کان ٿي آهي ۽ ان لاءِ هيءَ دليل آندو اٿس تہ قلندري فڪر ۽ چال چلت ۾ برصغير جو اثر زياده ڏنو وڃي ٿو.(1)

اسان جي لال سائين جو دور بہ شيخ جمال الدين قلندر دمياطيءَ جي دور سان لڳ ڀڳ ملي ٿو پر تاريخ ۽ تذڪرن جي ڪتابن مان قلندر شهباز لاءِ رڱو سرخ لباس جو احوال ملي ٿو جنهن کي شريعت جي ڪن عالمن جائز قرار ڏنو آهي، باقي مفتي غلام سرور لاهوري خزينة الاصفياءَ ۾ قلندر شهباز لاءِ ڪن بدعتن جي ارتڪاب ۽ ڀنگ واپرائڻ جو احوال ڏنو آهي، اهو جڙتو ۽ تاريخي ڏوڪو آهي. ڀلا ايئن هجي تہ پوءِ اهڙو انسان، حضرت غوث بهاءُ الحق ملتاني جهڙي محدث، متشرع ولي، مخدوم صدرالدين ملتاني، خواجہ فريد ۽ ٻين ڪيترن بزرگ عالمن، محدثن، مفسرن ۽ اوليائن جو ڪيئن همسفر ۽ دوست رهيو هوندو.

قلندر سائين جون ڪرامتون هن خطي ۾ ايترو تہ مشهور آهن جو هتي اوليائن ۽ عالمن طرفان کيس سرتاج الاولياءَ سڏيو وڃي ٿو.

قلندرن جي مشرب متعلق بابا طاهر عريان همداني جي ڪلام سان مقالي جي اوڙڪ آڻجي ٿي:

مو آن رندم که نومم بی قلندر،
نه خان دیرم نه مان دیرم نه لنگر۔
چو رہز آیه بگردم گرد کویت،
چو شو آیه بخیشتان واخم سر۔

***

Gul Hayat Institute

# علم ۽ عرفان جو آفتاب: مخدوم لعل شهباز رحہ

حضرت مخدوم عثمان قلندر رحہ علم ۽ عرفان جا اهي آفتاب عالمتاب آهن، جن ڇهين ۽ ستين صدي هجريءَ ۾ نہ رڳو پنهنجي آبائي وطن ۽ ان جي آس پاس کي فيضياب ۽ قلندري مشرب کان متعارف ۽ روشناس ڪيو پر برصغير جي هن پاڪ خطي سنڌ ۽ ان جي پروارن پرڳڻن کي بہ علم ۽ عمل جي برڪت سان مالامال ڪري ڇڏيو. قلندري مشرب بيشڪ هڪ قدرتي ذات آهي، پر ان لاءِ بہ اڳ ۾ قلندر جي دل واري قرهيءَ جو علم ۽ عرفان سان اڇو ۽ اجرو هجڻ، دل وارن ۽ اوليائن سان ساٿ ۽ سنگت هجڻ تمام ضروري آهي. هر صوفي ۽ ولي ڪامل لاءِ پهرين پيڙهہ علم جي تحصيل آهي. امام غزالي رحمة الله عليه (450ھ — 505ھ) تصوف کي جنهن درجي تي پهچايو اهڙو مقام ۽ مرتبو ڪنهن ٻئي صوفيءَ کي گهٽ نصيب ٿيو آهي، پر غزالي بہ انهيءَ مقام تي پهچڻ کان اڳ امام الحرمين ابوالمعالي جي آڏو شاگرديءَ لاءِ ڪوڏا ڪوڙيا ۽ ظاهري علم جي تحصيل ڪري ورتي، جنهن ڪانپوءِ مدرسي نظاميہ جا شيخ پڻ ٿي رهيا ۽ سوين عالمن ڪانئن ظاهري علم جو فيض پرايو. امام غزالي کان اڳ شيخ ابوالحسن علي هجويري، جلابي غزنوي ۽ لاهوري داتا گنج بخش کي ڏسو تہ ان طريقت جي تحصيل کان اڳ پنهنجي وقت جي علامہ ابوالعباس بن محمد الاشقاني رحمة الله عليه کان ظاهري علم جي تحصيل ڪئي. ڪشف المحجوب ۾ هڪ هنڌ علامہ اشقاني لاءِ اچي ٿو تہ ”اهو پنهنجي وقت

جو مثالي عالم هو علم اصول ۽ فروع ۾ امام هو ۽ علم معاني ۾ سندس درجو نهايت بلند هو. (1) سيد علي، هڪ ٻئي استاد جو ذڪر ڪندي ڪشف المحجوب ۾ لکي ٿو تہ "اهو تصوف جي اڳواڻن مان هو ٻوليءَ جو ماهر هو حسين بن منصور حلاج سان ڏاڍي محبت رکندو هو. مون ان جون تصنيفون ڪانئس پڙهيون."

حضرت خواجہ معين الدين حسن سجزي، اجميري، چشتي سجستان ۾ پيدا ٿيا. ٻارهن سالن جي عمر ۾ سندن والد جو سايو ڪانئن لهي ويو هڪ باغ جا سنڀاليندڙ هئا. ابراهيم قلندرؒ جي اشاري تي سڀ ڪم ڪاريون ڇڏي سمرقند هليا ويا ۽ اتي پڙهڻ ۾ مشغول ٿي ويا. اڳ ۾ قرآن پاڪ ڪي ياد ڪري ورتائون ۽ ان کان پوءِ ظاهري علم جي تحصيل ڪيائون ۽ ان کان پوءِ سمرقند کان ڪهي عراق ۾ آيا ۽ هارون شهر ۾ پهچي شيخ عثمان هارونيؒ جي هٿ تي طريقت ۾ بيعت ورتائون. (2)

خواجہ قطب الدين بختيار اوشي، ڪاڪيؒ ساڳي طرح شروع ۾ وقت جي وڏي عالم مولانا ابو حفصؒ کان ظاهري علم جي تحصيل ڪئي ۽ خواجہ معين الدين چشتيؒ جڏهن اوش پهتا تہ انهن جي هٿ تي بيعت ڪري سلوڪ ۾ داخل ٿيا ۽ سترهن سالن جي عمر ۾ کين طريقت جي خلافت ملي. (3)

مخدوم بهاءُالدين ذڪريا ملتانيؒ بہ عمر جي ابتدائي دور ۾ ظاهري علم جي تعليم پرائڻ ۾ ڪيترائي سال گهاريا. قرآن مجيد کي ستن قرآئتن سان ياد ڪري ورتو. وڌيڪ تعليم پرائڻ لاءِ خراسان ويو اتي ست سال سانده علم پرائيندو رهيو اتان بخارا ويو اتي بہ علم پرائيندو رهيو ۽ بخارا مان حج جي خيال کان مڪي معظم پهتو ۽ اتان روضي اقدس جي زيارت لاءِ مدينہ منوره پهتو ۽ پنج سال سانده مولانا ڪمال الدينؒ جهڙي عظيم محدث کان علم حديث جي تحصيل ڪيائين ۽ ان سان گڏ روضي انور جي سامهون دل جي تزڪيہ ۽ صفائي لاءِ مجاهدا ڪندو رهيو جنهن جي نتيجي ۾ شيخ شهاب الدين سهرورديءَؒ کان ڪيس رڳو سترهن ڏينهن ۾ باطني

فيض جي خلافت جو خرقو ملي ويو. ان تي شيخ شهاب الدين جي کن مريدن کي رشڪ پيدا ٿيو جنهن تي شيخ سهروردي جواب ۾ فرمايو تہ اوهين آلين ڪاٺين وانگر آهيو جن کي دير سان باهہ لڳندي آهي ۽ بهاءُ الدين ذڪريا سڪل ڪاٺين سمان آهي، جن ۾ باهہ جلدي اثر ڪندي آهي.

حضرت مخدوم عثمان لال قلندر شهباز بہ ٻين اوليائن ۽ بزرگن وانگر شروع ۾ ظاهري علم جي تحصيل ڪري ڪمال حاصل ڪيو ۽ سڀ کان اڳ ۾ قرآن پاڪ کي ياد ڪري حافظ بڻيو ۽ ان کان پوءِ وقت جي مروجہ علومن جي تحصيل ڪري فارغ ٿيو ۽ ان کان پوءِ ئي تصوف ۽ طريقت ۾ ڪمال هٿ ڪري، قلندري جو مرتبو ماڻيائين.

قلندر شهباز نہ رڳو ظاهري علم جي تحصيل ڪئي پر ان ۾ تصنيف ۽ تاليف پڻ فرمائي. قرآن پاڪ کي سمجهڻ لاءِ علم نحو ۽ صرف جي وڏي ضرورت پوندي آهي. حضرت قلندر بہ تبليغ ۽ تعليم جي خيال کان برصغير جو سفر اختيار ڪيو هو ان ڪري قرآن پاڪ کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ ان علم صرف ۾ بہ ننڍا جامع رسالا فارسيءَ ۾ تصنيف فرمايا هئا: هڪ "ميزان الصرف" ۽ ٻيو "عقد". اهي ٻئي رسالا رچرڊ برٽن جي تحقيق مطابق حضرت قلندر لال شهباز جا تصنيفات آهن ۽ سنڌ جي عربي مدرسن جي نصاب ۾ داخل هئا.

اسان کي ان تحقيق جي وسهڻ ۾ ڪابہ ويرم نہ ٿي ٿئي. هڪ ميزان الصرف تہ اڄان تائين نہ رڳو سنڌ جي مدرسن ۾ پر ساري برصغير جي مدرسن ۾ داخل آهي. هن جي مولانا عبدالحئي لکنوي جهڙي محقق عالم تبيان نالي شرح پڻ لکي آهي. شهباز وارو ميزان کو ٻيو هجي باقي رهيو "عقد" هتي جي نصاب مان نڪري ويل آهي. لال سائين جي تصنيف مان اهو ڪتاب (عقد) منهنجي ذاتي ڪتب خاني ۾ موجود آهي، جو علم صرف ۾ نهايت جامع ۽ مستند ڪتاب آهي ۽ سنڌ ۾ هن ڪتاب جي اهميت ۽ رواج جو اندازو هن مان ڪري سگهجي ٿو تہ علامہ محمود ٺٽوي وفات (1000هہ) ان جي شرح لکي آهي، ان شرح جو هڪ ناياب قلمي نسخو بہ مون وٽ موجود آهي.

علامہ محمود نتوي، علامہ غلام محمد بکريءَ جو معقول ۾ شاگرد هو ۽ علامہ غلام محمد، شيخ عبدالله يزديءَ جو شاگرد آهي، جيڪو سنئون سڌو محقق جلال الدين دواني صديقيءَ جو خاص شاگرد آهي. برصغير ۾ علوم عقليہ جو رواج محقق دوانيءَ جي ئي طفيل ٿيو جو ان جا شاگرد هت پهچي ويا جن پنهنجي شيخ جي ڪتابن کي نصابن ۾ داخل ڪيو.

قلندر سائين جي هن ڪتاب جو ٻيو هڪ قديم قلمي نسخو برٽش ميوزم جي لائبريريءَ ۾ حضرت قلندر شهباز جي انهيءَ ڪتاب عقد جو هڪ قديم ۽ مصحح قلمي نُسخو پڻ نظر مان گذريو. پنهنجي اها ڪوشش آهي تہ انهن سيني قلمي نسخن کي ڪٺو ڪري، علامہ محمود جي شرح سان گڏ ان تي تحقيق ڪري، ڇپائي ٻيهر عربي مدارس جي نصاب ۾ انهيءَ ڪتاب کي داخل ڪرائجي. اهڙي ڪوشش هلندڙ آهي جا اميد تہ برصواب ٿيندي انشاءَالله.

مخدوم عثمان قلندر شهباز لاءِ باطني علم جي تلاش ۽ طريقت جي توه طلب لاءِ ڪهڙا اسباب پيدا ٿيا؟ ان لاءِ سندن دور کان اڳ واري دور تي مختصر روشني وجهڻ نهايت ضروري آهي.

قلندر لال شهباز ڇهين صدي هجريءَ جي آخري اڌ ۽ ستين صدي هجريءَ جي پهرئين اڌ کي ماڻيو. صوفي يا تصوف، معنوي خيال کان تہ شروع اسلام کان هليا اچن ٿا پر هيءُ جو صوفيءَ جو لفظ هڪ مخصوص گروهہ ۽ جماعت لاءِ ڳالهايو وڃي ٿو علمي طرح اهو لفظ سڀ کان اڳ ”البيان والتسبين“ جاحظ جي تاليف ۾ ملي ٿو جنهن جو پورو نالو ۽ ڪنيت هن طرح آهي: ابو عثمان عمر و بن بحر بن محبوب پر جاحظ جي نالي سان معروف ٿيو ان جي ولادت 163هہ ۾ ۽ وفات 255هہ ۾ ٿي، هو متئين جڳ مشهور ڪتاب ۾ هن طرح رقم طراز آهي: ”الصوفيۃ من النساڪ“ ۽ پهريون بزرگ جيڪو صوفي جي لفظ سان مشهور ٿيو سو ”ابو هاشم“ صوفي آهي. نفحات الانس ۾ آيو آهي تہ ابو هاشم سفيان ثوري رحمۃ الله عليہ وفات 161هہ ۽ ابراهيم بن ادهم بلخي رحمۃ الله عليہ 1062هہ جو معاصر هو. (4)

Gul Hayat Institute

قلندر شهباز کان اڳ واري هڪ صدي ۾ ان جي آبائي وطن ايران (خراسان) ۾ وڏا وڏا اهل الله ۽ اصفيا پيدا ٿيندا رهيا جن جي تصنيفن ۽ طريقن جو لال سائين تي ضرور اثر پيو هوندو. جهڙوڪ شيخ ابو سعيد ابوالخير (357هه – 440هه)، شيخ ابو عبدالرحمان سلمي نيشاپوريؒ (وفات 412هه)، مؤلف طبقات الصوفية، شيخ ابو الحسن خرقانيؒ (وفات 425هه)، شيخ ابو علي دقاقؒ (وفات 406هه)، شيخ ابوعلي داستانيؒ (وفات407هه)، شيخ ابو عبدالله شيرازي، معروف بابا ڪوهي (وفات 446هه)، ابو منصور اصفهاني (418هه)، ابو نعيم رحه، مؤلف ڪتاب "حليتہ الاولياءَ (وفات 430هه)، ابو علي سياه، (وفات 424هه) ۽ شيخ ابوالقاسم گرگاني (وفات 450هه). اهو تہ پنجين صديءَ جو پهريون اڌ هو جو قلندر شهباز کان گهٽ ۾ گهٽ اڳ وارو دور هو پر جي پنجين صديءَ جي ٻئي اڌ ڪي ڏسبو تہ ان طرح اسان کي قلندر سائين جي آبائي وطن ۾ بيا بہ گهڻا صوفي ۽ اولياءَ ملندا، جن جي تعليم، تربيت ۽ تاليف کان سيوهاڻي شهباز ضرور متاثر ٿيو هوندو. جهڙوڪ، شيخ ابوعلي فارمدي (وفات 477هه)، جو صاحب غزالي طوسي جو تصوف ۾ استاد هو. امام ابوالقاسم قشيري "رسالا قشيريہ" جو مؤلف (وفات 465هه)، پير هروي خواجہ عبدالله انصاري "امالي" ۽ ڪتاب "منازل السايرين" جو مؤلف (396هه، 481هه)، ابو عثمان نيشاپوري (وفات (457هه)، ابوبڪر نساج طوسي (وفات 487هه). هيءُ بزرگ امام احمد غزاليءَ جو استاد ۽ خواجہ ابوالقاسم گرگاني جو شاگرد هو. هن کان پوءِ حجة الاسلام امام غزالي (45هه_ 505هه) جو ظهور ٿيو. جنهن پنهنجي عالمانہ تصانيف سان تصوف ۽ صوفين کي اوج تي پهچائي ڇڏيو.

قلندر سائين جي ولادت واري ڇهين صدي ۾ هيٺيان صوفي سڳورا پيدا ٿيا، جن سڌي طرح يا اڻ سڌي طرح مخدوم قلندر شهباز جي تصوف ۽ زهد واري زندگيءَ تي اثر وڌو. سنائي غزنوي (وفات 530هه ۽ 535هه جي وچ ڌاري)، هيءُ بزرگ سلطان سنجر سلجوقيءَ ۽ بهرام شاهہ غزنويءَ جو معاصر هو ۽ فارسي ٻوليءَ جو پڻ وڏو شاعر هو. جنهن تصوف کي شعر ۾ داخل ڪيو. عين القضاه همداني (492هه_

Gul Hayat Institute

525هه). جو امام احمد غزاليءَ جو شاگرد ۽ تربيت يافته هو محمد جوني﷫ (وفات 530هه). جنهن بابت علامه يافعي لکي ٿو ته هي خراسان جي صوفين جو استاد هو. هاڻي اچون ٿا حضرت قلندر شهباز جي ويجهي دور جي معاصرن تي: شيخ فريد الدين عطار نيشاپوري رحه. پندنامه، منطق الطير ۽ تذڪرة الاولياءَ جو مصنف (وفات 627هه). مولانا جلال الدين بلخي (604هه- 672هه) مثنوي جو صاحب. سعدي شيرازي﷫ وفات (691هه). شيخ شهاب الدين سهروردي عوارف المعارف ڪتاب جو مؤلف (539هه- 632هه). علامه نجم الدين رازي﷫ (وفات 645هه). مرصاد العباد ڪتاب جو مؤلف ۽ فخرالدين عراقي﷫ (وفات 688هه) "لمعات" ڪتاب جو مؤلف جنهن جي شرح مولانا جامي﷫ "اشعة اللمعات" جي نالي سان لکي آهي. انهن ڪان سواءِ ٻيا به ڪيترائي صوفي ۽ اولياءَ اچي وڃن ٿا. جي سڀ بزرگ قلندر سائين جا معاصر هئا.

## سيوهڻ ۾ آمد

قلندر سائين سيوهڻ ۾ ڪڏهن آيا، ان بابت مختلف روايتون آهن. لب تاريخ جو صاحب 649هه سن ٻڌائي ٿو ۽ هن قطعي مان اهو سن ورتو ويو آهي:

*چوباز، آشيان قدس، شهباز، سيوستان رانموده جنت آسا*
*خرد تاريخ آن ازروئی اخلاص، نموده آفتاب دين بگفتا* (649هه)

۽ ڇهه سال سيوهڻ ۾ زندگي گهاري وفات ڪيائون. قلندرنامه سنڌي جو مؤلف مولانا فتح محمد سيوهاڻي اقامت جي مدت هڪ سال ڄاڻائي آهي. (5) اهڙي طرح وفات جي تاريخ به تاريخن ۾ مختلف ڄاڻائي وئي آهي. بهرحال هن بزرگ ولي، ٿوري ئي مدت ۾ سنڌ کي پنهنجي علم ۽ عرفان سان منور ڪري ڇڏيو ۽ روحاني طور اڄ تائين هن خطي تي سندن حڪومت جاري آهي. جو ڪين سنڌڙيءَ جو بادشاهه سڏيو وڃي ٿو. رحمة الله رحمة واسعة

**حوالا**

(1) كشف المحجوب فارسي، باب 12
(2) بزم صوفيہ، مرتب سيد صباح الدين عبدالرحمان ايم اي معارف اعظم ڳڙهہ 1949ع ص 35_36
(3) ايضاً ص 90_91
(4) غزالي نامہ بحوالہ نفحات و شذرات الذهب ص 90 جلال الدين همائي طبع تهران. 90
(5) قلندرنامہ سنڌي مرحوم مولوي فتح محمد، ص 4

***

Gul Hayat Institute

# سيد عثمان قلندر شهباز رحه

اها هڪ تاريخي حقيقت آهي تہ برصغير پاڪ و هند ۾ اسلام جي آمد، عرب فاتحن جي اچڻ کان گهڻو اڳ شروع ٿي، اسلام جي ظهور کان اڳ ئي، هن خطي جو عام طرح ۽ واديءَ سنڌ جو خاص طرح يمن جي رستي عرب ۽ ٻين ملڪن سان واپار هلندڙ هو. قرآن حڪيم ۾ جنهن ريشمي ململ "سُندس" جو ذڪر آهي، دور جديد ۽ عصر حاضر جي لسانيات جا ڪي ماهر ان کي "سنڌڻ" يا سنڌ جي ململ سڏين ٿا، اهڙيءَ طرح پيغمبر ﷺ لاءِ هڪ صحيح حديث ۾ حلہ حمراءَ" يمن جي ڳاڙهي پوشاڪ جو بيان آيل آهي، اها بہ اصل ۾ سنڌ جي ساخت هئي جو يمن ۾ پهچي ان کي يمني سڏيو ويندو هو.

انسانيت جي آخري مذهب اسلام جي ظهور کان پوءِ انهن تجارتي لاڳاپن ۾ پڻ اضافو ٿيو اسلام هڪ تبليغي مذهب آهي ۽ قديم دور ۾ هر مسلمان پاڻ کي مبلغ سمجهندو هو ان ڪري اسلام کان پوءِ عرب واپاري هتي واپار سان گڏوگڏ، بنا ڪنهن زور بردستي ۽ جهيڙي جهٽي جي اسلام جي اشاعت ڪري رهيا هئا، انهن سان خدا پرست ۽ صوفي بزرگ بہ هوندا هئا. انهن لاءِ هتي مسجدون ۽ تبليغي مرڪز ٺاهي، ڪين تبليغ لاءِ مقرر ڪيو ويندو هو.

برصغير پاڪ ۽ هند جي اتر واري پاڱي ۾ مسلمانن جي باقاعده آمد اسلام جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي خلافت ۾ ئي شروع ٿي وئي هئي. اهي اترين ساحل تي برابر آباد ٿيندا ويا. انهيءَ دور

۾ جڏهن بحرين ۽ عمان جو گورنر عثمان ثقفي هو تہ ان هڪ دريائي فوج حملي لاءِ موڪلي. جڏهن حضرت عمر فاروق اعظم رضي الله عنه کي ان حملي جي سڌ پئي تہ پاڻ ان کي پسند نہ ڪيائون ۽ ان کي سزا ڏيڻ جي ڌمڪي ڏنائون. ساڳئي وقت ڀڙوچ ۽ ديبل سنڌ ڏانهن بہ ڪجھ لشڪر موڪليو ويو پر حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي منع ڪرڻ تي انهيءَ مهم کي روڪيو ويو. مسلمانن جو اهو پهريون بيڙو هو جيڪو سن 638ع ۾ برصغير جي سمنڊ ۾ نمودار ٿيو. هتي جو خشڪي وارو رستو بہ انهيءَ دور ۾ معلوم ڪيو ويو جنهن مان مسلمانن کي مفيد معلومات حاصل ٿي، انين صديءَ عيسويءَ ۾ حجاج بن يوسف ڪن بني هاشم کي جلاوطن ڪيو انهن مان ڪي برصغير جي اولهہ ۾ اچي آباد ٿيا ۽ ڪي وري راس ڪماري جي اوپر ڏانهن هليا ويا. هتي جي ماڻهن انهن جي چڱي مرحبا ڪئي. هتي عالمن، اديبن، صوفين ۽ خدا پرستن جي آمد شروع ٿي ويئي، ڇو تہ انهيءَ دور جو اهو دستور هو تہ جتي مسلمانن جو لشڪر يا مسلمان تاجر پهچندا هئا، اتي صوفي ۽ مشائخ بہ پهچي ويندا هئا. انين صديءَ ۾ اسلام جو هڪ وڏو محدث امام ابو جعفر بصري سنڌ ۾ تبليغ ۽ اشاعت اسلام لاءِ آيو ۽ هتي ئي 160هہ ۾ هن پاڪ خاڪ ۾ مدفون ٿيو. اهو سلسلو برابر هلندو رهيو. ڏهين صديءَ ۾ منصور حلاج برصغير پاڪ و هند جو دريائي سفر ڪيو ۽ سيءَ ۾ خشڪي رستي هن پاسي کان ئي وطن واپس وريو. اهوئي سبب آهي جو هن خطي ۾ وحدت الوجود ۽ ”تون ئي تون“ جي هونگار اصل کان هلندي اچي. يارهين صدي هجريءَ ۾ بابا ريحان درويش جي هڪ جماعت سان گڏجي بغدار کان ڀڙوچ ۾ آيو ۽ اتان جي هڪ راجا جي پٽ کي مسلمان ڪيائين. 1067ع ۾ بوهره اسماعيلين جي مذهبي اڳواڻ يمن کان هلي گجرات ۾ رهائش اختيار ڪري، تبليغ شروع ڪئي ۽ بوهرن کي مسلمان بنايو.

سلطان محمود غزنوي جي حملن کانپوءِ بہ ڪيترا ئي عالم ۽ درويش برصغير ۾ اچڻ لڳا، جن مان تصوف جي ڪتاب ڪشف المحجوب جو مصنف سيد علي بن عثمان عرف داتا گنج بخش خاص

Gul Hayat Institute

طرح قابل ذڪر آهي. جو اسلامي ملڪن جو سير ڪندي لاهور اچي پهتو ۽ لاهور کي ئي تبليغي مرڪز بنائي، رشد و هدايت جو فيض جاري ڪيو. سندس وفات 415 يا 469هہ ۾ ٿي. منطق الطير ۽ تذڪره الاولياءَ جو مصنف شيخ فريد الدين عطار پڻ 12 صدي عيسويءَ ۾ برصغير جي تبليغي سياحت ڪري واپس وريو.

1197ع ۾ خواجہ معين الدين چشتي اجمير پهچي ان کي تبليغ لاءِ مرڪز بنايو ۽ اتي ئي 1231ع ۾ وفات ڪيائين. تيرهين صدي عيسوي ۾ شيخ شهاب الدين سهروردي جو مريد شيخ جلال الدين تبريزي بنگل ويو ۽ ساڳي وقت شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جي هڪ ٻئي خليفي مخدوم نوح بکري، سنڌ ۾ اسلامي تبليغ ۽ باطني فيض جي پالوٽ لاءِ وڏو مرڪز بنايو. مخدوم نوح بکريءَ جو مقبرو روهڙيءَ کان سکر ڏانهن ويندي بکر قلعي ۾ ريلوي بند جي اوير ۾ هڪ ننڍي قبي جي حيثيت ۾ اڪين اهيڃاڻن جو ڏس ڏئي رهيو آهي. 1244ع ۾ سيد جلال الدين بخاري، بکر کان اُچ پهتو ۽ شيخ مسعود شڪر گنج عرف بابا فريد پاڪ پتڻ کي پنهنجي فيض لاءِ مستقل مرڪز قرار ڏنو ۽ اهو اهوئي روشن دور آهي، جو اسان جو سيوهاڻي شهباز مخدوم سيد عثمان قلندر لعل سيوهڻ جهڙي تاريخي ۽ قديم شهر کي پنهنجي سڪونت جو شرف بخشي سنڌڙيءَ جو سرتاج بڻيو. 1388ع ۾ شيخ "ابن عربي، جي فلسفي جو شارح ۽ جڳ مشهور ڪتاب "انسان ڪامل" جو مصنف سيد عبدالڪريم جيلي جهڙو وحدت وجودي صوفي هتي آيو ۽ سياحت ڪندي، فيض جي پالوٽ سان هن ملڪ کي سيراب ڪري واپس وريو. ان کان سواءِ اسماعيلي، خوجہ فرقي جو باني پير صدرالدين بن شهاب الدين، بن نصيرالدين بن شمس الدين سبزواري، 1290ـ 1409ع هتي آيو جنهن هزارن غيرمسلمانن کي اسلام ۾ آندو. ڪشمير ۾ بلبل شاهہ درويش جي برڪت سان اسلام ڦهليو. 1388ع ۾ سيد علي همداني بہ ڪشمير ويو جنهن بہ اتي اسلام جي وڏي اشاعت ڪئي. ان کان اڳ بوعلي قلندر پاڻيپت کي تبليغ جو مرڪز بنايو ۽ سوين راجپوتن کي اسلام جي دائري ۾ داخل ڪيو.

Gul Hayat Institute

## سيوهاڻي لعل جي سوانح جا تاريخي ماخذ

برصغير پاڪ و هند جي تاريخ ۾ اولياءَ الله جي تذڪرن ۾ قلندر سيوهاڻي جو جيڪو مختصر احوال معلوم ٿئي ٿو انهن ڪتابن مان تاريخ معصومي ۽ حديقہ الاولياءِ قديمي ماخذ آهن. پويون ڪتاب سيد عبدالقادر بن سيد هاشم ٺٽويءَ جي لکيل "اولياءَ الله جو تذڪرو" آهي، هن جي تاليف جو سن 1016هہ آهي.

سيد عبدالقادر ٺٽوي پنهنجي هن تاليف ۾ لعل سائين جو جيڪو احوال آندو آهي، اهو بنهہ مختصر آهي، جنهن ۾ آستانہ قلندريءَ تي بدڪار عورتن جو قديم اڏو ۽ قلندر جو خضر ﷺ وانگر هڪ ماڻهوءَ کي مارڻ جو قصو لکيو آهي، اهو سارو قصو مثنويءَ جي صورت ۾ منظوم ڪري، 29 بيتن ۾ آندو ويو آهي جنهن ۾ احوال گهٽ ۽ عقيدتمنديءَ جو اظهار گهڻو ڪيل آهي، نموني طور شروع جا ڪجهہ بيت هتي ڏجن ٿا:

شاه باز نشين لاهوت　　شاه اورنگ خطہ ملکوت
اهل دل عارف معارف حق،　　صاحب وجد و تارک مطلق
شاه عثمان، شاه باز لقب،　　اشرف الذات هم شریف نسب
بحر عرفان کنوز دانائی،　　مهر ایقان چراغ بینائی
مست ختم خانہ محبت و شوق،　　بلبل گلستان عالم ذوق
صاحب حال و کامل ابدال،　　محرم خلوت حریم وصال
حبذا روضہ اش بہ سیوستان،　　عطر افزان چو روضہ رضوان

Gul Hayat Institute

آخر ۾ سن وفات هن طرح نثر ۾ لکيو اٿس:

"بیست یکم شهر شعبان المعظم در 683ھ ازین دنیا فانی رحلت نمود، آستانه متبرکه دربلده سیوستان است۔"

تاريخ معصومي بہ ڪو خاص احوال بيان نہ ڪيو آهي. مختلف جاين تي ضمني تذڪرو ٿورڙن جملن ۾ آندو اٿس ۽ هڪ هنڌ حضرت عثمان قلندر لعل لاءِ هيٺيان القاب "فارس، مضمار، حقيقت ويك تاز ميدان معرفت، واقف رموزلی مع الله، مفتاح کنوز سرایرهو الله" آڻي ٻڌايو

اٿس. تہ پاڻ 662ھہ ۾ ملتان ۾ تشريف فرما ٿيا.

هنن ٻن ڪتابن کان پوءِ سيوهاڻي شهباز جو معتبر احوال واديءَ سنڌ جي هڪ وڏي اديب، محدث ۽ شاعر مولانا محب علي سنڌي ٺٽوي (وفات 1043ھہ) جي هڪ تحرير مان ملي ٿو اها تحرير برصغير پاڪ و هند جي عظيم مورخ، اديب ۽ شاعر مير علي آزاد بلگرامي کي هٿ آئي، جنهن جو ذڪر ماثرالڪرام ۾ هن طرح ڪري رهيو آهي:

راقم الحروف بخط مولانا محب علی ٹھٹوی که از بزرگان عهد بود و ذکر او درشاهجهان، نامها و دیگر کتب تاریخ مسطور است مشاهده کرد، این عبارت که حضرت مخدوم لعل شاهه باز قدس سره، اسم شریف وی عثمان است، و فقیر در لوح سنگیءَ سیاه دید بود که باین روشن کنده بودند:

شیخ عثمان مرندی قطب دین باز سپیدا و مرند بفتح میم، وراءِ مهمله و سکون نون و دال مهمله قریه است از قرائ تبریز انتهی-

ترجمو: راقم الحروف (مير غلام علي آزاد بلگرامي) مولانا محب علي ٺٽويءَ جي هڪ تحرير ڏٺي، مولانا محب علي، وقت جي وڏن بزرگن مان هو. هن جو بيان شاهجهان نامہ ۽ ٻين تاريخ جي ڪتابن ۾ لکيل آهي. مولانا محب علي جي لکيل عبارت هئي تہ حضرت مخدوم لعل شهباز قلندر قدر سره. سندس نالو عثمان آهي ۽ فقير (يعني مولانا محب علي) هڪ ڪاري پٿر جي تختي تي هن طرح پٿر جي لڪائي ڏٺي: شيخ عثمان مرندي، دين جو قطب، باز لقب سان مشهور ۽ مرند ميم جي زير ۽ ري بنا نقطي واري کي بہ زبر ۽ نون ساڪن ۽ دال بنا تبڪي جي، اهو تبريز جي ڳوٺن مان هڪ ڳوٺ آهي، پوري تي لڪائي.

ماثرالڪرام جو مصنف مٿئين تحرير کان پوءِ تاريخ فيروز شاهي ۾ ضياءَ برني جو قلندر شهباز بابت احوال نقل ڪري ٿو تہ جڏهن حضرت شهباز قلندر ملتان پهتو تہ خان شهيد يعني سلطان محمد قاآن جنهن کي حضرت شهباز ۾ گهڻو اعتقاد هو، ان تواضع بجا

آندو ۽ گهڻي خدمت ڪئي ۽ وڏي ڪوشش ڪئي تہ حضرت قلندر لعل ملتان ۾ رهي پوي ۽ ان لاءِ خانقاهہ بہ ٺهرايائين پر حضرت عثمان اتي رهڻ ۾ راضي نہ ٿيو. هڪ ڏينهن خان شهيد حضرت شيخ صدرالدين عارف (ملتاني) ۽ شيخ عثمان مروندي ڪي مجلس ۾ گهرايو ۽ عربي غزلن پڙهڻ جي محفل شروع ٿي. مٿيان ٻئي بزرگ ۽ ٻيا درويش سماع ۽ رقص ۾ محو ٿي ويا. خان شهيد هٿ ٻڌي بيٺو هو ۽ زارو قطار روئي رهيو هو.

هن حوالي کان پوءِ مير غلام علي آزاد بلگرامي، 10 ربيع الاول 1144هہ ۾ وقائع نگاري جي خدمت جي سلسلي ۾ پنهنجي سيوهڻ وڃڻ جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ساڻس سيوهاڻي شهباز جيڪا نوڪريءَ جي سلسلي ۾ روحاني مدد ڪئي، ان جو ذڪر ڪري آخر ۾ لکي ٿو:

وفات آن جناب بيست و يکم شعبان 673ه ثلاث و سبعين و ست مائه واقع شد۔

اسان کي علامہ محب علي ٺٽوي جي مٿئين تحرير مان سيوهاڻي قلندر سائين جي اصلي ڳوٺ بابت اها پختگيءَ سان راءِ قائم ڪرڻي پوي ٿي تہ اهو "مرند" هو لاعلميءَ ڪري ان کي مروند سڏيو وڃي ٿو.

سيوهاڻي لعل شهباز قلندر جي سوانح جو چوٿون قديمي ماخذ "معارج الولاية" ڪتاب آهي. هي تذڪرو شاهجهاني دور جو لکيل آهي ۽ هن جو مصنف غلام معين الدين عبدالله قصوري، خليفہ الخوشگي آهي. هن ۾ برصغير پاڪ و هند جي مشائخن جو احوال بيان ڪيو ويو آهي. هن کان پوءِ جيڪي تذڪرا برصغير جي مشائخن ۽ اوليائن جي احوال ۽ سوانح بابت لکيا ويا آهن. انهن "معراج الولاية" گهڻو ڪجهہ ورتو آهي. هيءُ ڪتاب هاڻي ناياب آهي. مفتي غلام سرور لاهوري "خزينة الاصفياءِ" ۾ جيڪو اسان جي قلندر لعل شهباز سيوهاڻيءَ بابت احوال ڏنو آهي، سو سڀ معارف الولاية تان ورتل آهي. جنهن ۾ ڪجهہ ڦڪو احوال لکي، قلندر لعل کي شرع جي حد کان ٻاهر "ملامتي" ۽ ڀنگ نوش ڪري پيش ڪيو ويو آهي. هن لاءِ انهن وٽ ڪهڙو تاريخي ثبوت هو؟ ان کي اهي ڪڏهن بہ

پيش نتا ڪري سگهن. ٻئي پاسي حضرت مخدوم عثمان سيوهاڻي شهباز جا جيڪي گهاٽا يار ۽ رفيق ٻڌايا وڃن ٿا/ ويا آهن، سي آهن شيخ الاسلام غوث بهاءُالدين ملتاني جهڙو متشرع بزرگ، ولي، حضرت فريد الدين شڪر گنج پاڪ پتن وارو ۽ مخدوم سيد جلال الدين بخاري جهڙو محدث، فقيہ ۽ عالم. ان ڪري انهن تذڪرن جي اهڙين غيرمستند ڳالهين کي ڪابہ اهميت نہ آهي.

سيوهاڻي لعل جي سوانح جو پنجون ۽ ڇهون ماخذ آهي واديءِ سنڌ جي عظيم مورخ مير علي شير قانع ٺٽويءَ جو "تحفة الڪرام" ۽ "مقالات الشعراءِ". هن ۾ لعل سائين جو جيڪو احوال آيل آهي، اهو گهڻي ڀاڱي اڳين قديم ماخذن تان ورتل آهي، هن ڪان پوءِ جا لکيل تذڪرا سڀ "تحفة الڪرام" جي طفيلي موجود آهن.

هنن سيني تاريخن ۽ اولياءَ الله جي تذڪرن مان حضرت لعل شهباز جي خالص سوانح کي ڪڇين، ڦڪين ڳالهين ۽ عقيدت جي گلن ڦلن کان الڳ ڪري پيش ڪبو تہ ان جو خلاصو هيءُ نڪرندو تہ قلندر شهباز جو نالو سيد عثمان هو. حضرت امام جعفر صادق رضي الله عنه جي وڏي صاحبزادي حضرت اسماعيل سان سندس نسب ملي ٿو. پاڻ تبريز جي هڪ ڳوٺ مرند جو وينل هو، سن بلوغت کي پهچڻ کان پوءِ بابا ابراهيم جي خدمت ۾ پهچي ويو ۽ اتي ذڪر فڪر کي لڳي ويو. هڪ سال بابا ابراهيم جي خدمت ۾ رهي، فيض حاصل ڪري، برصغير پاڪ و هند جو رخ رکيائين. شيخ بهاءُ الدين ذڪريا، غوث ملتاني، شيخ فريدالدين مسعود شڪر گنج، سيد جلال الدين بخاري ۽ بوعلي قلندر سان ريهاڻيون ڪيائين. چيو وڃي ٿو تہ شيخ الاسلام بهاءُ الدين ذڪريا ملتاني کان بہ فيضياب ٿيو. غوث ذڪريا ملتان جي صاحبزادي شيخ صدرالدين عارف سان بہ سندس گهڻي صحبت ۽ ملاقات هوندي هئي. ملتان کان پاڻيپت وڃي بوعلي قلندر سان روحاني رهاڻ ڪيائين. ان جي ارشاد ۽ مشوري سان وادي سنڌ ۾ سڪونت جو پڪو پهه ڪيائين. بلبن جو پٽ خان شهيد، شهباز سائين جو وڏو معتقد هو ۽ ان وڏي ڪوشش ڪئي تہ جيئن قلندر شهباز ملتان ۾ رهي

پوي ۽ ان مقصد لاءِ هڪ خانقاهہ بہ ٺهرائڻ شروع ڪيائين. پر قلندر نہ مڃيو. باقي ڪڏهن ڪڏهن خان شهيد جي محفل ۾ ويندا هئا ۽ شيخ صدرالدين عارف سان گڏ سماع ۽ رقص ۾ حصو وٺندا هئا.

پاڻ سياست ۽ سير و سفر جا شائق هوندا هئا. حضرت شيخ بهاءُالحق ملتاني سان گڏجي واديءَ سنڌ ۾ سيوهڻ، ان جون ٽڪريون ۽ پير پٺي جي آس پاس وارن آستانن ۽ ماڳن جو سير ڪيائون. برصغير جي چڱي سياحت ڪيائون ۽ ان کان پوءِ سنڌ ڏانهن موٽي سيوهڻ ۾ رهيا ۽ وفات بہ اتي ڪيائون ۽ سيوهڻ ۾ دفن ٿيا. پاڻ وڏا باوقار، مجرد ۽ اڪيلي زندگي گهاريندڙ ۽ عورتن کان پري رهندڙ هئا. سندن ڪشف ۽ ڪرامتن جون گهڻيون ئي ڳالهيون بيان ڪيون ويون آهن. هن دور جي سلجهيل ۽ معتبر عربي تذڪري نزهة الخواطر ۾ بہ اهوئي مٿيون سوانحي خاڪو پيش ڪيو ويو آهي.

هسٽري آف سنڌ ۾ برٽن، لعل سائين جي علمي مهارت تي هينيون اضافو ڪيو آهي تہ قلندر وڏو عالم، اديب، صرف ۽ نحو ۾ وڏو ماهر هو. برٽن جي زماني سن 1852ع ۾ سنڌ جي عربي مدرسن ۾ صرف ۽ نحو جا جيڪي ڪتاب پڙهايا ويندا هئا، انهن مان ميزان الصرف وغيره قلندر شهباز جي تاليف هئا.

”ميزان الصرف“ اڄ بہ موجود آهي، جو مدرسن ۾ پڙهايو وڃي ٿو. هن جو مولانا عبدالحي صاحب لکنوي مرحوم ”بنيان“ نالي سان شرح بہ لکيو آهي.

Gul Hayat Institute

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب ”مدح سنڌ“ ۾ قلندر شهباز رحمة الله عليه جي بزرگي، علم ۽ سندس تاهيل ڪتابن جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن مان برٽن جي بيان جي تائيد ۽ تصديق ٿئي ٿي. ”عقد“ ڪتاب سنڌ جي قديم مدرسن ۾ پڙهايو ويندو هو مون کي ان جو هڪ قديم نسخو گهوٽڪيءَ مان هٿ آيو هو جنهن جي شرح ڏهين صديءَ جي هڪ وڏي عالم، علامہ محمود ٺٽوي لکي آهي. هن ڪتاب جو مقدمو ۽ حاشيا لکي آئون ان کي قلندر شهباز جي نالي ڇپرائي رهيو آهيان. ساڳي ريت هڪ ٻيو ڪتاب قلمي صورت ۾

وادي سنڌ جي ڪتبخانن ۾ محفوظ آهي، جنهن کي ”عشقيہ“ سڏيو وڃي ٿو ان جو سنڌيءَ ۾ بہ ترجمو ٿي، ڇپجي چڪو آهي. هن جو مصنف شيخ عثمان انصاري آهي، جنهن کي ڪن مخطوطن ۾ مخدوم عثمان مروندي لکيو ويو آهي، اها نالي جي اشتراڪ جي ڪري غلط فهمي پيدا ٿي آهي، نہ تہ اصل ۾ اهو ڪتاب شيخ عثمان جالنڌريءَ جو لکيل آهي. جنهن لاءِ ڪتاب جي پڙهڻ سان اها ثابتي ملي ٿي تہ ان ۾ جن ڪتابن جا حوالا آيل آهن، تن جا مولف لعل سائين جي دور کان گهڻو پوءِ جا آهن، هن تي ماهنامہ ”الرحيم“ اردوءَ ۾ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ صاحب صدر اُردو شعبہ جو تفصيلي مقالو ڇپجي چڪو آهي.

هن حقيقت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي تہ جن بزرگن قلندري جي عظيم منصب کي ماڻيو آهي، اهي سڀ ظاهري علم جا بہ علامہ هئا ۽ اسان جي سيوهاڻي شهباز قلندر بہ ضرور شروع ۾ انهيءَ منزل کي طئي ڪيو هوندو. سندس وقت جي عالمن، اديبن ۽ محدثن سان ريهاڻ ۽ علمي مجلسون، سندس علامہ ۽ ظاهري علم جي هڪ بحر بي ڪنار هجڻ لاءِ ڪافي اهڃاڻ آهن، پر قلندر اصل ۾ علمي انسان هجڻ کان وڌيڪ عمل جو مجسمو هوندا آهن. گفتار جا غازي نہ پر ڪردار جا غازي هوندا آهن. انهن جي سموري زندگي خودداري ۽ خلق خدا جي خدمت ۽ انهن کي فيض ۽ ڀلائي پهچائڻ ۾ گذرندي آهي. اهي گهڻو ڪري ماڻهن کي سرمائي ۽ دولت کان دور رهڻ جي تعليم پنهنجي پاڪ زندگي ذريعي ڏيندا رهندا آهن. ڇو تہ پاڻ وٽ اهي هڪ ڪوڏي رکڻ روا نہ ڄاڻندا آهن. سندن علمي زندگي سيدنا ابوذر غفاري ﷛ واري مجاهدانہ زندگي رهي آهي. جيڪڏهن انهيءَ ڪسوٽيءَ تي اسان جي سيوهاڻي لعل سائين جي سوانح کي پرکبو تہ اوليائن ۾ سندن مقام ۽ مرتبو ايئن نظر ايندو جيئن تارن ۾ سج نظر اچي رهيو آهي. تاج الاسلام ابوبڪر محمد الڪلابازي (وفات 380هہ) پنهنجي مشهور عالم تصنيف ”التعرف المذهب اهل التصوف“ ۾ لکي ٿو: سهل بن عبداللہ تستري کان پڇيو ويو تہ صوفي ڪير ٿيندو آهي؟ جواب ۾ فرمائڻ لڳو تہ جيڪو ڪدورت کان صاف، فڪر سان ڀريل، اللہ سان راغب هجي ۽

ان جي آڏو سون ۽ پتر هڪ سمان هجن. اهو مقولو سيوهاڻي لعل تي سؤ فيصد صحيح اچي ٿو. قلندر سان ڪدورت جو ڪوڙو ئي نٽو لڳي، ان جو اندر الاهي نور سان اجريل هوندو آهي ۽ ان جي فڪر ۽ فنا في الله هجڻ جو تہ ڪاٿو ئي ڪونهي. هوڏن، دولت، دنيا ۽ سرمايہ داري کان بنهہ آجو رهي، ٻين کي پڻ پنهنجي عمل سان اهڙي تلقين ڪندو آهي.

## سيوهاڻي شهباز ۽ سندس هم عصر

مخدوم قلندر شهباز جي سهيوڳين ۽ بزرگن رفيقن مان چئن اوليائن جا نالا تاريخ ۽ تذڪرن ۾ گهڻي شهرت رکن ٿا. جن مان سرفهرست شيخ الاسلام ذڪريا بہ معروف غوث بهاءُ الحق ملتاني جو نالو اچي ٿو. هن بزرگ جي ولايت، تقويٰ ۽ علم تي سيني جو اتفاق آهي. غوث ملتاني جا وڏا اصل ۾ منصوره سنڌ جي هيبري عربن جو اولاد آهن، جو اڳتي هلي هتان اسري ملتان ڏانهن هليا ويا. غوث ملتاني، ملتان جي آس پاس ڪوٽ ڪرور ۾ 566هہ ۾ پيدا ٿيو. ٻارنهن سالن جي عمر ۾ هو جو سندس والد وفات ڪري ويو. علم پرائڻ لاءِ بخارا هليو ويو. پنج سال مديني منوره ۾ رهي محدث ڪمال الدين محمد يمانيءَ کان علم حديث پڙهيائين. ان کانپوءِ بيت المقدس جي زيارت ڪري بغداد آيو ۽ شيخ شهاب الدين عمر بن محمد سهرورديءَ کان خلافت حاصل ڪري وطن وريو. کيس مرشد اها نصيحت ڪئي تہ بکر سنڌ ۾ وڃي مخدوم نوح بکريءَ جي بہ صحبت ڪري، پر اتي پهچڻ کان اڳ ئي مخدوم نوح وفات ڪري چڪو هو. ان ڪري ملتان هليو ويو ۽ فيض جا درياءَ ورهايائين. کيس ولين جو سردار سڏيو ويندو آهي. اسان جي لال سيوهاڻي بہ ساڻس ريهاڻيون ڪيون ۽ گڏجي سير و سياحت بہ ڪئي. مخدوم ملتاني بروز خميس 7 صفر 666هہ قلندر شهباز کان 7 سال اڳ وفات ڪئي.

## شيخ فريد الدين

سهڻي سيوهاڻي جو ٻيو رفيق شيخ فريدالدين مسعود ابن سلمان

Gul Hayat Institute

(شڪر گنج) پاڪ پٽن وارو چيو وڃي ٿو. شيخ فريد بابا جو برصغير جي اوليائن ۾ نهايت وڏو مقام آهي. خواجہ نظام الدين محمد بدايوني (نظام الاولياءَ) ۽ شيخ علاءُ الدين علي الصابر ڪلير واري جهڙا مشهور ولي بہ بابا فريد جا خليفا آهن. شيخ جي ولادت 569هہ ۾ ٿي. هن جو ڏاڏو شعيب نالي تاتارين جي فتني دوران هتي آيو ۽ گهتوال ملتان ۾ قاضي ٿيو. شيخ فريد ملتان ۾ علم پرايو ۽ اتي ئي 584هہ ۾ ڪيس خواجہ قطب الدين بختيار اوشيءَ جي زيارت نصيب ٿي ۽ ساڻس گڏجي هليو ويو. گهڻي مدت ساڻس گڏ رهي فيض ورتائين. شيخ فريد جي هيٺين بزرگن سان پڻ ملاقات ٿي: شيخ شهاب الدين سهروردي، شيخ سيف الدين باخري، شيخ سعدالدين حموي، شيخ بهاءُالدين ملتاني 12ورهيہ هانسيءَ ۾ گذاريائين. آخر ۾ اجوڌن پاڪ پٽن کي پنهنجو آستان بناياءين ۽ اتي ئي 644هہ ۾ وفات ڪيائين.

## سيد جلال الدين بخاري

سيوهاڻي جو ٽيون سهيوڳي ۽ سفر جو ساٿي سيد جلال الدين بخاري چيو وڃي ٿو. هن بزرگ جو نالو ۽ نسب هن طرح آهي: جلال الدين حسين بن علي بن جعفر بن محمد بن محمود بن احمد بن عبيدالله بن علي بن جعفر بن علي بن محمد بن الامام علي الرضا. سيد جلال الدين علم ۽ معرفت جو وڏو صاحب هو. بخارا ۾ پيدا ٿيو. پنهنجي والد کان علم پراياءين ۽ پنهنجي بن پٽن علي ۽ جعفر سميت بخارا کان سنڌ ۾ آيو. ڪيس سيد بدرالدين حسيني بکري پنهنجي ڌيءَ بيبي زهره نالي سان شادي ڪرائي. اتان پوءِ ملتان ويو. 645هہ ۾ غوث بهاءُالدين ملتاني سان مليو. ڪانئس فيض پرائي بکر سنڌ ڏانهن موٽيو. جڏهن سندس گهرواري بيبي زهره فوت ٿي وئي تہ پوءِ وري سيد بدرالدين بکريءَ جي ٻي ڌيءَ بيبي فاطمہ سان شادي ڪيائين. جڏهن تہ بکر ۾ سندس مائٽن سان اٽبٽ ٿي پئي. ان ڪري اتان اُچ لڏي ويو. پوئين بيبيءَ مان ڪيس ٻہ پٽ پيدا ٿيا، سيد محمد ۽ سيد احمد. هن بزرگ 19 جمادي الاول 695هہ ۾ وفات ڪئي.

**پير پٺو**

شيخ الشيوخ پير پٺو قلندر شهباز جي خاص معتقدن ۽ همعصرن مان هو. هيءُ بزرگ اپلن قبيلي مان هو. سندس نالو حسين بن راجپر هو. سندس والده جو نالو سلطاني ڏٽي ۽ مراد پٽ شرفو هو. هن بزرگ جڏهن وحدت جو جام نوش ڪيو تہ ڪونين جي هستيءَ کي وساري ويٺو. هڪ جبل جي گفا ۾ رهڻ لڳو. جيئن لال سخت پٿر ۾ رهندو آهي تيئن مخلوق کان پري رهي حق جو حضور ماڻي. ماڻهن جي نظرن کان اوجهل رهڻ لڳو ۽ گاهہ تي گذران ڪندي سڄو وقت الله جي عبادت ۽ رياضت تي گذران ڪندو هو. سڄو وقت الله جي عبادت ۽ رياضت ۾ گهاريندو هو. ڪيترائي مهينا ڪيس ان طرح لنگهي ويا. ڪنهن کي بہ سندس حال ۽ حقيقت جي ڄاڻ نہ هئي. اوچتو مخدوم عثمان شهباز قلندر جو شيخ بهاءُالدين ملتاني سان گڏ سياحت ڪندي اتان لانگهائو ٿيو. کين دل جي صفائيءَ سان هن گوهر بي بها جو پتو پئجي ويو ۽ ٻئي ان جي ملاقات جو قصد ڪري اوڏانهن هليا ۽ وڃي ٻئي شيخ سان مليا. شيخ پٺو غوث ملتان جو مريد ٿيو. ان کان پوءِ ڳجهہ ڳوهہ کي ڇڏي فيض ڏيڻ لڳو. سوين ماڻهن سندس فيض مان سيراب ٿيا.

حديقة الاولياءَ ڪتاب جي صاحب هن جي نظر ۾ وڏي تعريف ڪئي آهي. جن مان شروع جا ڪجهہ بيت هيٺ ڏجن ٿا:

*شیخ پٹہ سرور سلطان دین، فارسِ میدان عرفان و یقین،*
*واصل حق صاحب صدقا و صفا، پیشائی اولیاءَ و ازکیا،*
*شاهباز آشیانِ لامکان، در فضائی قرب طیران کنان۔*

هن 666ھ ۾ قلندر شهباز کان ست سال اڳ وفات ڪئي.

**قاضي اسماعيل بن علي بن محمد بن موسيٰ بن يعقوب ثقفي سنڌي**

هي هڪ وڏو فقيهہ ۽ خطيب هو. الور (اروڙ) جو قاضي هو. پنهنجن ابن ڏاڏن کان قضا ۽ خطابت جو وارث ٿيو. ادب، فلسفہ ۽ حڪمت جو امام هو سندس پيشاني تي قدسي انوار پيا بکندا هئا. علي بن حامد

Gul Hayat Institute

ڪوفي سنڌي تاريخ سنڌ (چچ نامہ) ۾ هن جو بيان ڪيو آهي ۽ ٻڌايو اٿس تہ مان ساڻس الور جي شهر ۾ مليس، ۽ ٻڌايو اٿس ته عربي ۾ ڪي جزوون وڏن جون لکيل موجود هيون. جن ۾ مسلمانن طرفان سنڌ تي حملي ۽ جنگين جو بيان هو. مون انهن کي قاضي صاحب کان هٿ ڪري فارسي ۾ نقل ڪيو هي بزرگ عالم بہ قلندر سائين جو همعصر هو.

## سيد بدرالدين بکري سنڌي

سيد بدرالدين محمد بن محمد بن شجاع بن ابراهيم الحسيني بکري سنڌي علم ۽ تقويٰ جو صاحب هو. هن جي ولادت ماهہ شعبان 630هہ ۾ بکر شهر ۾ ٿي ۽ اتي ئي وڏيو ويجهيو. علم ۽ طريقت پنهنجي والد کان پرايائين. سيد جلال الدين حسن بن بخاري بکري اچي هڪ ٻئي پنيان هن جي ٻن ڌيئرن زهريٰ ۽ فاطمہ سان شادي ڪئي. هن سنڌي سيد جو هڪ پٽ علي بن محمد پيءُ جي وفات کان پوءِ جهانسي هليو ويو ۽ اتي ان جو گهڻو اولاد آهي. سيد بدرالدين بکري قلندر شهباز کان پوءِ بکر ۾ وفات ڪئي ۽ اتي دفن ٿيو.

## سيد صدرالدين محمد بن محمد سنڌي

سيد صدرالدين محمد بن محمد شجاع بن ابراهيم بن قاسم بن زيد بن جعفر الحسيني بکري پنهنجي وقت جي اڪابرن مان هو. هو رجب 609هجريءَ ۾ پيدا ٿيو. سندس وفات محرم 669هجري ۾ قلندر شهباز جي وفات کان ڪجهہ سال اڳ ٿي، سندس مزار بکر جي قلعي ۾ آهي.

هنن کان سواءِ سيوهاڻي لال جا ڪي ٻيا بہ سهيوڳي ۽ همعصر آهن. جهڙوڪ بوعلي قلندر پاني پتي، جنهن ڪيس سنڌ ۾ رهڻ جي صلاح ڏني، شيخ محدث حسن بن محمد صغاني لاهور وفات 650هہ، خواجا نظام الاولياءَ وغيره رحمهم الله تعاليٰ.

***

Gul Hayat Institute

# قلندري طريقي جي قدامت ۽ ان جا ڪي اصول

هونئن تہ تصوف ۽ عرفان جا ڪئين طريقا ۽ شاخون آهن جيڪي ڪن اوليائن ۽ عارفن سان نسبت ڪري انهن ڏانهن منسوب هوندا آهن. انهن جي اپٽار شاهہ ولي الله صاحب محدث دهلوي پنهنجي فارسي تاليف الطاف القدس ۾ ڪئي آهي، پر تصوف جي قديم ڪتابن ۾ اهڙا بہ طريقا ڳڻيا ويندا آهن ۽ ٻين سيني پوين طريقن کي انهن جي برانچ يا شاخ ڳڻيو ويندو آهي هڪ بسطامي ٻيو بغدادي يا واضح لفظن ۾ بايزيد بسطامي جو قلندري طريقو ۽ ٻيو شيخ جنيد بغداديءَ جو طريقو. بايزيد بسطامي، شيخ جنيد جو همعصر ۽ ان کان عمر ۾ وڏو آهي. ڪانئس ڪي اهڙا جملا بہ صادر ٿيا آهن جو ٻين جي نظر ۾ ڪفر جا ڪلما آهن جهڙي طرح شيخ ابن سالم چئي ٿو. فرعون لم يقل ما قال ابو يزيد و بسطامي. مطلب تہ فرعون بہ ايئن نہ چيو آهي جيئن ابو يزيد بسطامي چيو آهي. ان جو حضرت ابو نصر سراج طرسي تصوف جي اولين ڪتاب اللمع ۾ جواب ڏنو آهي، قلندري طريقو انهيءَ بزرگ ڏانهن منسوب آهي. بايزيد لاءِ چيو وڃي ٿو تہ ان امام جعفر صادق کان سنئون سڌو يا روحانيت کان فيض پرايو آهي. هن کي سنڌ جي صوفي ابوعليءَ کان بہ فيض مليو آهي جو وحدت جو مسئلو بايزيد کي ابوعلي ڄاڻايو آهي. جنهن لاءِ ڪتاب اللمع ۾ ٻن جاين تي حضرت بسطاميءَ جو اهڙو اعتراف موجود آهي. اهوئي سبب آهي جو حضرت بايزيد جو داماد پيڻ جو مڙس هڪ ديبلي بزرگ آهي.

Gul Hayat Institute

هن کي حلية اولياءَ ۾ اصفهاني ۾ تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي.

قلندري طريقت جي ملامتي وصف خاص طرح شمار ڪئي وئي آهي. قرآن پاڪ ۾ اچي ٿو: لَايَخَافُوْنَ لَوْمَةَ لَائِمٍ. مطلب ته اهي الله جا پيارا ڪنهن به ملامت ڪندڙ جي ملامت کان ڊپ ڊاءُ نه ڪندا آهن يعني اهي حق گو هوندا آهن. سنئين وات تي جذب ۽ مستيءَ سان سلوڪ ڪندا آهن. ملامتن لاءِ عام طرح جيڪي ڳالهيون چيون وينديون آهن ته اهي ظاهر ۾ شريعت جي خلاف هوندا آهن، پر باطن ۾ اهي شريعت جا پوئلڳ هوندا آهن، صحيح نه آهي. اسان جي حضرت قلندر شهباز لال سائين جو هڪ وڏو معاصر صوفي حضرت شيخ محي الدين ابن عربي (وفات 630) ملامتيءَ جي مٿئين معنيٰ بابت بنهه خلاف ويو آهي. هن قلندرن جون وصفون هن طرح ٻڌايون آهن ته اهي زهد جا پابند هوندا آهن. مطلب ته دنيا جي لذتن کان پري رهندا آهن، انهن تي دنيا جي لذتن کان پري رهڻ جو جذبو غالب هوندو آهي، اهي سڀ چڱا ڪم جن جي شريعت ۾ رغبت ڏياري وئي آهي، انهن جي تعميل ڪندا آهن. ان طرح ظاهر سان گڏ پنهنجي باطن ۽ اندر کي به انهن ئي صفتن سان پاڪ رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اهڙن خدا جي ٻانهن جي اها به عادت هوندي آهي ته انهن وٽ ڪو دعا ڪرائڻ لاءِ ويندو آهي ته اهي ان کي ڏمڪائي هينئن چوندا آهن ته بابا! منهنجي ڪهڙي حقيقت آهي ۽ آءٌ ڇا آهيان جو ڪنهن لاءِ ويهي دعا ڪريان. محتاجن جي آڏو اهڙا قلندر انهيءَ چال کي هن ڪري پسند ڪندا آهن ته جيئن خودبيني ۽ خودپسندي (پاڻ پڏائڻ) جي جذبي کي پاڻ ۾ اسرڻ نه ڏين. قلندرن جي دل ۾ هميشه نفس جي بڇڙي خواهش جي غلبي جو ڊپ رهندو آهي، رياڪاري ۽ پاڻ پڏائڻ کان ته اهي ڪوهين پري هوندا آهن.

قلندري اوصاف ۾ عشق ۽ جذب کي وڏو دخل آهي، اهي هر وقت خدا پاڪ جي عشق ۽ محبت ۾ غلطان رهندا آهن. حضرت لال شهباز جو هڪ گهاٽو دوست بوعلي قلندر جنهن جي صلاح ۽ اشاري تي شهباز سنڌڙيءَ جي پڪي ۾ پيو. قلندري جي هن وصف عشق جو اندازو

Gul Hayat Institute

ان جي هڪ مثنويءَ مان لڳائي سگهون ٿا:

عشق کو بي پال وير طيران کند    عشق کو ملک سليماني نهد
عشق کو تا تاج سلطاني نهد    عشق کو تاسينه پر سودا کند
عشق کو تا چشم دل بينا کند    عشق کو تا عقل را حاصل کند
عشق کو تا عقل رازائل کند

مطلب ته عشق اصل ۾ اهو آهي، جو کنيڙاتي کان سواءِ اڏامي ٿو. اهو عشق لامڪان ۾ جولان ڪندو آهي.

عشق اهو جو عاشق جي مٿي تي سلطاني چٽ رکي ۽ ان کي سليمان ﷺ وارو ملڪ عطا ڪري.

عشق ان کي چئجي جو دل جي اک کي ڏسندڙ ڪري ۽ سيني کي سودا سان پري چڙي.

عشق اهو جو عقل کي اڏائي ڇڏي ۽ وري عقل کي هٿ به ڪري.

عشق کو تاجام مدهوش دهد،
عشق بايد تا فراموشي دهد.

عشق اهو آهي جو مدهوشي جو پيالو پياري، اهو عشق ڪپي جو پاڻ وسارائي ڇڏي.

قلندر جي اها به خاصيت آهي جو هو زهد ۽ تقويٰ جو صاحب هوندو آهي ۽ ان وٽ زهد ۽ تقويٰ نالو آهي بادشاهه ۽ امير کان لاطمع رهڻ، سرمائيدار کان پاسو ڪرڻ، ان ۾ ڪا لالچ نه رکڻ، غريبن سان همدردي ڪرڻ. هن وٽ زهد ۽ تقويٰ هن جو نالو نه آهي جو خلق جي ڏيکاءُ لاءِ صوفي بڻجي ۽ گودڙي پائي گهمي ۽ نه ڪي هن جو نالو آهي ته ڦٽي، ڏنڊڻ ۽ تسبيح ڳچيءَ ۾ ڪنيو ويهي.

شيخ عبدالحق محدث دهلوي ڏهين صديءَ ۾ ننڍي کنڊ جو هڪ وڏو محدث ۽ قادري طريقت جو پير طريقت ٿي گذريو آهي. ان پنهنجي ڪتاب اوصاف فارسي ۾ قلندرن ۽ بين اوليائن لاءِ هن طرح لکيو آهي:

”اما به يقين بايد دانست که ممکن نيست کو هيچ سري از اسرار مخالف

ظاهر آيات واحاديث بود الابر ذات صحابه كذب لازم شور نعوذبالله من ضلالة الاعتقاد الخ"

مطلب تہ هن تي يقين ۽ ويساھ ڪرڻ گھرجي تہ اھو ممڪن ئي نہ آھي تہ قلندرن ۽ ٻين اوليائن طرفان ڪوبہ اسرار قرآن پاڪ جي آيتن ۽ پيغمبر ﷺ جي حديثن جي ظاهر مطلب جي مخالف ھجي. نہ تہ حضور ﷺ جي پيارن ساٿين تي جن شريعت ۽ اسلام کي امت آڏو پيش ڪيو انھن تي ڪوڙ جي تهمت اچي ويندي. هن گمراهہ اعتقاد ۽ ويساھہ کان الله پاڪ پناھہ ڏي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو شريعت جي مخالف ڪا ڳالهہ ڇيڙي، اهو نہ تہ ڏٺي جو ڪو راز آهي ۽ نہ ڪي سيد الابرار جي حديث. پر سچو سارو ڪوڙ آهي جو شيطان پاران ان تي اهو خيال وڌو ويو آهي.

قلندر جي مکيہ وصف هوندي آهي دنيا جي لذت کان دور رهڻ. قلندر جي آڏو هميشہ نبي اڪرم ﷺ جي اها حديث رهندي آهي: "ترک الدنيا راس کل عباده وحب الدنيا رائس کل خطيئة." مطلب تہ دنيا سان دل نہ رکڻ سڀني عبادتن کان بهتر آهي ۽ دنيا سان محبت سڀ ڪنهن دنيا ۾ بڇڙائي جو بنياد آهي. قلندري مشرب جو اهو اصول آهي تہ حق جي واٽ ۾ پير پائڻ نالو آهي دنيا جي محبت کي دل مان تڙي ڪيڻ. ڇو تہ هڪ حديث موافق دنيا هڪ ڍونڊ آهي ۽ ان جا طالبو ڪُتا آهن.

اهي آهن ڪجهہ قلندري اصول جن جي پرچار لاءِ اسان جو قلندر لال قرب ڪري هتي سيوهڻ (سنڌ) ۾ رهيو ۽ هتي جي سڀاجهڙن کي خدا پاڪ جي راهہ پسائيندو رهيو. سندس خليفو شيخ علي بغدادي سيوهاڻي هو جنهن جو پنهنجي مرشد لال سائين سان اهو نيهہ جو ناتو هو جو جنهن سال قلندر لال وفات ڪئي، ان ئي سال هو بہ گذاري ويو ۽ حظيرة القدس ۾ وڃي قلندر جو ساٿي بڻيو. ان کانپوءِ سيد علي ٻيو سيوهاڻي، جيڪو اصل شيراز جو رهاڪو هو ۽ قلندر جو قرب ان کي

شيراز کان هت سنڌ ۾ وٺي آيو هو ان مجاوري ۾ خلافت سنڀالي.

حضرت قلندر لال شهباز جي تاريخ وفات ۾ وڏو اختلاف آهي، هڪ هنڌ سندن وفات سن 688هه ٻڌائي ويئي آهي، اها عبارت هن طرح آهي:

تاريخ وفات شيخ عثمان مروندي لال شهباز قلندر بروز پنجشنبه وقت عصر 21 شعبان 688هه ولادت 552هه عمر 136 سال مدفن در سيوستان.

تذڪره سير قلندري ۾ تاريخ وفات لاءِ فارسي ۾ ماده تاريخ هن طرح ڪيو ويو آهي:

*چو شهباز مقدس لعل حضرت شده طائر برحمت راز جنت،*
*سمودم فکر تاریخی وصالش سروش غیبیم گفتا برحمت۔*

قاضي هدايت الله 19 شعبان 673هه لکي ٿو. مقالات الشعراء ۾ سن 673هه ٻڌايو ويو آهي. نسب سادات قلمي رسالي ۾ سن 650هه لکيو ويو آهي ان کي عليٰ الائع يعني سڀ کان صحيح قول ٻڌايو ويو آهي. والله اعلم

***

Gul Hayat Institute

# لعل شهباز جي روضي جا تاريخي ڪتبا

لعل شهباز جي روضي تي ۽ ان جي آسپاس عمارتن تي ڪيئي ڪتبا لڳل آهن، جي تاريخي نقطہ نظر کان ڪافي اهميت رکن ٿا.

1ـ اڳئين روضي جو نئون ڪم، ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي ڪرايو. انهيءَ متعلق روضي جي دروازي جي کٻيءَ ٻانهينءَ تي هيٺين ڪتابت ٿيل آهي، جا ڪاريگر جو نالو نروار ڪري ٿي:

”غلام لعل شهباز چتہ سنگتراش سنہ 1228هہ تاريخ 8 ماه صفر.“

انهيءَ ڪتبي مان ظاهر آهي تہ 8 صفر سن 1228 هہ المقدس ۾ چتي سنگتراش اها مرامت تڪميل جي درجي تي پهچائي.

2ـ روضي جي دروازي جي سڄيءَ ٻانهينءَ تي شاهجهان بادشاهہ جو ڪتبو لڳل آهي، جنهن ۾ (ڪم يا مرمت) جي شروعات سن 1020هہ ۽ خاتمو سن 1021هہ جاڻايل آهي. شاهجهان بادشاهہ لعل شهباز قلندر جي مزار جي جوار ۾ هڪ مسجد بہ ٺاهرائي، جا اڄ تائين روضي جي اتر اوير ۾ بيٺل آهي ۽ جنهن جي آڏو صحن واري ديوار جي چوٽيءَ تي وڏو شاهي ڪتبو لڳل آهي.

3ـ روضي جي دروازي جي اتر طرف خانقاهہ جي الهنديءَ ٻانهينءَ مٿان (الف) هڪ ڪتبو لڳل آهي، (ج) ان جي وچ ۾ وري نثر ۾ عبارت ڏنل آهي ۽ (ب) ان جي هيٺيان وري ٻيو ڪتبو لڳل آهي.

(الف) چوٽي واري ڪتبي ۾ جملي 9 مصراعون آهن. هن ڪتبي مان معلوم ٿئي ٿو تہ لعل شهباز قلندر جي روضي جو نئين سر بنياد

سلطان فيروز شاھ تغلق جي ڏينهن ۾ سنڌ جي گورنر اختيارالدين ملڪ وڌو. هن بناء جي تاريخ هيٺين مصرع نمبر 6 مان ملي ٿي:

بروز هفتم از ماه رجب بنی شد این روضه،
بسال هفصد و پنجاه و هفت از هجرت مهتر۔

(يعني تہ هن روضي جو بنياد ستين رجب سنہ 857ھ تي رکيو ويو.)

(ب) نثر واري عبارت کان هيٺ ڏنل ڪتبي ۾ جملي ۾ 8 مصراعون آهن، جنهن ۾ مرقد جي بناء جي تاريخ ذرا مختلف طور هيٺين مصرع نمبر 5 ۾ جاڻايل آهي:

هفتم از ماه صفر بنی شد این مرقد بسال،
هفصد و پنجاه و هشت از هجرت احمد شمار۔

(يعني تہ: هن مرقد جو بنياد 7 صفر سن 758ھ ۾ رکيو ويو.)

(ج) انهن ٻن ڪتبن جي وچ ۾ جدا پٿر تي نثر ۾ هڪ عبارت ڪند ٿيل آهي، جا هيٺ ذرا ناقص صورت ۾ ڏني وڃي ٿي:

چون در عهد سلطان فیروز مرحوم روضه قدیم
بنا شده بودو این دو سنگ تاریخ نوشته نصب کرده بودند
آخر چون گبند کلان در عهد مرزا جانی ترخان بنا یافته این
سنگهای برهم افتاده بودند الحال که این فقیر سید بهر ورده
عرف دیندار خان باشد در عهد دولت حضرت صاحب قرآن ثانی
محمد شهاب الدین روضه ـــ داده مسجد راست ساخت
دو سنگ را هم در دیوار خانقاه نهاده شد۔ گذشته

(يعني تہ سلطان فيروز مرحوم جي عهد حڪومت ۾ حضرت لعل شهباز جي پراڻي روضي جو بنياد پيو ۽ هي ٻہ تاريخ جا پٿر لکي لڳايا ويا. پوءِ جڏهن مرزا جاني خان ترخان جي عهد حڪومت ۾ وڏو گبنذ نهيو تڏهن اهي پٿر ڪري پيا هئا. هينئر هن فقير سيد بهر ورده (؟)

عرف ديندار خان، جو محمد شهاب الدين شاهجهان، حضرت صاحب قرآن ثاني جي عهد حڪومت ۾ هو تنهن روضي کي.. (؟) ڪري مسجد درست ڪرائي ۽ بنهي پٿرن کي به درگاهه جي ديوار ۾ لڳايو... (؟) ..... گذشته..... (؟)......

هن مان معلوم ٿو ٿئي ته سلطان فيروز شاهه جي عهد بعد وري شاهجهان بادشاهه جي حڪمراني ۾ هن سنڌ ۾ مرزا جاني بيگ ترخان جي ايامڪاري ۾ وڏي گنبذ جي تعمير ٿي.

4- روضي جي پنيان الهندي طرف هڪ ننڍي ڪروٺ آهي جنهن جي ڏاکڻيءَ ٻانهينءَ تي هي هڪ ڪتبو پٿر تي ڪند ٿيل آهي.

جهان مردم کس است اے دل مباش از جان وفادارش
که جز کبن و جفا نادر ز بیداری دگر کارش
تواز حال محمد شاه برگیز اعتبار از وے
که چون اورنگ شاهی ور ربود این دور غدارش
شهنشاهت این اے خواجه کش بینی بخاک اندر
که همچون بندگان بودند شاهانِ جهاندارش
اگرچه پیش از صد بار دربارش چنان دیدی
کنون چشم خرد بکشا در این جا بنگر این بارش
جهان بکشاد از مردے و بخشید از جوانمردی
بدهر از ماه محرم بیست و یک کاندر شب شنبه
گذشته هفصد و پنجاه دوشد عزم آن دارش

Gul Hayat Institute

(يعني اي دل! هي دنيا ماڻهن کي فنا ڪندڙ آهي، تون ان تي فريفته ۽ عاشق نه ٿي، ڇو ته جور ۽ جفا کان سواءِ ان مان ڪجهه به نه حاصل ٿيندو. تون محمد شاهه (تغلق) جي احوال کان هن دنيا جو اندازو لڳائي سگهين ٿي ته بيوفا زماني سندس تخت و تاج ڪسي ورتو. هي شهنشاهه آهي، جنهن کي تون مٽيءَ جي اندر ڏسين ٿي ۽ ٻيا اهڙا ماڻهو به هئا، جن دنيا تي حڪومت ڪئي هئي، جيتوڻيڪ ان کان اڳ تو سوين ڀيرا انهن جي دربار ڏٺي هوندي، ليڪن هينئر عبرت جي اک

سان ڏس تہ هو ڪيڏي نہ مٿيءَ جي ڍير هيٺان دٻيل آهي، جنهن دنيا کي پنهنجي طاقت سان فتح ڪيو هو ۽ پنهنجي سخا سان ماڻهن تي بخششون ڪيون هيون، ان جي فقط ڪوشش ۽ بخشش سبحان سندس نالو دنيا ۾ روشن آهي. پاڻ 21 محرم سن 752هہ ۾ ڇنڇر رات هن دارفاني کان عالم جاوداني ڏي روانو ٿيو.)

حقيقت هي آهي تہ سن 751هہ جي آخر ۾ سلطان محمد تغلق سنڌ ۾ سومرن جي طاقت کي ختم ڪرڻ لاءِ چڙهائي ڪئي، ٺٽي جي نزديڪ سلطان جو لشڪر سومرن سان برسرِ پيڪار رهيو ۽ انهيءَ جنگ جدل ۾ ئي سلطان محمد بن تغلق وفات ڪئي. سندس وفات تي سلطان فيروز شاهہ مرڪزي لشڪر جون واڳون سنڀاليون ۽ باقي لڙائي واري عرصي تائين سلطان جو نعش شايد سيوهڻ روانو ڪيائين تہ اتي لال قلندر شهباز جي جوار ۾ عارضي طرح امانت طور دفن ڪيو ويجي. هي ڪتبو انهيءَ عارضي دفن بنسبت لکيل ٿو ڀانئجي. ان بعد جڏهن سلطان فيروز شاهہ سومرن کي شڪست ڏني تڏهن خود نصرپور آيو جتي سنڌ جي انتظامي امور لاءِ آفيسر مقرر ڪيائين. اتان پوءِ سيوهڻ آيو جتان سلطان مرحوم جو نعش ڪڍائي، بقول تاريخ مبارڪ شاهي، هاٿيءَ تي دهلي ڪڻائي ويو جتي سلطان کي آخري طور دفن ڪيو ويو. جيئن سلطان فيروز شاهہ خود پنهنجي هٿ لکيل حالات ”فتوحات فيروز شاهي“ ۾ ڄاڻايو آهي.

2_ الهندينءَ ٻانهينءَ تي هڪ ڪتبو لڳل آهي، جنهن جون هي سٽون پڙهي سگهجن ٿيون:

بعهد دولت فیروز شاہ خسرو گیتی
کہ یزدان بر سریر سلطنت باد نگهدارش
هر آن سلطان دین بروز بر آمد این چنین گنبد
کہ آمد پیشهای گنبد گردون دوارش
بسال هفصد و پنجاه و چار از هجرت احمد
قبول بندہ درگاہ او سرمست معمارش

Gul Hayat Institute

(يعني سلطان فيروز شاهہ جو دين جو خدمتگار آهي، شل ڏٺي سندس تخت ۽ تاج کي حفاظت ۾ رکي، ان جي عهد حڪومت ۾ هي گنبذ تعمير ٿيو. آسمان هن گنبذ جي سامهون چڪر کائي ٿو. "سرمست" معمار هيءَ درگاهہ سن 754هہ ۾ تعمير ڪئي.

سيوهڻ نهايت قديم شهر آهي، جنهن ۾ پوري تلاش ڪرڻ سان ڪيترين تاريخي حقيقتن جو انڪشاف ٿي سگهي ٿو. هن سلسلي ۾ چٽہ آمراٽي جي قبرستان جو معائنو مؤرخن لاءِ خاص طور ڪارائتو ثابت ٿيندو.

***

Gul Hayat Institute

# قلندر جي ڪلام تي ٿيل تحقيق جو جائزو

سنڌ جي سرزمين انهيءَ ڳالهه تي بجا طور فخر ڪري سگهي ٿي ته اسلام جي ابتدائي ڏينهن ۾ مذهب جي ڦهلاءَ خاطر، داعي ۽ مبلغ نندي ڪنڊ جي ٻين خطن ڏانهن رجوع ٿيڻ کان اڳ، سڀ کان اول سنڌ ۾ وارد ٿيا. انهن بزرگن پنهنجي پاڪيزگيءَ کي مثال بڻائي پيش ڪيو. جنهن جي نتيجي ۾ لکين انسان، اسلام جي دائري ۾ اچي ويا. حضرت لال شهباز قلندر (المتوفي 673هه) انهن بزرگن جي سٽ ۾ ممتاز حيثيت رکي ٿو جن جي فيض ۽ برڪت هن سرزمين کي سرشار ڪيو.

حقيقت هيءَ آهي ته دينِ حق جو پيغام ديس ديس جي ماڻهن تائين پهچائڻ ۾ جيترو حصو اولياءِ ڪرام ۽ صوفياءِ عظام جو آهي، اوترو ٻين جو نه آهي. ان ڏس ۾ سر ٿامس آرنلڊ لکي ٿو:

”اسان کي اسلام جي تبليغي روح جي تلاش جنگي جوڌن مسلمانن يا محدود نظرئي جي ملائن جي غيض و غضب ۾ نه ڪرڻ گهرجي پر انهن پرامن ۽ خاموش مبلغن جي ڪيل خاموش ڪوششن ۾ ڪرڻ گهرجي، جن پنهنجي عمده اخلاق ۽ عمل صالح سان ماڻهن جا من موهيا.“

آرنلڊ صاحب جو اهو اشارو انهن صوفياءِ ڪرام ۽ اولياءِ بزرگن ڏانهن آهي جيڪي جتي به ويا اتي، امن، آشتي، صلح ۽ سڪون، محبت ۽ مساوات، اخلاص ۽ رواداري، انساني اخوت ۽ برادريءَ جو

Gul Hayat Institute

پيغام ڪٽي ويا. ۽ تبليغ حق جي اعليٰ مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا. جيڪو ٻيءَ طرح حاصل ڪرڻ ممڪن نہ هو.

انهن صوفي بزرگن ۽ اولياءِ ڪرام، پيغمبر اسلام جي تبليغي طريقي تي عمل ٿي فرمايو هو ايائٽن ۽ ابوجهن لاءِ رحمت ۽ شفقت جون بشارتون ڪٽي پهتا.

حضرت قلندر شهباز جڏهن واديءَ سنڌ ۾ تشريف فرما ٿيو ان وقت سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت هئي ۽ اُچ ۾ ناصرالدين قباچہ حڪمران هو. هن زماني ۾ سنڌ ۽ ملتان ۾ ڪئين بزرگ، اولياءِ الله ۽ صاحب علم و فضيلت موجود هئا. جن مان ڪيترن سان سندس (حضرت لال شهباز قلندر جي) صحبت ٿي. انهن بزرگن ۾ ڪي تہ پنهنجي علم و فضيلت جي ڪري سنڌ ۽ هند ۾ شهرت رکندا هئا. انهن بزرگن ۾ هيٺين جوان وقت گهڻو ڏاڪو جميل هو:

1ـ حضرت غوث بهاءُالدين ذڪريا ملتاني (565هہ ـ 696هہ)

2ـ سيد جلال سرخ بخاري اُچ شريف وارو. (1291هہ)

3ـ بابا فريد گنج شڪر پاڪ پتڻ وارو (659هہ ـ 664هہ)

4ـ حضرت شيخ نوح بکري (مقبرو بکر بيٺ ۾ ريلوي بند جي لڳ)

5ـ سيد بدرالدين بن سيد صدرالدين (مزار بکر بيٺ ۾)

6ـ شاهہ صدر لڪياري

7ـ شيخ ريحان

8ـ ميان لال (مڪليءَ تي دفن ٿيل آهي)

9ـ حاجي منگهو (منگهو پير)

10ـ حاجي اسماعيل پنهور (پاٽ ۾ مقبرو)

11ـ شيخ حسن ديبلي عرف پير پنو (المتوفي 1248ع ـ 646هہ)

12ـ سلطان لعل ابراهيم (درگاهہ ڳوٺ اورنگ آباد، تعلقو ڳڙهي ياسين)

انهن بزرگن ۾ اڪثر نہ فقط ان وقت علم ۽ فضل جا ڏٽي ۽ ڪافي شهرت رکندا هئا. بلڪ اڄ بہ انهن مان ڪي لاثاني شاعرن، عالمن ۽ فاصلن جي حيثيت رکن ٿا.

Gul Hayat Institute

سيد علي شير قانع پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب، تحفة الڪرام ۾ حضرت شيخ بهاءُالدين ذڪريا، مخدوم جلال سرخ بخاري، حضرت لال شهباز قلندر ۽ حضرت فريد گنج شڪر ڪي چاريار سڏيو آهي، ۽ هن جي راءِ مطابق سيوهڻ واريءَ يڪ ٽنييءَ جي مٿان انهن چئني بزرگن مڪاشفا ڪيا.

نقادن جو رايو آهي تہ حضرت شهباز بہ منصور حلاج، خواجہ شمس تبريز ۽ برگزيده صوفياءِ ڪرام وانگر وحدت الوجود جا قائل هئا، سڀ شيءِ ۾ انهيءَ سچي سائينءَ جي سونهن تي ڏٺائون ۽ دوئيءَ ڪي دور ڪري، ساري عالم ۾ رب العالمين جي هيڪڙائي جو مشاهدو تي ماڻيائون، جهڙيءَ طرح فرمائين ٿا:

دوئی از سر بدر کردم یکے دیدم دو عالم را
یکے بینم، یکے جویم، یکے دانم، یکے خوانم۔

صوفياءِ ڪرام جي پاڪيزه ڪلام جي حقيقي عظمت جي اندازي لڳائڻ ۽ ان ڪان پوءِ پوري طرح روحاني راحت حاصل ڪرڻ لاءِ لازمي طور تصوف جي تحقيقي تعريف تي سوچڻو ٿو پوي. تصوف بلاشبہ اسلام جي روحاني، مذهبي ۽ اخلاقي فڪر جو بهترين ثمر آهي. تصوف جو تعلق انساني روح جي ارتقا ۽ سفر سان آهي. قلندر شهباز صوفي لاڪوفي هو.

هن بزرگ جي زندگيءَ جي بين نقطن سان گڏ ماهرن ۾ هن جي شاعر هجڻ يا هن جي شاعريءَ جي باري ۾ اختلاف آهي. هڪڙن جي راءِ مطابق حضرت قلندر شهباز شاعر نہ هو پر بين دليلن ۽ مثالن سان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ هي بزرگ پنهنجي دور جو هڪ لاثاني شاعر هو. ان سلسلي ۾ قلندر شهباز عنوان واري ڪتابچي جي مصنف جو رايو آهي تہ:

”قلندر شهباز جو ڪلام جيتوڻيڪ زياده نہ آهي پر جيڪي بہ آهي سو عشق الاهيءَ جي سوز ۽ گداز سان پريل آهي. سندس رحلت فرمائڻ کان ست سؤ سال پوءِ پهريون پيرو هڪ

Gul Hayat Institute

شخص، فقير ظفر عليءَ سندس نالي سان فارسي غزلن جو
هڪ منتخب مجموعو منظرعام تي آندو. جنهن ۾ بيشمار
اوڻايون آهن ۽ اهڙا ڪيترائي اشعار جن تي گمان ٿئي ٿو ته
اهي سندس چيل نه آهن، يا ته غلطيءَ وچان ان ۾ شامل ڪيل
آهن، يا ازخود عقيدتمنديءَ جي انتها سبب سندس نالي
منسوب ڪيل آهن. جن جي مضمون ۽ معيار جي لحاظ کان
يقين سان چئي سگهجي ٿو ته اهي هڪ دردمند دل جي دانهن
آهن، جيڪا قرب الاهيءَ جي هڪ ڪيفيت ۽ قرار هجر ۽
فراق جي درد ۽ اذيت کان آشنا آهي.“

مذڪوره انتخاب موجب سلوڪ جي راهه ۾ شريعت، حقيقت، طريقت ۽ معرفت جي مدارج متعلق ڪاميابيءَ جي ڪيفيت تائين پنهنجي مشاهدي ماڻڻ جي تاثرات ڪي هن طرح بيان ٿا فرمائين:

رسید من بدریا که موجش آدمی خوار است،
نه کشتی اندر آں دریا نه ملاح عجب کار است،
شریعت کشتیءَ دارد طریقت بادبانِ او،
حقیقت لنگرے دارد، که راه عقل دشوار است،
چو آبش جلوه خود دیدم بترسیدم از آں دریا
بدل گفتم چرا ترسی گذر باید که ناچار است۔

يقيناً دم هڻڻ لاءِ به دل ٺئي کپي، هر ڪنهن ۾ همت ڪانه هوندي آهي جو هن قسم جو دم هڻي سگهي.

ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻيءَ جي راءِ موجب:

”حضرت قلندر شهباز نه فقط هڪ ولي الله هو پر هو برصغير ۾
فارسي زبان جو پهريون شاعر هو. سندس فارسي شاعريءَ جو
مجموعو ”عشقيه“ جي عنوان سان، سندس هڪ مريد فقير
ظفرعليءَ سندس وفات کان ست سؤ سال پوءِ مرتب ڪيو.“

انهيءَ سلسلي ۾ روزانه جنگ راولپنڊيءَ جي 21 آڪٽوبر، 1970ع واري اشاعت ۾، ”گلچين“ جي نالي سان هڪ مقالو ڇپيو هو جنهن ۾

Gul Hayat Institute

ڄاڻايل آهي تہ فقير ظفر علي حضرت قلندر شهباز جي ڪلام جو مذڪوره مجموعو تڏهن مرتب ڪيو، جڏهن ڪيس حضرت قلندر شهباز خواب ۾ اهڙو حڪم فرمايو هو انهيءَ لاءِ تہ عرس جي موقعي تي هر سال سندس اهو ڪلام پڙهيو وڃي. هن وقت تائين جن بہ محققن حضرت قلندر شهباز جي ڪلام تي تحقيق ڪئي آهي يا ڪجهہ لکيو آهي تہ انهيءَ مجموعي يعني ”عشقيہ“ کي پنهنجي تحقيق جو بنياد بنايو آهي.

هن وقت تائين جن مؤرخن ۽ محققن حضرت قلندر شهباز کي شاعر تسليم ڪيو آهي ۽ سندس شعر پنهنجن ڪتابن ۾ درج ڪيو آهي، انهن ۾ هيٺين اديبن ۽ عالمن ۽ فاضلن جا نالا قابل ذڪر آهن:

| #. | اديب/ عالم جو نالو | ڪتاب جنهن ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي |
|---|---|---|
| 1 | مخدوم محمد هاشم ٺٽوي | مرحہ سنڌ |
| 2 | مخدوم عبدالواحد سيوستاني | فتويٰ واحدي |
| 3 | مير علي شير قانع ٺٽوي | مقالات الشعراء ۽ تحفة الڪرام |
| 4 | قادر بخش ”بيدل“ | سندالموحدين/ رموز العارفين |
| 5 | مولچند مهتا | رسالہ سوانح قلندر |
| 6 | خداداد خان | لُب تاريخ سنده |
| 7 | هڪ قلمي نسخو | بياض صالح |
| 8 | حڪيم فتح محمد سيوهاڻي | قلندر نامو |
| 9 | هرومل سدارنگاڻي | Persian Poets of Sindh |
| 10 | ڊاڪٽر قاضي نبي بخش | Qalandar Shahbaz |
| 11 | مولائي شيدائي | تاريخ تمدن سنڌ/ جنت السنڌ |

ان ڏس ۾ علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي، پروفيسر محبوب علي چنا، ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ سنڌي، تاج محمد صحرائي، ڪريم بخش خالد، وفا راشدي، محمد علي ڏيپلائي، غلام حيدر سولنگي، ارشاد شاڪر اعوان ۽ ٻين ڪيترن اديبن ۽ عالمن جا نالا پيش ڪرڻ جي لائق آهن جن ڪتابن، مقالن، مضمونن ۽ هر سال عرس جي موقعي تي منعقد ڪيل ڪانفرنس کان سواءِ نئين زندگي، پيغام ۽ ٻين رسالن ۾

حضرت قلندر شهباز جي سوانح، ڪلام ۽ پيام تي پنهنجي علم ۽ ڄاڻ جو اظهار ڪيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي پنهنجي ڪتاب، قلندرنامه ۾ لکي ٿو:

”عشقيه“ نالي شعرن تي مشتمل ڪتاب، جيڪو قلندر شهباز ڏانهن منسوب ڪيل آهي، سو شيخ عثمان انصاريءَ جو آهي. هن جي لکت موجب اهو ڪلام قلندر شهباز جو نه آهي، ڇو ته هن ڪتاب ۾ حافظ ۽ جاميءَ جا به شعر شامل ڪيل آهن جيڪي قلندر شهباز کان گهڻو پوءِ واري دور جا شاعر آهن.“

ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ صاحب پنهنجي ڪتاب تذڪره شهباز ۾، هن سلسلي ۾ تمام گهڻي محنت ۽ تحقيق سان هن موضوع تي بحث ڪيو آهي. ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو:

”ڊسٽرڪٽ ڪائونسل دادوءَ طرفان حضرت قلندر شهباز ڏانهن منسوب فارسي ڪلام سائيڪلو اسٽائيل ڪري شايع ڪيو ويو هو جنهن ۾ ’راجا‘ تخلص آيل آهي. انڪان سواءِ ٻين ڪتابن ۽ رسالن ۾ به حضرت قلندر شهباز ڏانهن منسوب فارسي شاعري شايع ٿيندي رهي آهي. حقيقت ۾ ’راجا‘ جي تخلص سان جيڪو به شعر حضرت قلندر شهباز ڏانهن منسوب ڪيو وڃي ٿو سو ’راجو قتال‘ جو آهي.“

ميمڻ صاحب جي راءِ موجب ’راجو قتال‘ دراصل سيد صدرالدين راجو قتال بخاري، حضرت جلال الدين بخاري جهانيا جهان گشت (وفات 785هه ۽ مدفون اُچ شريف) جو ننڍو ڀاءُ هو جنهن 827هه ۾ وفات ڪئي.

ڊاڪٽر ميمڻ صاحب جي خيال موجب ”راجو قتال جي ڪلام جو هڪ ٻيو نسخو پنجاب يونيورسٽيءَ ۾ موجود آهي، هن نسخي ۾ ڪل 33 غزل شامل آهن. هن ديوان جي آخر ۾ بقول ميمڻ صاحب هيءَ تحرير آهي:

Gul Hayat Institute

”تمت تمام شد کان من نظام شد این دیوان شاهه راجو قتال صاحب را بتاریخ دهم رجب 11 از۷۱اھ یادگارے بروز شنبه از دست خاص شیخ محمد جعفر ولد محمد عباس۔“

ميمڻ صاحب جي لکت موجب هن نسخي سان مجلد هڪ ٻيو نسخو بہ آهي جنهن جو نالو سلک السلوک آهي. هن ڪتاب جي آخر ۾ هي سٽون لکيل آهن:

”کتاب سلك السلوك تصنيف مولا بخش عفى عنه بخط کمترین بندگان درگاه نعمت الله ابن حسن دهلوی روز چهار شنبه 24، جمادی الاول 1155ھه“

ميمڻ صاحب سيد راجو قتال جي هڪ ٻئي نسخي جو بہ ذڪر ڪيو آهي جيڪو قاضي علي اڪبر صاحب جي بياض ۾ نقل ٿيل آهي. هن بياض ۾ هن ديوان کان سواءِ حضرت سچل سرمست جون مثنويون، ٻين ڪن شاعرن جو سرائڪي ڪلام ۽ پارسي نثر ۾ تصوف جي مسئلن تي رسالا آهن. هن بياض ۾ ديوان راجا کان سواءِ حضرت قلندر شهباز جا ڪجهه غزل پڻ ڏنل آهن جيڪي اڳ ڪٿي بہ ڇپيل ڪونهن.

هن ڏس ۾ صوبہ سرحد جي مانسهره شهر جي هڪ اديب ۽ عالم ڊاڪٽر سدارنگاڻي، وفا راشديءَ ۽ ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ صاحب سنڌيءَ جي خيالن تي رايا ڏنا آهن هو روشني وجهندي لکي ٿو:

”راجو قتال ٻہ آهن. هڪڙو اهو راجو قتال جيڪو سيد جلال بخاريءَ جي فرزند سيد احمد ڪبير جي پٽ سيد جلال بخاري مخدوم جهانيا جهان گشت جو پاءُ، يعني سيد احمد ڪبير جو پٽ ۽ سيد جلال بخاري اول جو پوٽو هو ٻيو (راجو قتال) سيد يوسف راجا (المتوفي 721ھ) بن محمد البخاري راجو قتال، جيڪو سيد محمد حسيني بنده نواز گيسو دراز جو پيءُ هو.“•

• نصيرالدين هاشمي: دکن ۾ اردو بحوالہ مشکوات النبوت، مخطوط کتب خانہ آصفيہ حيدرآباد دکن، ص 19

اعواڻ صاحب جي راءِ موجب

”سيد يوسف راجا المعروف بہ راجو قتال، سيد جلال بخاري ثاني مخدوم جهانيا جهان گشت جو ڀاءُ سيد صدرالدين سيد محمد راجو قتال نہ آهي، صدرالدين محمد راجو قتال، سيد جلال بخاري مير سرخ علي الحسينيءَ جي فرزند. سيد احمد ڪبير جو فرزند هو.

اعواڻ صاحب سوال پڇي ٿو تہ: ”معلوم نہ آهي تہ ميمڻ صاحب راجو قتال مان مراد سيد جلال بخاري بن سيد احمد ڪبير جي پٽ سيد جلال بخاري مخدوم جهانيان جهان گشت جي ڀاءُ سيد محمد راجو قتال ٿو وٺي يا سيد يوسف (المتوفي 721هہ) بن محمد راجو قتال والد بزرگوار سيد محمد حسيني بنده نواز گيسو دراز؟

اعواڻ صاحب هن سلسلي ۾ جناب نصيرالدين هاشميءَ جي ڪتاب، دکن ۾ اردوءَ جو حوالو ڏيندي لکي ٿو:

”خواجہ بنده نواز گيسو دراز حسينيءَ جي والد (المتوفي 731هہ) پنهنجو تخلق ”راجا“ رکيو هو ۽ اج تائين ”سيد راجا“ يا ”شاهہ راجو“ جي نالي سان مشهور آهي.“

اعواڻ صاحب اڳتي لکي ٿو:

”انڊيا آفيس لائبريريءَ ۾ هڪ مخطوطو فارسي ديوان آهي، ان جو نمبر 702 ايٿي آهي، جو 1158هہ ۾ مرتب ڪيو ويو هو. هن نسخي ۾ 21 شعرن تي مشتمل هڪ غزل آهي، سرورق تي لکيل آهي: اشعار تصنيف راجا بہ هندي، پر هن ۾ هندي زبان ۾ ڪوبہ شعر ڪونهي، سڀ فارسي غزل آهن. (۱) • هاشمي صاحب ان مان ڪجهہ غزل مثال طور ڏنا آهن، جن مان ڪي شعر هن طرح آهن:

راجا کہ تماشائیءَ جهاں سر عظیم است،  
اما چہ توان کرد کہ این چشم نداریم،  
گفت راجا ناگھان سلطان خوبان رخ نمود،  
صد ھزاراں سجدہ واجب حسن زیبا یافتم۔

---

• نصيرالدين هاشمي: حوالو ڏنو ويو آهي. ص 19

اعواڻ صاحب لکي ٿو تہ: ”شايد ميمڻ صاحب جي سامهون اهوئي حاشيو هو ليڪن اسان (اعواڻ) جي سامهون جيڪو مخطوطو آهي، ان تي لکيل آهي: اشعار تصنيف راجا بہ زبان هندي وچند بفارسي.“

اعواڻ صاحب ڊاڪٽر ميمڻ صاحب سان اختلاف رکندي لکي ٿو تہ:

”راجا تخلص وارا جيترا بہ غزل هن مجموعي ۾ شامل آهن، اهي حضرت قلندر شهباز جا منظوم ڪيل نہ آهن. پر اهو ڪلام سيد جلال الدين بخاريءَ جي پوٽي راجو قتال جو ثابت ٿيو آهي. اعواڻ صاحب اهو بہ قبول نٿو ڪري تہ باقي غزل ۽ قصيدا جن ۾ شهباز تخلص آيو آهي اهي قلندر شهباز کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ بزرگ جا ٿي نٿا سگهن، جيئن ڊاڪٽر ميمڻ صاحب دعويٰ ڪئي آهي. حقيقت ۾ ميمڻ صاحب اهو ڪٿي بہ نہ لکيو آهي تہ شهباز تخلص وارا غزل قلندر شهباز جا چيل نہ آهن، پر ميمڻ صاحب دراصل هيئن لکيو آهي تہ:

> ”منهنجو اندازو هو تہ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل طرفان ظاهر ڪيل ورقن جي، جن غزلن ۾ شهباز تخلص آيل آهي، اهي غزل ضرور حضرت شهباز قلندر جا هوندا. پر پيتا کان پوءِ بہ اندازو صحيح نہ نڪتو البتہ حضرت قلندر شهباز جا انهيءَ ساڳيءَ زمين ۾ غزل ضرور هئا، جن جي راجا تتبع ڪئي آهي.“

اعواڻ صاحب لکي ٿو تہ: ”اشعار تصنيف راجا بہ هندي وچند بفارسي مخطوطي جي متئين ٽائيٽل جي تحرير مخطوطي جي تحرير کان بلڪل جدا، باريڪ ۽ روان حروفن ۾ آهي. هن مخطوطي جي صفحي چوٿين تي لکيل آهي: ”مثنوي نان وحلوا من تصنيف راجو قدس سره“ پهريان ٽي صفحا انڊيا آفيس لنڊن جي ڪاپي رائيٽ وغيره متعلق انگريزيءَ ۾ لکيل آهن. گويا مذڪوره صفحو 4 اصل مخطوطي جو صفحو پهريون آهي. هن اصل مخطوطي ۾ مثنوي نان وحلوا لفظ موجود نہ آهن. هي هڪ الڳ ڪتاب آهي، جنهن جو نمبر 1520 ايٿي آهي. اعواڻ صاحب لکي ٿو تہ ان جو نامڪمل نقل اسان جي سامهون آهي. هن نسخي جو نالو انگريزيءَ ۾ درج آهي جنهن جو مطلب هي آهي تہ ان جو ٽائيٽل ان کان الڳ ٿي، ”اشعار تصنيف راجا“

Gul Hayat Institute

بنجي ويو يعني اهي بہ نسخا هڪ ئي بياض جا هئا جنهن ڪي ڪئٽلاگ مرتب ڪندي الڳ الڳ ڪري ڇڏيو. هن قياس کي ٻنهي ڪتابن جي ساڳئي انداز تحرير کان سواءِ مثنوي نان وحلوا مخطوطي جي ڪاتب جي عربي زبان ۾ هن نوٽ مان تقويت ملي ٿي، جنهن جو سنڌي زبان ۾ ترجمو هيءُ آهي:

بسم الله الرحمان الرحيم

الله تعاليٰ جي فضل و ڪرم تي ان مالڪ جا شڪرانا ۽ تمام مخلوقات کان افضل حضرت محمد مصطفيٰ صہ ۽ ان جي آل تي درود ۽ سلام.

بي نياز ذات الاهيءَ جي رحمت جو اميدوار ناچيز بهاءُ الدين العاملي (الله ان کي مستقبل ۾ بہ محنت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي) عرض ٿو ڪري تہ ان کان اڳ جو هي معاملو منهنجي هٿ مان نڪري وڃي، مون مختلف ڪاربن ۽ ڪاغذن جي ٽڪرن تان اقتباسات گڏ ڪري، هي ترتيب ۽ تدوين جو ڪم، حج بيت الله ۽ مدينہ منوره جي زيارت لاءِ ويندي واٽ تي مڪمل ڪيو. انهن ورقن جو نالو ”تذڪره من احباءِ الراغبين والاخلاءِ الطالبين“ (ڪائڻ جي شوقين ۽ چڱن شين جي طلب ڪندڙن جو تذڪرو) رکيو الله تعاليٰ تي منهنجو ڀروسو ۽ آسرو آهي، جو هي ڪم ان جي ئي حوالي ڪريان ٿو ۽ ان ۾ ئي منهنجو يقين آهي.

هن مختصر نوٽ جي مطالعي کان پوءِ هيئن ٿو ڇئي سگهجي تہ هي نسخو ڪاغذ جي مختلف ٽڪرين تان اخذ ڪيل اقتباسات جو مجموعو آهي، جو حج بيت الله جي سفر دوران لکيو ويو ۽ انهن ورقن کي ”تذڪره من احباءِ الراغبين والاخلاءِ الطالبين“ جي نالي سان سڏيو ويو. مرتب بهاءُالدين العامليءَ جي نالي مان ڪئٽلاگ جي مصنف کي غلط فهمي ٿي تہ شايد ان جو ئي ڪلام آهي. اهوئي سبب هو جو ڪئٽلاگ ۾ هيءَ مثنوي ان جي نالي سان منسوب ڪئي وئي: جيتوڻيڪ مثنويءَ جي اندر ان جو ثبوت بہ ملي ٿو مگر ”اشعار تصنيف راجا“ جي پهرئين صفحي تي انهيءَ رسم الخط ۾ درج واضح عبارت ”مثنوي نان وحلوا من

راجو قدس سره“ ان جي رد لاءِ ڪافي دليل آهي.

هي سوال، حل طلب آهي تہ آيا هي نسخو خود بهاءُالدين العامليءَ جو مرتب ڪيل (نسخو) آهي يا ان جو نقل آهي؟ هن سوال جو جواب مثنوي نان وحلوا مان نٿو ملي، البت اشعار تصنيف راجا تي محمد نجيب خان لفظ درج آهن. هي ڪتب خاني جي مالڪ جو نالو آهي يا نقل ڪندڙ ڪاتب جو. اهو الله ئي بهتر ڄاڻي ٿو. مخطوطي تي 1158هہ سن لکيل آهي، جنهن مان اهو واضح ٿئي ٿو تہ هي نسخو بهاءُالدين العاملي المتوفي 1030هہ مطابق 1715ع، مرتب ڪيل تذڪره الاحباءِ الراغبين والاخلاءِ الطالبين تان نقل ڪيل آهي. خود بهاءُالدين العامليءَ هي ”ڪلام راجا“ ڪهڙي نسخي تان نقل ڪيو هو؟ هن سوال جو آخري جواب ملي نہ سگهي ها، جيڪڏهن پنجاب يونيورسٽي ۾ محفوظ“ مخطوطات شيرانيءَ ۾ موجود ديوان شاهہ راجو قتال المخلص بہ راجا بادو غزل ريختہ“ جو سراغ نہ ملي ها. هن نسخي جو ذڪر ڊاڪٽر ميمڻ صاحب پڻ ڪيو آهي ۽ ميمڻ صاحب هن نسخي جي مطالعي ۾ پيتا جانتيجا پنهنجي ڪتاب تذڪره شهباز ۾ بيان پڻ ڪيا آهن. اعواڻ صاحب جي راءِ موجب هي نسخو شيخ محمد جعفر مڪي سرهندي المتوفي 841هہ. س 811هہ ۾ مرتب ڪيو هو. شيخ محمد جعفر شيخ نصيرالدين محمود چراغ دهلويءَ جي ممتاز مريد ۽ سيد يوسف راجا جي فرزند سيد محمد حسيني بنده نواز گيسو دراز جو پيرڀائي هو. پاڻ سيد يوسف راجا جي وفات (721هہ) وقت پندرهن۔ سورهن سالن جو هو. انهيءَ همعصريءَ جي شرف جي بدولت سندس مرتب ڪيل هن نسخي (نسخہ شيرازي) کي بنيادي ماخذ جي حيثيت حاصل آهي. هن نسخي ۾ ”باد و غزل ريختہ“ جو واضح مطلب هي آهي تہ سيد يوسف راجا، اردوءَ ۾ صرف بہ غزل ريختہ چيا هئا، جڏهن تہ ”انڊيا آفيس لنڊن“ جي زير بحث هن نسخي نمبر 1702 تي درج ٿيل تحرير ”اشعار تصنيف راجا بزبان هندي و چند بفارسي“ ۾ ”و چند بفارسي“ فقري مان هي واضح ٿئي ٿو تہ هن نسخي ۾ هندي ڪلام، فارسي ڪلام جي ڀيٽ ۾ زياده هو. اهو پڻ اندازو لڳايو ويو آهي تہ

هندي ڪلام جو هي حصو سندس فرزند سيد محمد حسيني بنده نواز گيسو دراز جو ڪلام آهي، جنهن کي الڳ ڪرڻ وقت، يوسف راجا جي پن ريختہ غزلن کي بہ هن نسخي جو حصو بنايو ويو. بنده نواز جي هندي ڪلام تي مشتمل هي اهو ديوان آهي جنهن جو اطلاع بزم صوفيہ جي مصنف جناب صباح الدين عبدالرحمان ڏنو. هن چيو تہ: ”بنده نواز گيسو دراز المتخلص بہ شهباز و بنده“ ڪڏهن بہ ساختہ غزل ۽ رباعيون بہ چوندو هو جن کي سندس پوٽي، سيد يدالله عرف سيد قبول الله، ديوان جي صورت ۾ مرتب ڪيو هو.“

هنئين بہ معلوم ٿئي ٿو تہ سيد يدالله جي مرتب ڪيل هن ديوان (جو دراصل بنده نواز جي هندي ڪلام ۽ ان جي والد گرامي سيد يوسف راجا جي فارسي ڪلام تي مشتمل هو) ۾ بنده نواز جو هندي ڪلام الڳ ڪيو ويو ۽ سيد يوسف راجا جو ڪلام الڳ ڪيو ويو. سيد يوسف راجا جو فارسي ڪلام مختلف تذڪرن ۾ مختلف صوفياءِ ڪرام جي نالن سان منسوب ٿيندو رهيو ايتري قدر جو فقير ظفر علي ان ڪلام کي حضرت قلندر شهباز جو ڪلام ڄاڻايو ۽ بقول اعواڻ صاحب ظفرعليءَ جي هن نسخي جي آڌار تي ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻيءَ حضرت قلندر شهباز کي سنڌ جو پهريون فارسي زبان جو شاعر قرار ڏنو.

اعواڻ صاحب لکي ٿو تہ سيد يوسف راجا جي انهيءَ فارسي ڪلام جا پيا بہ نسخا آڪسفورڊ جي بوڊ ليئن لائبريريءَ ۾ نمبر 1179 هيٺ، اوده جي شاهي گهراڻي جي لائبريريءَ ۾ نمبر 460 هيٺ، اداره تحقيقات فارسي ايران و پاڪستان اسلام آباد (ڪتب خانہ گنج بخش) گنجہ عرفان مطبوعہ نولڪشور (1897ع) لکنؤ قلمي نسخو گلي باغ هزاره مملوڪ خدام مزار حضرت ديوانہ راجا (مرتبہ 1917ع کان 1930ع) ۽ ڪتب خانہ آصفيہ حيدرآباد دکن ۾ محفوظ آهي.

اعواڻ صاحب جي لکت موجب ”نسخہ ڪتب خانہ آصفيہ“ جي باري ۾ ڊاڪٽر تي اين ديواري پنهنجي انگريزي تصنيف ”فارسي ادب جي مختصر تاريخ (بهمني عادل شاهي ۽ قطب شاهيءَ جو زمانو) ۾ لکي ٿو:

”فارسيءَ ۾ هڪ مختصر مخطوطو جنهن تي ديوان شاهه راجو قتال لفظ لکيل آهن، حيدرآباد دکن جي ڪتب خانه آصفيه ۾ موجود آهي.“

اهڙيءَ طرح رونق علي، مصنف روضة الاقتاب، سيد يوسف راجا (جو راجو قتال جي نالي سان مشهور هو) جي هڪ فارسي مثنويءَ جو ذڪر ڪيو آهي.

ڊاڪٽر ميمڻ صاحب هن نقطي تي پنهنجي ڪتاب تذڪره شهباز ۾ صفحي 160 کان 184 تائين دليلن ۽ وضاحت سان بحث ڪيو آهي. ميمڻ صاحب جو خيال آهي ته قلندر شهباز به هڪ قادرالڪلام شاعر هو ۽ جنهن زمين تي ”راجو“ جو ڪلام ملي ٿو انهيءَ ساڳئي زمين تي حضرت شهباز قلندر جا غزل هوندا جن جي ”راجا“ تتبع ڪئي آهي. زماني جي گردش سبب حضرت قلندر شهباز جي اهي غزل ته لڪي ويا پر انهن جون مصرعون ۽ بيت راجا جي انهن غزلن ۾ گڏجي ويا.

ميمڻ صاحب مذڪوره صفحن ۾ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل دادوءَ طرفان سائيڪلو اسٽائيل ڪرايل ڪلام جي پنجاب يونيورسٽيءَ واري نسخي، قاضي علي اڪبر واري بياض سان ڀيٽ ڪري ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته حضرت قلندر شهباز به ضرور شاعري ڪئي آهي. هو مثال ڏيندي فرمائي ٿو ته ”مستہ الست هستم“ جي رديف سان حضرت قلندر شهباز ڪو غزل ضرور چيو آهي، جيڪو هينئر ته گم آهي پر راجا جي ڪلام ۾ گڏجي ويو آهي. ميمڻ صاحب لکي ٿو ته: ”حضرت شهباز قلندر جو هڪ غزل اهڙو به آهي جنهن جي مقطع ۾ شهباز سان گڏ قلندر جو لفظ به آيل آهي. اهو غزل راجا جي ٻنهي نسخن ۾ موجود ڪونهي. ميمڻ صاحب صفحي 174 تي لکي ٿو ته:

”انهيءَ تحقيق ۽ جستجو کان پوءِ هينيان غزل باقي بچن ٿا جيڪي بياض ۾ حضرت قلندر شهباز ڏانهن منسوب آهن پر ديوان راجا جي ٻنهي نسخن ۾ ڪونهن، ان کان سواءِ انهن ۾ عثمان تخلص ڪم آيل آهي انهن غزلن مان به مثال طور ڏجن ٿا:

## غزل (1)

رسیدم من بدریائے کہ موجش آدمی خوار است
کشتی اندر آن دریا نہ ملاحے عجب کار است
شریعت کشتی باشی طریقت بادبان او
حقیقت لنگرے باشد کہ راہ فقر دشوار ست
چو آتش جملہ خون دیدم بتر سیدم از آن دریا
بدل گفتم چرا ترسی گذر باید کہ ناچار ست
ندا از حق چنیں آمد مگر از جاں می ترسی
ھزاراں جان مشتاقاں درین دریاء نگو نسارست
بگفتم من ھمی آیم کمر بستم چو غواصاں
چہ ترسم از نھنگانی کہ گل پیوستہ با خارست
یا عثمان مروندی سخن با پردہ داروں کو
نیابی در جہاں یارے جہانے پرز اغیار ست

## غزل (2)

ز عشق دوست ھر ساعت درونِ نارمی رقصم
گھی بر خاک می غلطم گھی بر دارمی رقصم
شدم بدنام در عشقش بیا ای پار سا اکنوں
نمی ترسم ز رسوائی سر بازار می رقصم
اگر صوفی شدم یارم بیاتا خرقہ پوشم
اگر زنار بر بستند دراں زنارمی رقصم
بیا ای مطرب و ساقی سماع و شوق رادردہ
کہ من از شادی وصلش قلندر وارمی رقصم
منم عثمان مروندی کہ یار خواجہ منصورم
ملامت می کند خلقے کہ من بردار می رقصم

Gul Hayat Institute

میمڻ صاحب انهن ۾ اهڙن ٻين غزلن جي تصديق لاءِ لب تاريخ سنڌ، مقالات الشعراءَ ۾ رسالہ قلندر شهباز جا حوالا ڏنا آهن ۾ اهڙي نموني چونڊ ڪلام پڻ ڏنو اٿس جنهن ۾ عثمان مروندي تخلص آيل آهي.

انهيءَ حيثيت کي سامهون رکي هيئن چئبو تہ عشقيہ عنوان واري مجموعي ۾ جيڪو ڪلام آيل آهي اهو حضرت قلندر شهباز جو نہ آهي پر ساڳي وقت هن حقيقت کان ڪوبہ انڪار ڪري نہ سگهندو تہ جيڪو بزرگ بابا فريد گنج شڪرجو يار غار هجي، جنهن بزرگ جي حضرت بهاءُ الدين ذڪريا جهڙي عالم ۽ وليءَ سان صحبت هجي، جنهن بزرگ جي شيخ حسن ديبليءَ جهڙي بزرگ سان ياراني هجي اهو خالي ۾ ڪوڪلو هجي، اها ڳالهہ وسهڻ جهڙي نہ آهي، هوندئن بہ جيئن اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي تہ دم هڻڻ لاءِ دل کپي، اهڙي دل زنده هوندي آهي، اهڙو بزرگ زنده دل جو مالڪ هوندو ۽ زنده دل مان ڪجهہ نہ نڪري اها اڻ ٽيٽي ڳالهہ. انهيءَ ڪري قبول ڪرڻو پوندو تہ حضرت قلندر شهباز بہ هڪ اعليٰ پائي جو بزرگ، ولي، شاعر ۽ صاحب علم و فضل هو البت هن موضوع تي وڏيڪ ڇنڊڇاڻ جي ضرورت آهي، جنهن تي اسان جي محقق کي توجهہ ڏيڻ گهرجي.

## ڪتابيات


1_ ارشاد شاڪر اعوان: "عشقيہ لعل شهباز قلندر" تحقيقي مقالو ايبٽ آباد، ڪاغان ادبي مجلہ گورنمينٽ ڪاليج ايبٽ آباد 84، 1983ع ص 33_35

2_ تاج محمد صحرائي: "سخي شهباز قلندر" سيوهڻ، محڪمہ اوقاف، 1980ع

3_ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي: "قلندر نامو سنڌي"

4_ ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ڊاڪٽر "تذڪره شهباز" لاڙڪاڻو سنڌي اڪيڊمي 1969ع

5_ Sadarangani, H. I Persian Poets of Sindh Hyderabad, Sindhi adabi Board, Introduction. P.x pp 6_8

6_ "قلندر شهباز" ڪراچي، سنڌ اطلاعات کاتو 1985ع ص 5_6


***

Gul Hayat Institute

# قلندر جو طريقهء تصوف

حضرت قلندر شهباز جي قلندري طريقي جو سلسلو حضرت بايزيد بسطامي ۽ حضرت ذوالنون مصري سان وڃي ملي ٿو جيڪي تصوف جي ميدان ۾ پهريان عظيم صوفي ۽ قلندر هئا. هن وحدت الوجود جو نعرو هڻي پنهنجي دور ۾ تصوف جو وڏو غلغلو پيدا ڪيو هو. ذوالنون مصري کي اهل طريقت ۾ عارف ۽ عامل صحيح مڃيو ويو آهي. سندس طريقو سلامتيه هو ان سبب جي ڪري مصر وارن کي سندس صحيح مرتبي جو پتو پئجي نه سگهيو ۽ سندس باطن جي حال ۾ ايمان جي جمال کي چڱي طرح سڃاڻي نه سگهيا. جنهن رات ذوالنون مصري وفات ڪئي ان رات شهر جي ستر ماڻهن کي حضور ﷺ جي خواب ۾ زيارت نصيب ٿي ۽ کين فرمائيندو ٻڌائون ته الله جو دوست ذوالنون مصري اچي رهيو آهي اسان سندس استقبال لاءِ آيا آهيون. بايزيد بسطامي لاءِ حضرت جنيد بغدادي چوندو هو ته بايزيد بسطامي اسان ۾ ايئن عزت وارو آهي جيئن ملائڪن ۾ جبرئيل آهي.

صوفين ۾ هڪڙو گروهه اهڙو آهي جن پنهنجي لاءِ سلامتي رستو اختيار ڪيو آهي ۽ بين وري قلندري راهه ورتي. انهن ٻنهي جي نظر ۾ سندن طريقو خلوص ۽ محبت جي مهميز لاءِ افضل آهي. جنهن جي خواهش هوندي آهي ته سندن سيني جا راز عوام جي اکين کان اوجهل هجن جيئن ڪابه نظر سندن باطن تي نه پوي. سندن حقيقت حسن مخفي ٿي رهي. هو ماڻهن جي واتان پنهنجي مدح سرائي ٻڌي پنهنجي

Gul Hayat Institute

جمال باڪمال تي وڏائي ۽ تڪبر ۾ پوڻ جي خوف کان ڊڄندا رهن ٿا ۽ ڪين ان خيال کان خوف ايندو رهي ٿو ته متان هو پاڻ کي ڪجهه سمجهن. هنن وٽ ماڻهن جي آمد ۽ رغبت هڪ رخنو آهي جيڪو هنن جو وقت رب جي ياد کان ٻي طرف ڦيرائي ٿو. هنن جو چوڻ آهي ته، هڪڙي ماڻهو حضرت يوسف ﷺ کي چيو ته منهنجي توسان محبت آهي. حضرت يوسف ﷺ کيس جواب ڏنو ته مان نٿو چاهيان ته سواءِ منهنجي پروردگار جي ٻيو ڪو مون کي پيار ڪري ڇاڪاڻ ته منهنجي پيءُ مون سان پيار ڪيو ته ان جي پيار مون کي کوهه ۾ ڦٽو ڪرايو ذليخا مون سان پيار ڪيو ته ان جي محبت مون کي سالن جا سال قيد ۾ وجهرايو.

صبا الهدايه ۾ آيل آهي ته جيڪو قلندر هوندو آهي اهو خلق جي آبادي ۽ خرابي جي پرواهه نه ڪندو آهي، ان جي ڪوشش فقط پنهنجي اندر کي اجاڙڻ ۽ جهانن جي گرفتاري کان آزاد ٿيڻ هوندي آهي. ڪن جو چوڻ آهي ته قلندر ان کي چوندا آهن جو ٻنهي جهانن کان آزاد ۽ پالهو هجي صرف پنهنجي سبب جي ذات ۾ محو هجي.

بيبي رابع بصري لاءِ بيان ڪيو وڃي ٿو ته هڪڙي ڏينهن جذب جي حالت ۾ پنهنجي ڪمري کان ٻاهر ڊوڙندي آئي ۽ چوڻ لڳي ته مون کي ٻاهه ڏيو ۽ پاڻي به ڏيو. ماڻهن ڪانئس پڇيو ته بيبي ٻاهه ۽ پاڻي ڪاڏي ڪندين، هن چيو ته ٻاهه سان بهشت ساڙي ڇڏينديس ۽ پاڻي سان دوزخ کي وسائي ڇڏينديس. جيئن آئنده ڪوبه انسان الله جي عبادت بهشت جي لالچ يا دوزخ جي خوف کان نه ڪري پر فقط رب جي راضپي ۽ قرب حاصل ڪرڻ لاءِ ڪري.

هڪڙي پيري بايزيد بسطامي پنهنجي ڪمري ۾ ويٺو هو ته ڪنهن کيس سڏي چيو ته ”بايزيد ٻاهر اچ ته مان توکي قادر جي قدرت ڏيکاريان.“ ان تي بايزيد کيس جواب ڏنو ته ”او دوست! منهنجي ڪوٺڙي ۾ اندر هليو آءُ ته آءُ توکي قادر ڏيکاريان.“

قلندري طريقي وارن جو پهريون قدم هوندو آهي پنهنجي دل يا پنهنجي نفس کي پنهنجي قبضي ۾ ڪرڻ. هنن جي عقيدي مطابق

جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو پنهنجي دل کي قابو رکڻ وارو مرحلو نهايت ڏکيو مرحلو آهي. شيخ فريد الدين عطار ان بابت منطق الطير ۾ هڪ واقعو هن ريت بيان ڪيو آهي ته. "ڪنهن ماڻهوءَ ڪنهن ٻڍڙي قبر کوٽيندڙ کان پڇيو ته يارا! سڄي عمر تون قبرون کوٽيندو ۽ مردن کي دفن ڪندو رهيو آهين. ٻڌاءِ ته تو هيترن سالن ۾ ڪهڙا ڪهڙا لقاءَ ڏٺا آهن. قبر کوٽيندڙ جواب ڏنو ته سڀ کان عجيب شي مون اها ڏٺي آهي ته منهنجا ستر سال قبرون کوٽڻ ۾ گذريا آهن پر نفس سرڪش هڪ منٽ لاءِ به مرده نه ٿيو آهي جو مان کيس دفن ڪريان ۽ هڪ گهڙي به دنيا جي حرص هوا کان فارغ ٿي خدا جي فرمانبرداري ۾ نه گذاري اٿائين."

قلندري طريقي وارن صوفين جي عقيدي مطابق ته هر روز عارف ڪامل اميد ۽ ڊپ ۾ رهندو آهي ان ڪري جو هر گهڙي هو پنهنجي رب جو قرب وڏيڪ حاصل ڪرڻ جو اميدوار رهي ٿو ۽ هر وقت ڪنهن سهو يا خطا جو خطرو کيس لاڳو رهي ٿو. جڏهن هو مراقبا، چيلا ڪري پنهنجي هستي کي فنا ڪري ٿو تڏهن هن کي معرفت جي منزل حاصل ٿئي ٿي ۽ الاهي اسرارن کان واقف ٿئي ٿو پر هن کي زباني رازن کي سيني ۾ ئي سانڍڻو آهي نه ڪ انهن کي عوام تي آشڪار ڪرڻو آهي. بيان ڪيو وڃي ٿو ته جڏهن منصور حلاج کي سوريءَ تي چاڙهيو ويو ته شبلي چيو ته ان رات مان سڄي رات خدا تعاليٰ کي ٻاڏائيندو رهيس تان جو صبح صادق ٿي ويو. ان وقت مان سر سجدي ۾ رکي عرض ڪيو ته اي خدا تعاليٰ! هي به تنهنجو ٻانهو مومن، موحد، معتقد ۽ اولياءَ الله مان هو پوءِ هن کان ڪهڙي خطا ٿي آهي جو هن سان اهو سلوڪ ڪيو ويو. جڏهن منهنجي اک لڳي ته غيب کان منهنجي ڪنن ۾ آواز آيو ته هي اسان جي ٻانهن مان هڪ هو جنهن تي اسان پنهنجن رازن مان هڪ راز ظاهر ڪيو مگر هن ان کي فاش ڪري ڇڏيو ان ڪري اسان ان تي اهو نازل ڪيو جيڪو تون ڏسين ٿو. قلندري طريقي وارن وٽ عجز ۽ نياز کي وڏي اهميت حاصل آهي. هنن جي عقيدي مطابق عمل تيستائين اگهي نٿا سگهن جيستائين انهن ۾

Gul Hayat Institute

عجز شامل نہ آهي.

عدل ڇتان نہ آءُ ڦيرو ڪج فضل جو.

بسرالاولياءَ ۾ هڪ واقعو بيان ڪيل آهي تہ شيخ عثمان حرب آبادي هڪ وڏو صوفي ٿي گذريو آهي، جيڪو غزني ۾ رهندو هو ۽ ڀاڄي رڌي وڪڻندو هو. جيڪڏهن ڪو بہ ماڻهو کوٽو سڪو کڻي هن کان ڀاڄي وٺڻ ايندو هو تہ اهو ڄاڻيندي تہ سڪو کوٽو آهي هن کي موٽائي نہ ڏيندو هو پر ان کي کوٽي سڪي جي عيوض بہ ڀاڄي ڏيئي ڇڏيندو هو. ماڻهو ايئن سمجهندا هئا تہ هن کي کرن ۽ کوٽن سڪن ۾ فرق جو پتو نٿو پوي تنهن ڪري هن وٽ کوٽا سڪا کڻي ايندا هئا ۽ رڌل ڀاڄي وٺي ويندا هئا. جڏهن شيخ عثمان جي وفات جو وقت ويجهو آيو تہ هن آسمان ڏانهن منهن ڪري چيو تہ "اي خدا توکي ڄاڻ آهي تہ مون ماڻهن کي کوٽا سڪا موٽائي نہ ڏنا هئا جيڪڏهن مون کي تنهنجي عبادت ۾ کوٽ ٿيو آهي تہ اي مولي! مون کي بہ پنهنجي رحم ۽ ڪرم سان بخش ۽ اها منهنجي عبادت موٽائي منهنجي منهن تي نہ هڻ".

جتي ڪيترن صوفين وٽ سماع جي منع آهي اتي قلندري طريقي وارا سماع جا قائل آهن. جيئن قلندر شهباز جي هن واقعي مان معلوم ٿو ٿئي. هڪڙي ڏينهن سلطان محمد جيڪو غياث الدين بلبن جو پٽ ۽ ملتان جو حاڪم هو (جنهن کي خان شهيد ڪري ڇوندا آهن) مجلس منعقد ڪئي جنهن ۾ هن سيني عالمن ۽ عارفن کي مدعو ڪيو. مجلس ۾ عربي ساز شروع ٿيو ۽ حضرت صدرالدين عارف ۽ قلندر شهباز کي عربي ۾ شعر چوڻ لاءِ عرض ڪيائين. ٻنهي بزرگن عربي غزل چوڻ شروع ڪيا، عربي ساز ۽ عربي غزلن هنن ٻنهي بزرگن تي ايڏو اثر ڪيو جو ٻئي درويش وجد ۾ اچي رقص ڪرڻ لڳا ۽ خان شهيد سڄي رات هٿ ٻڌيو بيٺو هو ۽ زار زار پئي رنائين.

"جيئن جيئن پڇي رات، تيئن تيئن تاڻي پنڌ ۾،

پوريءَ ٻي نہ تات، جيڪا سا جتن جي."

انهن ولين ۽ فقيرن پنهنجي سموري زندگي جتي سير ۽ سفر ۾

گذاري اتي چلا ڪيئي ذڪر ۽ فڪر ب ڪيو. چشتي ۽ سهروردي طريقن وارن ساز سرود ۽ سماع ۾ ب پنهنجون زندگيون گذاريون. شيخ بدرالدين، جو خواج فريد شڪر گنج جو همعصر هو ان متعلق چيو ويو آهي ت پيري ۾ ساز جو آواز سندس ڪن پوندو هو ت اٽي نوجوانن وانگر نچندو هو ۽ جڏهن ڪنهن شيخ صاحب کان ان سبب پڇيو ت شيخ صاحب جواب ۾ وراڻيو ت ”شيخ ڪٿي آهي، اهو ت عشق آهي جيڪو نچي ٿو!“ مون کي نينهن چوي ٿو ت نچ ڙي اديون. چشتيو هولي کهليو کهليو کهليو چشتيو هولي کهليو.

پاڪ هند برصغير ۾ مسلمان ولين جي تاريخ ب تمام وسيع ۽ مختلف آهي. ان جو سڀ کان مکي سبب هي آهي ت جڏهن مسلمان سنڌ ۽ هند ۾ آيا ت انهن تي هتي جي اصلوڪن پراڻن مذهبن جهڙوڪ ٻڌ، جين، وشنو ۽ برهما جو رنگ چڙهيو ۽ اهو هڪ سياويڪ فعل هو. ان رنگ جيڪي اثر ڏيکاريو انهن جو مان اڳي ئي مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان. هتي هاڻ مان انهن طريقن جو ذڪر ڪندس، جي هن وقت پاڪستان ۾ مروج آهن، جن جا بنياد دراصل پاڪستان کان ٻاهر پيل آهن. پر انهن جو اثر، رواج ۽ دستور اڄ ب پاڪستان ۾ هلندو اچي ٿو. هن مقالي جي طوالت سبب انهن جو ذڪر مختصر نموني ڪري رهيو آهيان.

**1۔ چشتي:**

هن طريقي جو موجد حضرت خواج معين الدين چشتي علي رحمت آهي، جو اصل ۾ سيستان جو رهاڪو هو ۽ پوءِ 1193ع ۾ هجرت ڪري دهلي ۾ آيو. ان وقت ۾ محمد غوري دهلي جي حڪومت تي قبضو ڪيو هو. خواج غريب نواز دهلي مان لڏي پوءِ اجمير شريف ۾ اچي رهيو. ۽ اتي ئي 1232ع ۾ رحلت فرمايائين. اڄ ب هزارين ۽ لکين مريد ۽ معتقد سال بسال اجمير شريف ۾ خواج جي عرس مبارڪ جي موقعي تي اچي گڏ ٿيندا آهن. ”خواجه تيرا ميلا بچڙون ڪي جاءِ“. ان طريقي جي ٻئي مکي بزرگ جو نالو خواج قطب الدين بختيار

Gul Hayat Institute

ڪاڪي آهي، جو اصل فرغانہ جو رهندڙ هو ۽ سلطان التمش جي ڏينهن ۾ دهلي ۾ آيو. سندس مزار دهلي جي ويجهو آهي. خواجہ قطب الدين، خواجہ غريب نواز جو مريد هو ۽ خواجہ فريد شڪر گنج وري سندس مريد ٿيو. خواجہ فريد پاڪ پٽن ۾ سنہ 1365 ع ۾ وفات ڪئي. ان ساڳئي طريقي سان شيخ سليم چشتي جو اسم گرامي بہ منسوب ڪيل آهي، جنهن جي گهر ۾ شهنشاهہ جهانگير جنم ورتو ۽ جنهن جي ياد ۾ اڪبر اعظم فتحپور سڪري جو شهر تعمير ڪرايو هو. هن ساڳي طريقي سان حضرت نظام الدين اولياءَ جو بہ تعلق آهي. حضرت نظام الدين اولياءَ سنہ 1325ع ۾ وفات ڪئي، سندس مزار دهلي جي ويجهو آهي، جتي بہ هزارن جي تعداد ۾ زيارتي ايندا آهن.

### 2۔ سهروردي:

هن طريقي جو باني شيخ شهاب الدين سهروردي هو جو بغداد ۾ درس ۽ تدريس ۾ مشغول هو. ان بزرگ جي پوئلڳن مان شيخ تبريزي بنگال ۾ پهتو. ٻيو بزرگ بهاءُ الدين ذڪريا آهي، جنهن جو مقبرو ملتان ۾ آهي. جو پاڪستان ۾ فن تعمير جو هڪ نادر نمونو آهي.

### 3۔ قادري:

هن طريقي جو باني حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني عليہ رحمت آهي، جنهن کي پيران پير بہ ڪري سڏيندا آهن. سندس ڏينهن ربيع الاخر مهيني جي يارهين تاريخ ملهايو ويندو آهي، جنهن کي پيران پير جي يارهين بہ چوندا آهن سنڌ ۾ اڄ تائين بہ ڀاڳيا هر مهيني جي يارهين تاريخ کير مفت ورهائي ڇڏيندا آهن. حضرت پيران پير جي نالي سان طرحين طرحين جون باسون باسيون وينديون آهن. خاص ڪري وبائي بيمارين کان بچاءُ ۽ اولاد جي حق ۾ بادشاهہ پير جو سوا ڪسيرو ۽ ڳنڍ اڄ بہ ياد اچن ٿا. پاڪستان ۾ ان طريقي کي مروج ڪندڙ شيخ محمد غوث آهي، جو 1282ع ۾ هجرت ڪري هندستان ۾ آيو ۽ اچ شريف ۾ قيام ڪيائين. جتي وفات ڪيائين. هن طريقي جو

Gul Hayat Institute

ٻيو مکيہ بزرگ شيخ پير محمد عرف ميان مير آهي، جنهن لاهور ۾ 1635ع ۾ وفات ڪئي ۽ جو مغل شهزادي داراشڪوه جو روحاني استاد هو.

4۔ **نقشبندي:**

هن طريقي جو پاڪ هند برصغير ۾ باني شيخ احمد فاروقي هو جنهن سرهند ۾ 1625ع ۾ وفات ڪئي. ان طريقي جو ٻيو مکيہ بزرگ شاهہ مسافر هو جنهن اورنگ آباد ۾ وفات ڪئي.

انهن مکيہ طريقن کان سواءِ پاڪ هند ۾ شطاري ۽ جلالي طريقن بہ پرورش پاتي، شطاري طريقي مان وجيہ الدين گجراتي هڪ وڏو عالم ۽ فاضل ٿي گذريو آهي ۽ ٻيو شاهہ پير جنهن جو مقبرو ملڪ نورجهان ميرٺ ۾ تعمير ڪرايو. جلالي طريقي جو باني حضرت عثمان مروندي عليہ رحمت آهي. جنهن جو عرس مبارڪ اسين ملهائي رهيا آهيون.ان کان سواءِ هڪ ٻيو طريقو جنهن جو ذڪر مسٽر وليم ڪروڪ ڪيو آهي، هن طريقي جا پوئلڳ سنڌو درياءَ جا پوڄاري هئا. جن مان محمد طاهر (اڏيرو لعل) مشهور ۽ معروف آهي.

اهو ولين جو اداروئي آهي، جنهن جي ڪري هندستان ۾ هزارن ۽ لکن غيرمسلمانن اسلام قبول ڪيو. انهن بزرگن جي هٿن ۾ نہ شمشير هئي نہ سپر، انهن نہ نادر شاهہ وانگر گهوڙي سوار ٿي دهلي کي تباهہ ۽ برباد ڪيو ۽ نہ هلاڪو وانگر باغ داد کي بغداد ۾ تبديل ڪيو. انهن بزرگن محبت، انسانيت، مساوات ۽ رواداري جو پيغام قبيلن جي سردارن کي ڏنو ۽ قبيلن جي فردن جي دلين کي پنهنجي اخلاقي پاڪيزگي ۽ وسيع النظري سان مطيع ڪيو. انهن پيار ۽ خلوص جا چشما وهايا ۽ سندن دلين ۾ نفرت جي جڳهہ تي محبت سمايل هئي. انهن کي خبر هئي تہ انساني روح بغض ۽ نفرت سان نہ بلڪل محبت ۽ فيض مان مطيع ٿي سگهي ٿو. سندن راتيون خدا جي تصور ۾ بسر ٿينديون هيون ۽ ڏينهن خدا جي بندن جي خدمت ڪرڻ ۾. انهن ايئن ٿي سمجهيو تہ خدا جي پيار کي حاصل ڪرڻ جو هڪ ۽ فقط هڪ ئي

Gul Hayat Institute

طريقو آهي تہ خدا جي بندن جي خدمت پيار ۽ خلوص سان ڪجي، عفو ۽ مهرباني سان ڪجي.

”طریقت بہ جز خدمت خلق نیست“

جڏهن ڪو بہ معاشرو بگڙندو آهي، معاشري جي فردن جي وچ ۾ ڪوبہ ربط ۽ ضبط نہ رهندو آهي. اوچ ۽ نيچ، اعليٰ ۽ ادنيٰ، امير ۽ غريب جي وچ ۾ وڇوٽي وڌي ويندي آهي. ماڻهن تي عرصہ حيات تنگ ڪيو ويندو آهي، ارباب حل ۽ عقد مان برداشت ڪرڻ جي قوت ختم ٿي ويندي آهي، معاشري جو هر فرد تشدد تي لهي ايندو آهي، معاشري جا ڪي محبوب ۽ منتخب فرد ڏسندي دولت ۽ رزق جي سيني وسيلن تي قابض ٿي ويندا آهن. جڏهن ڪوڙ ۽ ڪچ جو وهنوار عام ٿيندو آهي ۽ سچ ناپيد ٿي ويندو آهي. جڏهن سچو سماج پامال ٿي ويندو آهي، جڏهن منزل جي پانڌيئڙن کي منزل جي مشڪلاتن جو خوف گهٽ ستائيندو آهي، مگر رهنمائن جي نيتن کان وڏيڪ ڊڄندا آهن. مطلب تہ ”تن همه داغ داغ پنه کجا کجا نهم“ . تڏهن ان سماج ۾ ڪي بناوٽي ۽ خودغرض نوان گزا پير بہ زمين مان اپرندا آهن يا آسمان مان راتو رات ٽپڪي پوندا آهن. مگر ها! ان ساڳئي وقت ۾ خدا وارن ۽ انسان دوستن جي دائرن ۽ درگاهن تي ماڻهن جا هجوم ڪٺا ٿيندي نظر ايندا آهن. جي پريشان حالي ۽ پريشان خيالي سبب دل جي اطمينان ۽ قلب جي سڪون لاءِ ڀٽڪندا وتندا آهن. ان وقت معاشري کي خدا شناس ۽ انسان دوست هادين جي ضرورت محسوس ٿيندي آهي. ان موقعي تي مون کي جبران خليل جبران جو هڪ ڪردار ياد اچي ٿو جنهن ڪنهن پريشان خيال گنهگار جي دل تان بوجهہ کي هلڪي ڪرڻ لاءِ پاڻ کي ناڪرده گناهن لاءِ ذميوار ۽ سزاوار ٺهرايو هو. اهڙي دور ۾ انهن تاريخ ساز عظيم ماڻهن جي ضرورت محسوس ڪئي ويندي آهي، جي مردن کي زندگيون، عورتن کي عصمتون ۽ ٻارن کي خوشيون موٽائي ڏين. اهڙي دور کي ڀشب ميرل جي ضرورت آهي، شيخ جنيد بغدادي جي ضرورت آهي ۽ ابن ساباط جي ضرورت آهي.

حضرت خواجہ غريب نواز جي ضرورت آهي، حضرت عثمان مروندي جي ضرورت آهي..... ضرورت آهي مرزا غالب جي شعر تي عمل ڪرڻ جي.

۽ سڀ کان وڏيڪ ضرورت آهي هڪ ڪامل ولي ۽ دنيا جي عظيم ترين شاعر ڀٽائي گهوٽ جي هيئين دعا جي ۽ جنهن سان مان هي مقالو ختم ڪيان ٿو.

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

***

Gul Hayat Institute

# قلندر جو دور

حضرت حاجي حافظ شيخ الڪبير سرتاج الاوليا مخدوم عثمان لعل شهباز قلندر سنڌ ۽ هند جي عظيم مشائخن مان هڪ آهي. سندس شجره نسب حضرت امام جعفر صادق عليه السلام سان ملي ٿو. اها سنڌ جي خطي جي خوش نصيبي آهي جو هن قلندري طريقت جي قطب ستين صدي هجري جي وچ ڌاران سنڌ کي پنهنجو وطن بنايو. هن ڌرتيءَ جي اوليائن، عالمن ۽ عوام هن عالي مرتبت بزرگ کي پنهنجين اکين ۾ ۽ هن جي عظمت ۽ عزت کي هميشه لاءِ پنهنجي دلين ۾ جاءِ ڏني. سنڌ جي تاريخ ۽ اوليائن جي تذڪرن جا صفحا هن فيض بخش ۽ فيض رسان درويش جي ذڪر سان ڀريا پيا آهن.

مير علي شير قانع تحفته الڪرام ۾ لکي ٿو ته هو سير ۽ سياحت ڪندو حضرت شرف الدين بوعلي قلندر جي صحبت ۾ پهتو جنهن کيس چيو ته بهتر اهو آهي ته توهان سنڌ تشريف فرما ٿيو. سندس مشوري تي عمل ڪندي هو سنڌ ۾ آيو ۽ سيوهڻ ۾ قيام فرمايائين.

## قلندر جي دور جون سياسي، سماجي، اقتصادي، مذهبي ۽ علمي حالتون

حضرت لال شهباز قلندر جي زندگي جي احوال جي مطالعي سان گڏ ان ڳالهه جي ضرورت آهي ته سندس دور ۾ هند ۽ سنڌ جي سياسي، سماجي، اقتصادي، مذهبي ۽ علمي حالتن جو مطالعو ڪيو وڃي.

غلام سلطانن جي حڪومت دهليءَ تي سن 602هجري (1602ع) ۾ قائم ٿي چڪي هئي. جا لعل شهباز جي وفات 673هجري (1674ع) کان تقريباً تيرهن سال پوءِ 686هجري (1687ع) تي ختم ٿي. غلامن جي حڪومت جو بنياد سلطان قطب الدين ايبڪ کان شروع ٿئي ٿو. جيڪو پنهنجي وقت جو هڪ بهادر عالم ۽ عالمن جو بيحد احترام ڪندڙ حاڪم ٿي گذريو آهي. هن مسلمانن کي قول ۽ عمل ذريعي خالص اسلامي ۽ شرعي قالب ۾ پيئڻ جي ڪوشش ڪئي. غير شرعي ڳالهين، بدعتن ۽ غلط رسمن جي مخالفت ڪئي ۽ سنت جي پيرويءَ لاءِ حڪم جاري ڪيا. سلطان قطب الدين جي هڪ ڌيءَ جي شادي ناصرالدين قباچه سان ٿي هئي ۽ ٻي ڌيءَ جي شادي سلطان شمس الدين التمش سان. قطب الدين ايبڪ پنهنجي ٻنهي نائين کي هندستان جي ٻن عليحده حصن جو حڪمران بنايو هو. قباچه جو دارالسطنت اچ هو ۽ التمش جو دهلي. قباچه سلطنت ملتان کان ديبل تائين پکڙيل هئي جنهن ۾ سيوهڻ وارو علائقو به شامل هو.

ٿوري عرصي کان پوءِ التمش ۽ ناصرالدين ۾ جهڳڙو شروع ٿي ويو. التمش بنگال ۾ باغين جي سرڪوبي ڪرڻ کانپوءِ اچ تي قبضو ڪري ورتو. اچ ۾ التمش جي آمد جو ٻڌي ناصرالدين بکر جي قلعي ۾ پناهه ورتي ۽ ان طرف دهلي جي فوج جي آمد جي خبر ٻڌي خزاني سان ڪشتيون پرائي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي، هو ايئن ڪندي خزاني سميت سنڌو دريا ۾ ٻڏي مئو.

Gul Hayat Institute

### ناصرالدين جي دور ۾ مذهبي مرڪز

ناصرالدين جي دور ۾ ملتان هڪ عظيم علمي ۽ مذهبي مرڪز جي حيثيت اختيار ڪري ورتي هئي. ڪيترا صوفي، مشائخ، عالم ۽ فقيهه ملتان، ٺٽي ۽ سيوهڻ جي آس پاس موجود هئا. ان دور کي ملتان جي تاريخ ۾ قبته الاسلام جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي. انهن ڏينهن ۾ ٺٽي، سيوهڻ، اچ ۽ ملتان ۾ علم کي عام ڪرڻ جي خيال سان ڪيترا ئي مدرسا قائم ڪيا ويا هئا.

سلطان التمش ڪيترين ڳالهين ۾ امتيازي حيثيت جو مالڪ هو. سمورو ملڪ هن جي شجاعت ۽ بهادري کان مرعوب هو. مالوا کان وٺي سنڌ تائين هن جو حڪم جاري هو. امير خسرو چوي ٿو:

زحد مالوه تا عرصه سند،
نمود از غزائي اوست در هند۔

سلطان التمش ناصرالدين قباچہ کان ملتان فتح ڪرڻ کان پوءِ نظام الملڪ کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو. هن سنڌ جو دورو ڪري سنڌ جي ماڻهن جي دلين ۾ جاءِ پيدا ڪئي. جلال الدين خوارزم شاهہ سنڌ مان لنگهندي جن شهرن ۽ ڳوٺن کي اجاڙيو هو تن جي هن پيهر تعمير ڪرائي. التمش جي وفات کان پوءِ هن جي اولاد مان هڪ ٻئي جي پٺيان پنج حڪمران ٿيا مگر انهن مان هڪ بہ هن جو صحيح جانشين نہ ٿيو سواءِ ناصرالدين محمود جي. طبقات ناصري جي بيان مطابق هو نماز روزي ۽ قرآن مجيد جي تلاوت ۾ هميشہ مشغول رهندو هو. هن جي وقت ۾ وڏيڪ ملڪ فتح ٿيو جنهن ڪري مسلمانن جي عزت ۽ شوڪت ۾ اضافو ٿيو. هي هندستان جو حاڪم فقيرانہ زندگي گذاريندو هو. هن جي آمدني جو ذريعو قرآن شريف جي ڪتابت هو. هن جي وفات کان پوءِ غياث الدين بلبن هندستان جو حاڪم ٿيو. هو شوڪت، حشمت، جلالت ۽ عظمت جي اعتبار کان نهايت ممتاز حڪمران ٿي گذريو آهي. هن جي زندگي جي شروعات بہ غلامي سان ٿي هئي مگر جڏهن هو سلطان ٿيو تہ هن جي دٻدٻي جو هي حال هو جو وڏي کان وڏا فرمان روا بہ ڏڪي ويندا هئا. تخت حاصل ڪرڻ کان پهريان مئہ نوشي ۽ عيش و نشاط جي محلفن جو شوقين هو. مگر حاڪم ٿيڻ کان پوءِ هن پنهنجي زندگي بلڪل بدلائي ڇڏي ۽ سيني برائين کان توبہ ڪري ڇڏيائين. تاريخ نويسن هن دور کي خير العصر ڪونيو آهي. سلطان بلبن پنهنجي پٽ محمد قاآن الملڪ کي سنڌ ۽ ملتان جو حاڪم مقرر ڪيو. هن شهزادي جنهن کي خان شهيد سڏيو ويندو آهي، جي زماني ۾ شهباز قلندر ملتان پهتو. تاريخ فيروز شاهي جو مصنف ضيا برني، قلندر شهباز جو بيان ٻڌائيندي چوي ٿو تہ

حضرت عثمان مروندي جي ملتان پهچڻ تي خان شهيد سندس تواضع بجا آندي ۽ کيس ملتان ۾ سڪونت اختيار ڪرڻ جي گذارش ڪئي جا هن قبول نہ ڪئي. ماثرالڪرام هڪ ڏينهن خان شهيد حضرت شيخ صدرالدين عارف (ملتاني) ۽ شيخ عثمان مروندي ڪي مجلس ۾ گهرايو ۽ عربي شعر پڑهڻ جي مجلس شروع ٿي. مٿيان ٻئي بزرگ ۽ ٻيا درويش سماع ۽ رقص ۾ مشغول ٿي ويا. خان شهيد هٿ ٻڌيو بيٺو هو ۽ زارو قطار روئي رهيو هو.

شهزادي خان عرف خان شهيد کان سواءِ جلال الدين سلطان سنجر، قبلغ خان ڪيخسرو غلام گهراڻي جي دور ۾ سنڌ جا گورنر ٿي رهيا. غلام حاڪمن جو خاص طرح آخري دور اسلام تي مصيبتن جو دور هو. مسلمان ملڪن ۽ اسلام جي نالي وٺندڙ تي تاتاري حد کان وڌيڪ ظلم ڪري رهيا هئا. بغداد جو شان شوڪت مٽي ۾ ملي ويو هو. ان جي عظمت جي تباهي تي سعدي جو دلسوز مرثيو هر هڪ جي وات هو.

آسمان را حق بود گر خون بہ بارد بر زمين،
بر زوال ملک مستعصم اميرالمومنين۔

اسلامي دنيا ۾ غياث الدين بلبن ئي اهو واحد حڪمران هو جو خونريزي ۽ قتل عام جي ان مهيب دور ۾ سندس سلطنت ظلم ۽ ستم جي تباهين کان محفوظ هئي. جنهن ڪري مختلف اسلامي ملڪن جي شهزادن ۽ اميرن اچي دهلي ۾ پناهہ ورتي هئي. هندستان ان زماني ۾ اسلامي دنيا جي مرڪز جي حيثيت اختيار ڪري ورتي هئي. دهلي ۾ ڪيترا محلا ٻاهران آيل شهزادن جي نالي پنيان سڏجڻ لڳا هئا.

هن دور ۾ تاتارين جي تلوارن ۽ گهوڙن جي سنبن کان هندستان جي سرحدي علائقن پنجاب ۽ ملتان جي زمين محفوظ رهي نہ سگهي پر تاتاري اتي پنهنجا پير ڄمائي نہ سگهيا. اتان جي بهادر عوام تاتارين جو سخت مقابلو ڪيو ۽ کين ملڪ ڇڏڻ تي مجبور ڪيو.

Gul Hayat Institute

شمس الدين بلبن جي فرزند شهزادي محمد قا آن تيمور خان کي شڪست ڏني، مگر ظهر جي نماز پڙهندي مغلن هٿان شهيد ٿي ويو. امير خسرو جيڪو سندس دربار سان وابستہ هو سندس شهادت تي هڪ پر سوز مرثيو لکيو جنهن جي پڙهڻ سان اکين ۾ ڳوڙها وهي اچن ٿا. ان جا ٻہ شعر هن ريت آهن:

واقعہ است ایں یا بلا از آسماں آمد پدید،
آفت است ایں یا قیامت در جہاں آمد پدید۔
راہ در بنیاد عالم داد سیل فتنہ را،
رخنہ کہ امسال در ھندستان آمد پدید۔

### علمي ۽ ادبي ماحول

هن دور ۾ هند ۽ سنڌ جي علمي حالت بهتر هئي، ناصر الدين ۽ غياث الدين بلبن پاڻ عالم ۽ فاضل هئا. شهزادو محمد قاآن سنڌ جو حاڪم علم پرور ۽ پنهنجي وقت جو علامہ هو. سلطان قطب الدين جي ڏينهن ۾ بهاءُ الدين اوشي ۽ نظام الدين حسن نظامي نيشاپوري ٻہ شاعر دهلي ۾ مقيم هئا. فخرالدين مبارڪ شاهہ قابل ذڪر مصنف ٿي گذريو آهي. دهليءَ ۾ ٻہ مدرسہ معزيہ ۽ ناصريہ مشهور هئا. عهد شمسي ۾مويد جاجرمي امام غزالي جي ڪتاب احياءُ العلوم جو پارسي ۾ ترجمو ڪيو. تاج الدين سنگ ريزه عهد شمسي جو وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. ناصر بهاءُالدين علي استاد الشعراءَ شهاب مهره ناميارا شاعر هئا. هندستان جي عظيم پارسي شاعر امير خسرو جو زياده تعلق بہ هن دور سان هو. حميدالدين ناگوري سلطان التارڪين، فن انشا جو هندستان جو پهريون استاد هو. هو پنهنجي وقت جو وڏو صوفي ٿي گذريو آهي. شمس الدين دبير شاعر ۽ درويش هو. مورخہ منهاج الدين سراج، طبقات ناصري جي مصنف جو تعلق بہ هن دور سان هو.

### سماجي ۽ ملڪي حالت

غلام سلطانن جي دور ۾ وحشي تاتارين جا حملا ٿيندا رهيا مگر

هنن سنڌ ڏانهن رخ نہ ڪيو البتہ جلال الدين خوارزمي جي سنڌ مان لنگهڻ وقت سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن ۽ ڳوٺن کي نقصان رسايو جي وري آباد ڪرايا ويا. تاتارين جي حملن ڪري وقت جا حڪمران ملڪ جي صنعت ۽ زراعت تي توجہ نہ ڏئي سگهيا. ملڪ جي فوجي حالت بهتر هئي، بلبن جي ڏينهن ۾ سنڌ جو تخت گاهہ ملتان رهيو جو اسلامي تبليغ جو مرڪز هو. هن دور ۾ حالتون خراب هئڻ جي باوجود ترڪستان ۽ غزني کان قافلن ذريعي غلامن هٿيارن ۽ گهوڙن جو واپار جاري رکيو. ساموندي واپار عرب سوداگرن معرفت هلندو هو. تمدن عرب ۾ سليمان ندوي ادريسي جي حوالي سان ٻڌائي ٿو تہ عيسوي 16 صدي ۾ لونگ، ڪارا مرچ، آبنوس ۽ تراريون جهازن رستي هند ۽ سنڌ مان اردن تائين ويندا هئا.

***

Gul Hayat Institute

# قلندر لال شهباز

امام جعفر صادق رضي الله عنه جي فرزند جناب اسماعيل جي پٽ مان ٻارهين پيڙهيءَ تي هڪ برڪت ڀريو ٻار ڄائو جيڪو اڳتي هلي قلندر لال شهباز جي نالي سان مشهور ٿيو. سندس اصل نالو سيد عثمان هو. قلندر شهباز جو آخري آرامگاهه يا درگاهه شريف سيوهڻ جي شهر ضلعي دادو ۾ آهي ۽ سنڌ جو پهريون نمبر زيارت گاهه ليکيو ٿو وڃي.

قلندر شهباز جو شجره هن طرح آهي:

**شجرو:**

سيد عثمان پٽ سيد ابراهيم ڪبير الدين پٽ سيد شمس الدين پٽ سيد نورشاهه پٽ سيد محمود شاهه پٽ سيد احمد شاهه پٽ سيد هادي پٽ سيد مهدي پٽ سيد منتخب پٽ سيد غالب پٽ سيد منصور پٽ سيد اسماعيل پٽ امام جعفر صادق رضي الله عنه.

Gul Hayat Institute

**پيدائش ۽ تعليم**

قلندر شهباز آذربائيجان (آرمينيا) پرڳڻي جي هڪ ڳوٺ مرند (مروند) ۾ سنه 538 هجري مطابق 1143 ۾ ڄائو مروند شهر جنهن کي مرند يا ميمند به ڪوٺيندا هئا.

ٻاڻ ڀرين ڀرين قرآن شريف ياد ڪيائين، تنهن ڪانپوءِ ٻين علمن ۾ ڪماليت حاصل ڪري، باطني علم پرائڻ لاءِ بابا ابراهيم ولي

ڪربلائيءَ جو مريد بڻيو ۽ انهيءَ کان ئي تصوف ۾ خلافت جو خرقو ڏڪيائين، سندس طريقت جو طريقو هن ريت آهي:

**طريقت**

مخدوم عثمان لال شهباز قلندر مريد شيخ جمال مجرد، مريد سيد ابراهيم مجرد مريد شيخ عاقل شهيد مريد شيخ مسڪين شهيد مريد سيد مرتضيٰ سبحاني مريد امام جعفر صادق رضي الله عنه. مجرد لفظ جي معنيٰ آهي ڇڙو. جنهن پنهنجي سموري عمر بنا شادي ڪرڻ جي گذاري ڇڏي هجي.

هڪ ٻئي هنڌ شهنشاهه دارا شڪوهه شهيد جو طريقتي طريقو بيان ڪندي، قلندر شهباز جي طريقي کي بادشاهه پير شيخ عبدالقادر جيلانيءَ سان هن ريت ملايو ويو آهي:

دارا شڪوه مريد ملا شاهه بدخشي مريد ميان مير سنڌي مريد شاهه خضر سيوستاني، مريد شاهه اسڪندر مريد شيرالاوليا خواجه جاتي مريد شيخ علي قادري مريد شاهه عثمان قلندر لال شهباز مريد شاهه جمال مجرد مريد شيخ ابو اسحاق ابراهيم مريد شيخ مرتضيٰ سبحاني مريد حضرت احمد پٽ مبارڪ مريد شيخ عبدالقادر جيلاني مريد ابو سعيد بن علي مبارڪ مريد شيخ ابوالحسن علي بن محمد يوسف قريشي مريد ابوالفرح طرطوسي مريد ابوالفضل عبدالواحد يمني مريد ابوبڪر شبلي مريد حضرت جنيد بغدادي مريد خواجه ابوالحسن سري سقطي مريد خواجه معروف ڪرخي مريد امام علي رضا رضي الله عنه مريد امام جعفر صادق رضي الله عنه

**سنڌ ۾ آمد**

قلندر شهباز پهرين پهرين سنڌ جو رخ ڪندي سنه 644هجري مطابق 1246ع سيوهڻ ۾ پهتو جيئن هينين تاريخ ۾ ڄاڻايو ويو آهي.

نمود آفتاب دين

644

سيوهڻ کان پوءِ هو هندستان ڏانهن ويو جتي پاڻي پٽ ۾ شاهه شمس بوعلي قلندر سان مليو ۽ ڪجهه وقت اتي رهيو. بوعلي قلندر کيس ٻڌايو تہ هندستان ۾ جيئن تہ اڳ ۾ گهڻا قلندر آهن. تنهن ڪري چڱو ايئن ٿيندو جو هو وڃي سنڌ ۾ سڪونت اختيار ڪري. اهڙي اشاري ملڻ تي قلندر شهباز وري سنڌ جو رخ ڪيو ۽ سنہ 662هجريءَ ۾ اچي ملتان ۾ پهتو.

انهيءَ زماني ۾ دهليءَ جي بادشاهه سلطان غياث الدين بلبن جو پٽ شهزادو محمد شهيد. سنڌ جو حاڪم هوندو هو. شهزادو شهيد نهايت ئي هڪ زاهد ۽ عابد نوجوان هو. سندس علم پروري ۽ درويش نوازيءَ جي مشهوري پوري ايشيا ۾ پکڙجي چڪي هئي، جنهن ڪري ڏورانهن ملڪن جا عالم. شاعر ۽ عارف. شهزادي شهيد جي عارفاڻي ۽ عالماڻي صحبتن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پري پري کان ڪهي ايندا هئا. انهيءَ وقت سنڌ جي سرحدن جو اندازو هن مان لڳائي ٿو سگهجي، جو هن صوبي جي گاديءَ جو هنڌ ملتان هوندو هو ۽ هي شهزادو ملتان ۾ رهي ڪري سنڌ جي حڪومت هلائيندو هو. شهزادو شهيد عالمن. صالحن. شاعرن ۽ سگهڙن جو وڏو قدر ڪندو هو. شيخ منصور بهاءُالدين ذڪريا ۽ شيخ فريدالدين گنج شڪر جهڙن شخصن جو پاڻ معتقد هوندو هو. امير خسرو ۽ امير حسن دهلويءَ جهڙا ماڻهو سندس درباري هوندا هئا.

چوڻ ۾ ايئن ٿو اچي تہ اُچ واري مخدوم جلال جهان گشت، پاڪ پتڻ جي شيخ فريد گنج شڪر. شيخ بهاءُالدين ملتاني ۽ قلندر شهباز جون پاڻ ۾ ڏاڍيون چوياريون ٿينديون هيون ۽ گهڻو ڪري اهي چاريار گڏ گهمندا ڦرندا هئا. قلندر شهباز جو هي مشهور شعر جنهن جي باري ۾ ڪئين ڳالهيون ڪيون ويون آهن. سو خواجہ منصور بهاءُالدين ذڪريا ملتانيءَ جي لاءِ چيل آهي تہ:

منم عثمان مروندی کہ یاری خواجہ منصورم
ملامت میکند خلقہ کہ من بردار می رقصم

Gul Hayat Institute

معنيٰ: مان عثمان مروندي منهنجو يار خواجہ منصور آهي ماڻهو منهنجي لاءِ چون ٿا تہ مان قاسي تي ناچ ڪيان ٿو!

شهزادي شهيد وٽ هڪ پيري ڪا سماع جي محفل ٿي، جنهن ۾ قلندر شهباز ۽ شيخ بهاءُالدين ذڪريا جو پٽ شيخ صدرالدين وجد ۾ اچي ڪري رقص ڪندا رهيا. انهيءَ رقص ۽ سماع جي دوران شهزادي شهيد تي بہ هڪ عجيب حال طاري ٿي ويو جو پاڻ سمورو وقت سندن اڳيان ادب سان هٿ ٻڌيو بيٺو رهيو ۽ زاروزار روئندو رهيو.

شهزادي شهيد، قلندر شهباز کي ملتان ۾ رهڻ لاءِ چيو ۽ سندس لاءِ هڪ خانقاه ٺهرائڻ جو بہ وعدو ڪيائين، پر پاڻ اڳتي وڌي اچي سيوهڻ ۾ وارد ٿيو.

**وفات**

قلندر شهباز هتي سيوهڻ ۾ ئي 21 شعبان 673هجري ۾ وفات ڪئي. سندس وفات جو سال هن فارسيءَ جملي مان نڪري ٿو:

عثمان بہ دروازه امام ست

673

پاڻ نهايت ئي پرهيزگاريءَ واري زندگي گذاريائين. سڄي ڄمار ڇڙو رهيو يعني عمر ڀر شادي ڪانہ ڪيائين. تنهن ڪري پويان ڪو اولاد بہ ڪونہ ڇڏيائين.

قلندر شهباز جي علمي قابليت جو اندازو انهيءَ مان لڳائي ٿو سگهجي، جو ڪنهن زماني ۾ سندس لکيل ڪتاب ”ميزان صرف“ ۽ ”عقد“ وغيره سنڌ جي مدرسن ۾ عام پڙهايا ويندا هئا.

”هذا مَا آمربه عبدالله اميرالمؤمنين عمربن عبدالعزيز“

معنيٰ: هي اهو پرانو آهي جيڪو الله جي ٻانهي ۽ مؤمنن جي امير، عمر پٽ عبدالعزيز جي طرفان جاري ڪيو ويو آهي.

ان تي لکڻ جي تاريخ سنہ 99 هجري ڄاڻايل آهي. هن خطيب جو چوڻ آهي تہ اهي اکر خود خليفي جي هٿ جا لکيل آهن. هن شهر ۾ مون کي هڪ پوڙهو شخص، شيخ محمد بغدادي نالي بہ مليو جيڪو

عثمان مروونديءَ (قلندر شهباز) جي خانقاهہ ۾ رهندو هو. (ان وقت مقبرو نهيل نہ هو) ڪنهن ماڻهوءَ مون کي ٻڌايو تہ هن شخص جي عمر هڪ سؤ چاليهہ ورهين ڪان بہ مٿي آهي ۽ هو چنگيز خان جو پوٽي هلاڪو خان جي هٿان عباسين جي آخري خليفي معتصم بالله جي قتل ٿيڻ وقت بغداد ۾ موجود هو. هي شخص هيتريءَ عمر هوندي بہ جسم ۾ ڪافي مضبوط هو ۽ چڱيءَ طرح سان گهمي ڦري سگهيو ٿي.

**روضو مبارڪ**

**قلندر شهباز جي مقبري جي اڏاوت**

پهرين پهرين قلندر تي قبو سلطان محمد شاهہ تغلق جي سؤٽ سلطان فيروز شاهہ تغلق جي حڪم سان، سيوهڻ ۾ انهيءَ وقت جي گورنر رڪن الدين عرف اختيارالدين سنہ 757هجري ۾ مطابق 1356۾ ٺهرايو. تنهن ڪان پوءِ ٺٽي جي حاڪم مرزا جاني بيگ ترخان قبي کي نئين سر ڪري ٺهرايو جنهن تي اڳتي هلي سندس پٽ مرزا غازي بيگ اجا بہ وڌيڪ اضافو ڪيو. پر قبي جو ڪم شاهجهان جي حڪومت دوران پورو ٿيو قبي ڪي سنہ 1043هجري مطابق 1633ع کان اڳ پوريءَ طرح نهي راس ٿيل نٿو چئي سگهجي، ڇو تہ ان سال ئي نواب دينددار خان بخاريءَ اڱڻ ۾ تراشيل پٿر جو فرش هٿائي پورو ڪيو. هيءُ نواب بادشاهہ جي طرفان خاص انهيءَ ڪم لاءِ مقرر ڪيو ويو هو. هن فرش جي ڪم جي شروعات جي تاريخ هيٺين جملي مان ملي ٿي:

دگر باشد ز فرش خشت آباد

1040

قبي جي اوچيءَ مهاڙيءَ واريون ڪاشيءَ جون سرون ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي تحفي طور موڪليون هيون. مقبري جو چانديءَ وارو دروازو تربت جي مٿان ڇت جا ٿنيا ۽ ڪٽهرو مير ڪرم علي خان ٺهرايا هئا. تنهن ڪان پوءِ سنہ 1939ع ۾ انهيءَ ۾ واڌارو ڪيو ويو جو ڇت بلڪل چانديءَ جو ٺهرايو ويو ۽ گڏوگڏ اڊائي فوٽ اوچو ڪٽهرو بہ

Gul Hayat Institute

روپو (يعني چانديءَ جو) ڪيو ويو اصل ۾ چٽ آبنوس ڪاٺ (ڪاريءَ ڪٺ) جو ٺهيل آهي، جيڪو چانديءَ جي پليٽن سان ڇڳيءَ طرح ڍڪيو ويو آهي. جيئن ڪندبن تي ٻاهران چار ٿنڀا آهن. تيئن اندران ڏهه ننڍا ٿنڀا آهن، جن تي وڏيءَ ڪاريگريءَ جو ڪم ٿيل آهي. ڪنهڙي تي بہ وڏو ڪم ٿيل آهي. ۽ اهو سنڌ جو هڪڙو وڏيءَ ڪاريگريءَ ۽ هنر جو ڪم آهي. هن پوئين يعني 1939ع واري ڪم تي ڪل خرچ 44 هزار روپيا ٿيو جيڪو 45 ڪاريگرن جي لڳاتار ستن سالن جي محنت جو ڦل آهي.

1915ع ۾ قلندر شهباز جي سجاده نشين سائين ولي محمد شاهہ پٽ مراد شاهہ، پنهنجي هڪ معتقد ڪڪڙ جي زميندار رئيس محبت خان وڳڻ سان انهيءَ ڳالهہ جو اظهار ڪيو تہ قلندر جي تربت وارو چٽ سجوئي چانديءَ جو هئڻ گهرجي. سيد جي خواهش رئيس صاحب اهڙيءَ طرح پوري ڪئي جو حيدرآباد مان مستري علي بخش کي گهرايو ويو جنهن خاڪو تيار ڪري ستت ئي ڪم شروع ڪري ڏنو. جيئن مٿي ڄاڻايو ويو آهي تہ هن مستري صاحب جي نگراني هيٺ 25 ڪاريگر ڪم ڪندا رهيا ۽ برابر ست سال ڪم هليو ڪم پوري ٿيڻ تي هو جو 1932ع ۾ پٽسن جي ڪوٽ سبب ڪم بند ڪرڻو پيو. رئيس وڳڻ هن ڪم کي پوري ڪرڻ لاءِ سرڪار کان قرض ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪو غالباً نامنظور ٿيو.

سنہ 1939 جي شروعات ۾ خانبهادر نبي بخش محمد حسين جو پاءُ خانبهادر عبدالقادر دادو ضلعي جو ڪليڪٽر ٿي آيو جنهن انهيءَ وقت جي ”سيري ڪميٽيءَ“ کان پنج هزار رپين جي رقم منظور ڪرائي، ياد رهي تہ سيريءَ ڪميٽيءَ جو ڪم ئي هو درگاهن جي مرمت وغيره ڪرائڻ. خانبهادر عبدالقادر انهيءَ ڪميٽيءَ جو صدر هو. هن سيري ڪميٽيءَ کي سرڪار طرفان باقاعدي زمين ڏنل هئي، جنهن جي پيدائش مان درگاهن تي خرچ هلندو رهندو هو. بهرحال ساڳئي مستريءَ جي نگرانيءَ هيٺ برابر 17 سالن کانپوءِ ڪم وري چالو ٿيو ۽

Gul Hayat Institute

سيپٽمبر 1939ع ۾ اهو چٽ ۽ ڪٽهڙو نهي جڙي تيار ٿي تربت تي لڳي ويو.

درگاهه جي ڏکڻ طرف هڪ شاهي سونو دروازو به لڳي چڪو آهي. هي دروازو به طاقو آهي. هڪڙي طاق تي قلندر شهباز جو نالو: سيد عثمان بن سيد ڪبيرالدين ابراهيم ۽ ٻئي طاق تي سندس وفات وارو سال 673هه اڪريل آهن. ٻنهي طاقن تي آيت الڪرسي ويندي والله سميع عليم تائين ميناڪاريءَ سان اڪريل آهي. هن سوني دروازي کان سواءِ به درگاهه تي سنگ مرمر جو وڏو ڪم ٿي چڪو آهي. نه رڳو درگاهه تي پر حڪومت طرفان سيوهڻ شهر جي سڌاري ۽ واڌاري جي رٿا هيٺ سڄي شهر ۾ وڏو ڪم هلي رهيو آهي.

**قلندر جو ميلو**

قلندر شهباز جو ميلو هر سال شعبان مهيني جي 18، 19 ۽ 20 تي لڳندو آهي. ميلي جي وچين ڏمال وڏي ڏام ڏوم سان لڳندي آهي. سنڌ صوبي جو هي ميلو ٻهريون نمبر ليکيو ٿو وڃي. ٻهرين هزارن جي تعداد ۾ هاڻي لکن جي حساب سان ماڻهو هي ميلو ڏسڻ ايندا آهن. سنڌ، پنجاب، سرحد، بلوچستان، افغانستان، ايران ۽ هندستان کان ڪهي ماڻهو ٻنان ڪنهن مذهبي ويڇي جي هي ميلو پيٽڻ ايندا آهن.

سيوهڻ ۾ ٻيون به ڪيتريون ئي درگاهون ۽ مسندون آهن، جن سڀني جو گهڻو ڪري قلندري درگاهه ۽ مسند سان ڳانڍاپو آهي. هنن مسندن کي "ڪافي" ڪري ڪوٺيندا آهن. جيئن ته: بادشاهه سخي بودلي بهار جي ڪافي، جمن جتيءَ جي ڪافي وغيره وغيره.

***

# قلندر شهباز جو سنڌ ۾ قيام

عام طرح حضرت قلندر لال شهباز جو سنڌ ۾ قيام جو عرصو هڪ سال ٻڌايو ويو آهي. پاڻ 649هه (1251ع) ۾ سيوهڻ ۾ آيا. ۽ 650هه (1252ع) ۾ وفات ڪيائون. انهيءَ ڪري هر ڪنهن ايئن پئي لکيو آهي، ته سنڌ ۾ فقط هڪڙو سال رهيا. جيتوڻيڪ حضرت قلندر لال شهباز جي سوانح بابت گهڻو مواد ڪونه ٿو ملي، ان هوندي به جيڪي حقيقتون هٿ آيون آهن، انهن جو جيڪڏهن ڀوڳهو اڀياس ڪجي ٿو ۽ روايت کي درآيت جي ڪسوٽيءَ تي پرکجي ٿو، ته اها ڳالهه صحيح معلوم ٿي ٿئي، ته حضرت قلندر شهباز فقط هڪڙو سال سنڌ ۾ رهيو. انهيءَ ڳالهه کي ثابت ڪرڻ لاءِ هيٺيان دليل پيش ڪجن ٿا:

1_ قلندر نامہ سنڌي جي صاحب جو چوڻ آهي، ته سن 649هه ۾ سيوهڻ ۾ آيا. (1) تحفتہ الڪرام جي هڪ روايت آهي، ته حضرت غوث بهاءُالدين ۽ سندس فرزند صدرالدين عارف سان گڏجي سير و سفر ڪندي ننڍي جي ”پير پٺي“ سان ملاقات ڪيائون. (2) پير پٺي 642هه (1244ع) ۾ وفات ڪئي. ان مان معلوم ٿيو ته 642هه کان اڳ سنڌ ۾ آيا. انهن سالن ۾ حضرت غوث بهاءُ الدين ملتاني جو زنده هجڻ به ثابت آهي، ڇاڪاڻ جو حضرت غوث بهاءُ الدين سن 661هه (1262ع) ۾ وفات ڪئي.

هن مان ثابت ٿيو ته سن 649هه ته ڇا، پر 642هه کان به اڳ سنڌ ۾ آيا آهن، ڇاڪاڻ ته 642هه کان اڳ سندن سنڌ جو سير و سفر ثابت

ٿئي ٿو.

2ـ دهليءَ جي بادشاهه غياث الدين بلبن جو پيارو فرزند سلطان محمد ملتان جو حاڪم هو. هو عالمن ۽ عارفن سان عزت ۽ احترام سان پيش ايندو هو. حضرت غوث بهاءُالدين ملتاني ۽ حضرت شيخ فريد شڪر گنج جو نهايت ادب ۽ احترام ڪندو هو. امير خسرو ۽ ان جو دوست امير حسن دهلوي سندس دربار ۾ گذاريندا هئا. بزرگن جي مجلس ۾ سڄو ڏينهن رات وينو هوندو هو ته گوڏو به مٿي نه ڪڍندو هو. سن 683هه (1280ع) ۾ مغلن سان وڙهندي شهيد ٿيو.

مستند تاريخي ڪتابن ۾ آيو آهي ته ان سلطان جي زماني ۾ جڏهن حضرت قلندر شهباز ملتان ۾ آيو ته سلطان محمد سندن خدمت ۾ حاضر ٿي تعظيم بجا آندي ۽ تحفا پيش ڪيا ۽ ڪين ملتان ۾ رهڻ جو عرض ڪيو. ڪجهه ڏينهن اتي رهيا. هڪ ڏينهن سلطان محمد هڪ مجلس تيار ڪرائي، جنهن ۾ عربي سرود ٿيو. ان مجلس ۾ غوث بهاءُالدين ملتانيءَ جو فرزند حضرت شيخ صدرالدين عارف به موجود هو.

تاريخ شاهد آهي، ته سلطان غياث الدين بلبن سن 663هه (1264ع) ۾ دهليءَ جي تخت تي وينو ۽ سندس پٽ سلطان محمد 669هه (1270ع) ڌاري ملتان جو گورنر ٿيو. اهو ڏيکاري ٿو ته 669هه کان پوءِ به ملتان ويا. هوڏانهن حضرت غوث بهاءُالدين ملتاني ان کان اڳ وفات ڪري چڪو هو.

ان مان اسان هي نتيجو ڪڍي سگهون ٿا، ته حضرت قلندر شهباز 642هه کان اڳ ملتان ۽ سنڌ ۾ آيا ۽ حضرت غوث سان گڏجي سنڌ ۽ ملتان جو سير و سفر ڪيائون. معلوم ٿئي ٿو ته حضرت غوث سان سير و سفر ڪرڻ کان پوءِ 649هه ۾ سيوهڻ ۾ آيا ۽ رهي پيا. حضرت غوث جي وفات کان پوءِ 669هه ۾ حضرت غوث بهاءُالدين ذڪريا ملتاني جي فرزند شيخ صدرالدين عارف سان ملڻ لاءِ ٻيهر ملتان ويا. جتي سلطان محمد ساڻن مليو ۽ ڪين ملتان ۾ رهڻ لاءِ عرض ڪيائون، پر

Gul Hayat Institute

پاڻ نہ مچيائون ۽ وري سيوهڻ موٽي آيا.

3۔ وصال جي تاريخ ۾ بہ اختلاف آهي. قلندر نامہ سنڌي ۾ وصال جي تاريخ سنہ 650ھ آهي (1) جيڪا مٿين حقيقتن جي روشنيءَ ۾ درست نہ آهي. مقالات الشعراءَ ۽ تحفة الڪرام ۾ مير علي شير قانع وصال جو سن 673ھ ڄاڻايو آهي. (2) خزينة الاصفياءَ ۾ 724ھ آيو آهي. (3) حديقة الاولياءَ ۽ ماثر الڪرام جي صاحبن بہ وصال جو سن 673ھ ڏيکاريو آهي. (4) جيئن تہ سلطان محمد سان ملاقات 669ھ کان پوءِ ٿي. انهيءَ ڪري وصال جو سن 673ھ ٺيڪ درست آهي. ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي پڻ انهيءَ سنہ جي پٺڀرائي ڪئي آهي. (5) ياناٿجي ٿو تہ، پوين پيرو سيوهڻ ۾ فقط هڪ سال رهيا. انهيءَ ڪري سيوهڻ ۾ سندن رهائش هڪ سال مشهور ٿي ويئي.

4۔ تاريخن ۽ تذڪرن مان سندن سنڌ جو سير و سفر ثابت آهي، جيڪڏهن سنڌ ۾ فقط هڪ سال رهائش قبول ڪئي ويندي، تہ پوءِ سنڌ جو ايترو سارو سير و سفر قبول ڪري نہ سگهبو. معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ جو سير و سفر ڪرڻ کان پوءِ جڏهن ٻيهر ملتان ويا ۽ موٽي آيا تہ پوءِ سيوهڻ ۾ فقط هڪ سال رهيا. سنڌ ۾ سندن سير و سفر جو احوال هن طرح آيو آهي:

تحفة الڪرام ۾ آيو آهي، تہ سير و سفر ڪندي شيخ ريحان جهنگليءَ سان ملاقات ڪيائون. ۽ سندس پٽ شيخ دودي جي شهادت تي، فاتح خوانيءَ لاءِ پٽڙ تي ويا. (1) تحفة الڪرام ۾ بي هنڌ آيو آهي، تہ حاجي منگهي جي جبل ۾ مخدوم لال شهباز جي "ڪندري" نالي هڪ نهر آهي، جنهن ۾ ٻنهي ڪنارن تي وڻندڙ باغ ۽ فقيرن جا ايڪانت پريا تڪيا آهن. (2)

منگهي جو طوق يا جبل، ڪراچيءَ جي پرسان آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ، حضرت قلندر لال شهباز سير و سفر ڪندي انهيءَ طرف وڃي نڪتا ۽ ڪندري نالي نهر تي چلا ڪڍيائون. اهڙي طرح حيدرآباد ۾ گنجي ٽڪر جي پاسي ۾ ٽنڊي غلام حسين ۾ بہ سندن

Gul Hayat Institute

چلي جي جڳهه مشهور آهي. هيءَ روايت بہ آئي آهي تہ حيدرآباد جي آس پاس ۾ ساجن سوائي ۾ تاج الدين طريل سان بہ ملاقات ڪيائون. پيرپٽي سان سندن ملاقات جو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي. بکر ۾ شاهہ صدرالدين رضويءَ جي درگاهہ تي چلن ڪڍڻ جي روايت بہ مشهور آهي. ٺٽ جي بزرگ حاجي اسماعيل پنهور سان بہ روح رهاڻ ڪئي هئائون.

اهي ڳالهيون ثابت ڪن ٿيون تہ، حضرت قلندر شهباز سنڌ ۾ چڱو وقت رهيو ۽ اڪيلو ۽ ٻين بزرگن جهڙوڪ: غوث بهاءُالدين ذڪريا ملتاني، سندس فرزند شيخ صدرالدين عارف وغيره سان گڏجي سنڌ گهميو. انهيءَ سير و سفر جي دوران سنڌ جي بزرگن سان روح رهاڻ ڪيائين. مختلف هنڌن تي چلا ڪڍيائين ۽ سنڌ جي ماڻهن جي روحاني اصلاح ڪيائين. سندن ئي ڪوشش جي طفيل سنڌ ۾ مسلمانن جو تعداد وڌيو ۽ سنڌ تصوف جي رنگ ۾ رنڱجي ويو.

***

Gul Hayat Institute

# حضرت سيد عثمان قلندر رحه

سنڌو ماٿري، صدين کان وٺي ولين، درويشن بزرگن عالمن، شاعرن، مفڪرن ۽ محققن جي سرزمين رهي آهي. اڄوڪي مادي ۽ سائنسي دور ۾ به نه فقط سنڌو ماٿري ۾ ولين، درويشن، عالمن ۽ شاعرن جون ورسيون ۽ ڏينهن، عرس ۽ ميلا عقيدت ۽ احترام، ڌوم ڌام سان ملهايا وڃن ٿا پر انهن زهد ۽ تقويٰ جي باعمل عالمن ۽ شاعرن جي درگاهن تي هميشه وانگر عقيدتمدن جا هجوم صبح ۽ شام نظر ايندا آهن. انهن قابل احترام ولين، درويشن، عالمن ۽ شاعرن مان هڪ آهي حضرت سيد عثمان قلندر رحه.

**نالو ۽ نسب:**

حضرت جن جو نالو سيد عثمان ۽ لقب شمس الدين لعل شهباز قلندر آهي. حضرت جن جا جيڪي شجرا ملن ٿا، انهن ۾ ٿورو گهڻو اختلاف ضرور آهي، مگر لب تاريخ سنڌ وارو شجرو وڌيڪ صحيح سمجهيو ويندو آهي، جيڪو هيٺ ڏجي ٿو:

حضرت عثمان بن سيد ڪبير بن سيد شمس الدين بن سيد نور شاهه بن سيد محمود بن سيد احمد بن سيد هادي بن سيد مهدي بن سيد منتخب بن سيد غالب بن سيد منصور بن سيد اسماعيل بن حضرت امام جعفر صادق رضي الله عنه. اهڙي طرح حضرت لال شهباز، حضرت امام جعفر صادق رضي الله عنه سان تيرهين پيڙهي ۾ ملي ٿو. جناب آزاد بلگرامي به

Gul Hayat Institute

ان شجري جي تصديق ڪئي آهي.

**وطن:**

حضرت قلندر شهباز جي ڄمڻ واري شهر بابت ٻه اختلاف آهن، پر تحقيق مان ظاهر ٿئي ٿو تہ قلندر شهباز جو تعلق آذربائيجان جي پرڳڻي سان آهي. آذربائيجان صوبي جو صدر مقام تبريز آهي، هي شهر صدين کان وني تهذيب ۽ تمدن، ادب ۽ ثقافت، علم ۽ عرفان، سير و تفريح جو مرڪز ٿي رهيو آهي. تبريز جي پسگردائي ۾ ٽي مکيہ شهر ملن ٿا، مراغہ، ريزايہ ۽ مرند. مرند تبريز کان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي واقع آهي يعني چاليهن پنجيتاليهن ميلن جي مفاصلي تي، مقدسي جي لکڻ موجب مرند جو شهر، خوري ندي جي اوير ۾ آهي. شهر مستحڪم آهي. سندس چوڏاري حوض آهن. شهر نهايت ئي خوبصورت، شاداب، آباد، گلن، گلڪارين ۽ گل رخن وارو آهي. هي شهر تاتارين ۽ ڪردن جي حملن سبب ڦٽندو ويو. حضرت جي ولادت جي هن شهر جي تصديق الوحيد سنڌ آزاد نمبر، ماثرالڪرام، تذڪره مشائخ سنڌ ۽ آب ڪوثر جي مصنفن ڪئي آهي.

**ولادت:**

حضرت عثمان قلندر جي ولادت ۽ رحلت واري تاريخ تي بہ اختلاف آهن، ان ڪري حيات نامہ قلندريۃ ۾ ڏنل هڪ شعر تي اڪتفا ڪرڻ مناسب سمجهان ٿو. ڪن ٻين محققن بہ ان روايت کي درست سمجهي قلمبند ڪيو آهي. ان حساب سان سندن ولادت جو سن 538هجري ۽ رحلت سن 650 هجري آهي. سندس عمر 112 سال هئي. پاڻ 18 يا 21 تاريخ، ماهہ شعبان 650 هجري ۾ وفات ڪيائون، شعر هي آهي:

بجو تاریخ شمس الدین عثمان

بدر کن رنج از فلک کرامت

791 - 253 =538

سن عمرش ولی اللہ وفاتش

112
سر وش غیب می گوید برحمت
650
هڪ ٻئي شعر مطابق حضرت جن جي وفات جو سن 673 هجري آهي.

**سير ۽ سياحت:**

اڪثر ڪري ڏٺو ويو آهي تہ خدا شناس ۽ انسان دوست ولين، بزرگن، عالمن ۽ شاعرن پنهنجي حياتي جو ڪافي عرصو سير ۽ سياحت ۾ گذاريو آهي. ان دوران انهن پنهنجي خدا کي ۽ پاڻ کي ڳولڻ، سڃاڻن ۽ پرينءَ کي پرچائڻ جي بہ ڪوشش ڪئي آهي. ساڳي وقت ڪل خير ۽ صلح ڪل جي تبليغ ۾ مصروف رهيا آهن. ان روايت کي برقرار رکندي حضرت شهباز قلندر بہ ان وقت جي مشهور عالم ۽ ولي حضرت بابا ابراهيم جي صحبت ۾ رهي، فيضياب ٿيڻ کانپوءِ هندستان ۽ سنڌ ڏانهن رخ رکيو ۽ پاڻ سان وحدانيت ۽ صداقت جو پيغام آندو. هندوستان ۾ گهڻو ڪري سڀ بزرگ سياح دره خيبر کان پنجاب، دهلي ۽ هندستان جي ٻين شهرن ۾ داخل ٿيا آهن. جهڙوڪ سيد علي هجويري داتا گنج بخش لاهور ۾، خواجہ معين الدين سجزي عرف خواجہ غريب نواز اجمير ۾ ۽ خواجہ قطب الدين بختيار ڪاڪي دهليءَ ۾. حضرت عثمان قلندر شهباز کي بہ ساڳئي سلسلي جي هڪ ڪڙي سمجهڻ وڏيڪ مناسب ۽ درست ٿيندو. باقي قلندر سائين متعلق هڪ اها بہ روايت آهي تہ پاڻ مڪران کان سنڌ ۾ داخل ٿيا. ڇاڪاڻ تہ لاهوت ۽ پير آري جي ماڳن ۽ ڪن ٻين هنڌن تي قلندر شهباز جا تيرٿ ۽ تڪيا آهن، جن جي زيارت لاءِ قلندري فقراءَ سال بہ سال سفر اختيار ڪندا آهن. سنڌ جو خشڪي رستي سفر، تاريخ کان اڳ واري دور ۾ بہ ايران ۽ سمير جي قديم شهرن سان مڪران رستي هلندو هو. سڪندراعظم جو سفرنامو ان حقيقت لاءِ وڏي ۽ مستند ثابتي آهي.

چيو وڃي ٿو تہ حضرت شهباز جي سيوهڻ شهر ۾ پهريون پيرو

Gul Hayat Institute

آمد سن 644 هجري ۾ ٿي. ان آمد جو سن هڪ شاعر هن ريت ڪڍيو آهي تہ "نمود آفتاب دين" يعني 641 هجري، بمطابق 1346ع. حضرت شهباز قلندر پوءِ بکر ۽ اچ کان ٿيندو ملتان پهتو. ان وقت ملتان جو گورنر خان شهيد بن بلبن هو. خان شهيد، حضرت شهباز جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عقيدت جا سڀ آداب ۽ فرائض بجا آندا. خان شهيد جي ان ملاقات جو احوال تاريخ فيروز شاهي ۾ ملي ٿو. خان شهيد، حضرت قلندر لاءِ هڪ خانقاه جوڙڻ جو بہ حڪم صادر ڪيو پر پاڻ ملتان ۾ وڌيڪ وقت لاءِ نہ ترسيا ۽ حضرت شيخ فريد الدين گنج شڪر پاڪپتڻ، حضرت بهاءُالدين ذڪريا ملتاني ۽ سيد جلال الدين سرخ بخاري جي رفاقت ۾ سيوهڻ اچي سڪونت اختيار ڪئي. انهن چئن يارن جي صحبت ۽ رياضت واري جڳهہ کي چوٽنيي سڏيندا آهن. حضرت قلندر انهن بزرگن جي رفاقت ۾ سنڌ ۽ پنجاب جي ڪيترن ئي شهرن جو سير ڪيو مگر آخري آرامگاهہ سيوهڻ کي ئي منتخب ڪري سنڌ جي سرزمين کي شرف عطا ڪيائون.

علم ۽ فضل- فيض:

مان اڄ ڏينهن تائين ان ڳالهہ کي سمجهڻ کان قاصر رهيو آهيان تہ ڪهڙن سببن جي ڪري اسان پنهنجي ولين، شاعرن، عالمن، شهيدن ۽ بزرگن جي خودداري، فڪر جي بلندي، علمي ۽ ادبي فضيلت کي گهٽ سمجهي يا غلط تخمينا لڳائي انهن مٿان بهتان تراشيون ڪيون آهن. اسان سنڌ جي جاگرافي، تاريخ، ٻولي، ثقافت ۽ لوڪ ادب جي سڀ کان وڌيڪ ڄاڻو ۽ دنيا جي عظيم ترين عوامي ۽ فطرت جي ڄاڻو شاعر حضرت لطيف کي اڻ پڙهيل، ڪيترين ئي زبانن جي شاعر ۽ مفڪر سچل سرمست ۽ عربي ۽ فارسي زبانن جي شاعر ۽ علم صرف و نحو جي هڪ وڏي ماهر کي فقط مست يا مست قلندر سڏيو آهي. جيتوڻيڪ هسٽري آف سنڌ جي انگريز مصنف رچرڊ برٽن، حضرت قلندر شهباز کي هڪ وڏو عالم، لسانيات جو ڄاڻو ۽ علم صرف ۽ نحو (گرامر) جو ماهر سڏيو آهي. حضرت قلندر جو

گرامر تي لکيل ڪتاب ”ميزان“ سنڌ جي مدرسن ۾ پڙهايو ويندو هو. جنهن لاءِ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي گواهه آهي. پاڻ قرآن شريف جا حافظ ۽ عالم باعمل هئا. پاڻ عربي ۽ فارسي ۾ شعر چوندا هئا. چون ٿا ته ملتان ۾ خان شهيد، سندن ڪلام جي بلندي ۽ سماع (ڌمال) جي گرمي مهل اٿي بيهي، پانهون ٻڌي زارو قطار روئندو هو.

حضرت شهباز قلندر جي فيض بابت اهو لکڻ ئي ڪافي آهي ته حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، حضرت مخدوم بلال شهيد، سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي، حضرت قادر بخش بيدل ۽ صوفي عثمان سولنگي، هر هڪ حضرت جي درگاهه تي عقيدت مان حاضري ڀري آهي. حضرت سچل سائين، ميان محمد محسن بيڪس، سيد ثابت علي شاهه، مولانا ضيائي سيوستاني ۽ ٻين ڪيترن ئي شاعرن سندن شان ۾ بيت، اشعار، مناجاتون ۽ قصيدا لکيا آهن. سندن درگاهه تي روزانو هزارن جي تعداد ۾ سوالي، عقيدتمند ۽ زائرين اچن ٿا ۽ حاضري ڀرين ٿا.

”موت مهاڻا، ٻيڙي وارا ـ مان لعل تي تي وڃان.“

### حضرت جي شاعري ۽ ڪلام:

قلندر شهباز جي ڪلام متعلق ڪجهه به يقين ۽ وثوق سان چئي نٿو سگهجي، ڇاڪاڻ ته حضرت جن جي ڪلام جو ڪوبه مستند ڇپيل يا قلمي نسخو نٿو ملي. سندن هڪ شعر مقالات الشعراءِ ۾ ڏنل آهي. جيڪو خداداد خان ”لب تاريخ سنڌ“ ۾ درج ڪيو آهي. اهو ساڳيو شعر پروفيسر سدا رنگاڻي پنهنجي ڪتاب ”سنڌ جا فارسي شاعر“ ۾ به قلمبند ڪيو آهي. باقي مولانا محمد هاشم ٺٽوي جي ڪتاب ”مدح سنڌ“ ۽ مولچند جي ڪتاب ”رسالو سوانح قلندر“، بيدل جي ڪتاب ”سند الموحدين“ ۾ ۽ مخدوم عبدالواحد سيوهاڻي جي ڪتاب ”فتويٰ واحدي“ ۾ سندن ڪجهه ڪلام ملي ٿو. ڪجهه ڪلام وري راجه تخلص سان حضرت ڏانهن منسوب ڪيو وڃي ٿو جيڪو صحيح ناهي، ان هوندي به حضرت جن جي شاعرانه عظمت کان

انڪار ڪري نٿو سگهجي. سندن ڪلام ۾ قلندرانہ رنگ پريل آهي. ڪلام ۾ جذبات جي شدت کان سواءِ فڪر جي بلندي، رسول خدا ۽ حضرت علي ؑ لاءِ عقيدت جي گهرائي ملي ٿي، شعر سليس، پڪو ۽ پختو آهي.

**حضرت جو روضو:**

تاريخ جي ڪتابن ۽ درگاهہ تي نصب ٿيل ڪتبن جي مطالعي مان پتو پوي ٿو تہ شهباز جو مقبرو پهريائين سلطان فيروز تغلق جي ڏينهن ۾ سيوهڻ جي گورنر اختيارالدين 757هجري ۾ تعمير ڪرايو. جنهن ۾ ست ونگون هيون. سلطان محمد تغلق جو جسد خاڪي قلندر جي پيراندي کان امانت طور دفن ڪيو ويو هو. ان کان پوءِ مغل شهنشاهہ اڪبر جي ڏينهن ۾ ان جي توسيع ٿي، اهو ڪم مرزا جاني بيگ ۽ سندس پٽ مرزا غازي بيگ ڪرايو. شاهجهان جي ڏينهن ۾ مقبري جي ويجهو بہ مسجدون تعمير ٿيون ۽ صحن ۾ پٿرن جو فرش وڇايو ويو. سن 1173هجري ۾ سنڌ جي خودمختيار ڪلهوڙي حاڪم ميان غلام شاهہ هڪ وڏي شاهي علم پاڪ، بہ وڏا ڪاٺ جا دروازا لڳرايا ۽ مناسب مرامت جو ڪم بہ سرانجام ڏنو. مقبري ۾ ڪاشيءَ جو ڪم دين دار خان جي ڏينهن ۾ شروع ٿيو ۽ ڪٽهڙيءَ جي ڇٽي مٿان چاندي جي پٽن جو ڪم محبوب علي وڳڻ ڪرايو. هي اهو ساڳيو زميندار آهي جنهن حضرت مخدوم بلال جي مسجد تعمير ڪرائي آهي. درگاهہ ۽ مقبري جي اوير ۽ ڏکڻ طرف وڏيڪ وسيع بنيادن تي ڪم ۽ ڏکڻ طرف نئين صحن ۾ سونهري دروازي جي نصب ڪرڻ جي سعادت جو شرف پاڪستان جي سابق وزيراعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽي ڪي نصيب ٿيو.

آن راہ کہ قدسیان راد شوار سخت آید،
از فضل حق تعالیٰ آسان شد مست مارا۔

شہباز قلندر

***

محمد حسين ڪاشف

# حضرت لعل شهباز قلندر (تاريخ جي آئيني ۾)

اوليائن ۽ صوفين جي سرزمين سنڌ کي اهو وڏو شرف حاصل آهي ته هن ۾ برصغير جي جُنگ اولياء، ڪامل ولي ۽ عارف، عالم ۽ فاضل، ڪرامات جي صاحب حضرت شيخ عثمان المعروف حضرت لعل شهباز قلندر مرندي/ مروندي جو آخري مسڪن ۽ آرامگاهه آهي، جتي شاهانِ وقت جي جبين سجده ريز رهي آهي ته اتي مفلوڪ الحال مسڪينن جي آرزوئن، التجائن انهن جي دوا درمان ۽ روحاني سڪون لاءِ پڻ سندن آستانو ۽ ذات گرامي حقيقي سهارو رهي آهي.

حضرت لعل شهباز قلندر جي مزار تي پرڏيهه کان به پانڌيئڙا کهي پنهنجي اميدن جي چراغن کي روشن ڪرڻ لاءِ (چار چراغ بلن هميشه پنجوان مين بلڻ آئي يلا لعل قلندر) حاضر ٿي چادرون چاڙهيندا . باسون باسيندا ۽ نذر نياز ڪندا آهن، جنهن جو هڪ اڻ کٽ سلسلو آهي. مخدوم سيوهاڻيءَ جي درگاهه نور آمجگاه هر نئين صبح تي وجندڙ نوبت سان نئين رونق، نون چهرن ۽ پانڌيئڙن، سوين، سائلن، اميدن ۽ منتون ڪٽي ايندڙن سان پريل نظر ايندي آهي. ڪو دعا ۾ مشغول نظر ايندو ته ڪو چادر چاڙهيندي نظر ايندو. ڪٿي چراغ روشن ڪرڻ وارن جو مجموعو نظر ايندو. ڪنهن جو ڳل ڳرهو ته

ڪنهن جي اڪين ۾ التجا جا لڙڪ ته ڪن جي لبن تي مطلب آوريءَ جي مرڪ نظر ايندي. مطلب ته حضرت مروندي جي اتواري ايوان جو هڪ اهڙو دل ليائيندڙ ۽ روحاني سڪون پهچائيندڙ منظر ايندو، جنهن کي لفظن ۾ قيد ڪري بيان ڪري نٿو سگهجي. هت احساس جي ضرورت آهي، غور ۽ فڪر جي جاءِ آهي. جڏهن ماڻهو انهيءَ منزل کي محسوس ڪري ٿو ته پاڻ کي پلجي وڃي ٿو. اهو هن اهل الله جي روحاني ڪشش ۽ ڪيفيت جو وڏو منظر ۽ جهان آهي. اهو انهيءَ ڳالهه جو دليل آهي ته بزرگ صاحب جو روحاني فيض عام جاري آهي. پوءِ جنهن ۾ جيترو ماڻ آهي، جنهن ۾ جيتري طلب آهي، دنيوي يا روحاني طور انهيءَ کي انهيءَ سارو پلئه پوي ٿو؟

اَلَآ اِنَّ اَوْلِيَآءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿۶۲﴾ (آيت سوره يونس 62) جي مصداق الله جي ولين يعني دوستن لاءِ ڪو به رنج ۽ غم نه آهي. هنن جي ذات، ذات حق لاءِ وقف آهي. نور الاهي جي متن ضيا پاشي آهي. بقول حضرت شيخ جنيد رحمة الله عليه بغداديءَ جي ته "اهل الله وقت جي نقد قيمت جاڻي ٿو ڇاڪاڻ ته هو هر ڪن يا هر پل ۾ پاڻ کي خدا کان الڳ ڪري نٿو سمجهي، هو پاڻ کي حاضر حق تصور ڪري ٿو. يعني حق جي موجودگي هن لاءِ دائمي آهي." حضرت مخدوم عثمان مروندي به اهڙن ئي بزرگن مان هو جن جو ورد صرف "الاهو الاهو" هو. الاهي بيخودي ۽ سپردگيءَ جي عالم ۾ حضرت مروندي چئي ڏنو ته:

ز عشق دوست هر ساعت درونِ نار می رقصم،
گهی بر خاک می غلطم گهی بر خار می رقصم۔
بیا ای مطرب مجلس سماع ذوق را درده،
منم عثمان مروندع که یار خواجه منصورم،
ملامت می کند خلقی و من بردار می رقصم۔

Gul Hayat Institute

حضرت قلندر شهباز جي سوانح ۽ سنڌ ۾ اچڻ جي سلسلي سان هن وقت تائين اديبن عالمن ڪافي لکيو آهي، جنهن ۾ اتفاق راءِ بجاءِ اختلاف راءِ جي ڪثرت آهي. سنڌ اندر حضرت مروندي جو عرصو

نهايت قليل ڏيکاريو وڃي ٿو. سنڌن ڪارنامن مان وقت جو اندازو وڏيڪ محسوس ٿئي ٿو. ملتان ۾ حضرت قلندر شهباز ڪافي وقت رهيو ان وقت هند تي غياث الدين بلبن (664_ 686هجري) جي فرمان روائي هئي. اُچ جو علائقو جنهن ۾ ملتان اچي ٿي ويو ان وقت اهو سنڌ سان لاڳو هو. ان لاءِ حضرت مروندي جي ملتان جي رهائش واري عرصي کي پڻ سنڌ جي رهائش سان ڳنڍيو وڃي ٿو ته ان دور جي بزرگ حضرت بهاءُ الدين ذڪريا ملتاني جن جي مريدن ۽ خليفن جو وڏو حلقو سنڌ ۾ هو. حديقة الاولياءَ جي مصنف مطابق بزرگ ڪيراونه بلقلب حضرت ڳاڙهو صدر لُسو فقير ڪاڪڙو شينهن جو سوار هيبت فقير جمالي، راجسي اوڏو ساجن سوائي (هي بخاري سادات آهي) پير پٺو ابراهيم ناگوري، سيد جميل شاهه گرناري، سنڌ ۾ ڪيچ تائين حضرت ذڪريا ملتانيءَ جا خليفا هئا ته ڪي صحبتي ۽ همعصر پڻ. ان وقت سنڌ ۾ سهروردي طريقي جو اوج هو. حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي جن طرفان حضرت نوح بکري هن سلسلي کي سنڌ ۾ متعارف ڪرائي چڪو هو.

سيوهڻ ۽ ملتان انهيءَ دور جا به اهڙا ديني ۽ فڪري مرڪز هئا، جن جي تاريخي علمي ۽ ملڪي حيثيت مجيل هئي، علمي ۽ روحاني اچ اجهائڻ لاءِ هي ٻئي شهر وڏي اهميت وارا هئا. جيترو ئي هنن شهرن جي قدامت هئي، اوترو ئي هنن تاريخ جي مختلف دورن ۾ پاڻ تي مصيبتون برداشت ڪيون. غورين کان وٺي چنگيزن، خوارزمين، افغانن، مغلن ۽ تغلقن مطلب ته هر ٻاهران ڪاهي ايندڙ جي صعوبتن ۽ عقوبتن کي برداشت ڪيو. جاٽايل سيني حملن ۾ سيوهڻ گهٽو ڪجهه پوڳيو. ملتان کي ته حضرت بهاءُالدين ذڪريا ملتاني چنگيزين کي ڏن ڏئي بچائي ورتو پر سيوهڻ کي ڪو بچائڻ وارو آڏو ڪونه آيو.

قلندر جي نگريءَ جا ڪئين ورق اڃا اٿلايا ئي نه ويا آهن. يونانين، سٿين، پارٿين ۽ آسوڪائن به هت پنهنجا خيماکوڙيا. سڪندر يونانيءَ جي قلعي جا ڪجهه آثار اڃا به سيوهڻ جو سينگار

آهن. افسوس هن ڳالهه جو آهي تہ هن موهن جي دڙي جي اوج واري دور ۾ منڇر جي ڪنارن تي وسندين جي وسڪارن ڪان ونى هن غنيم شهر جي، جيڪو تاريخي طور تي اهڙي خطي ۾ آهي، جنهن ڪي ذڪڻ ۾ آمري تهذيب جا قديم آثار آهن تہ اتر ۾ موهن جي دڙي ۽ چانهون ءَ جي دڙي جي تهذيبن جا نشان آهن. اڄ تائين ان سلسلي ۾ ڪا تاريخ نہ لکي ويئي آهي. مرحوم "تاج صحرائي" پنهنجي انگريزي ڪتاب "لائيڪ منڇر" ۾ تهذيبي آثارن تي روشني وڌي آهي پر ارتقاءَ حيات جي لحاظ کان اڃا گهڻو ڪجهه گهرجي، جيڪو آمريءَ جي قديم پٿر وارو دور، سيوهڻ وارو پٽ، جهانگارا، باجارا، منڇر جا ڪنارا، ياڻن جي اولهه وارا دڙا ۽ موهن جو دڙو اهي پٽ سيئي هڪ ئي تاريخي تهذيبي ارتقا جون ڪڙيون آهن. تاريخ جي انهن ورقن کي پڌرو ڪرڻ گهرجي.

ذڪر هو حضرت قلندر شهباز جي سلسلي جو پر سيوهڻ جي ماڳ جي تاريخي حيثيت کي واضح ڪرڻ ضروري هو ڇو تہ تهذيبي ارتقا جي ذڪر سان ان جي اها تقاضا هئي. حضرت قلندر شهباز ملتان شهر ۾ جتي سندس چوياري يعني حضرت شيخ بهاءُالدين ذڪريا ملتاني، حضرت فريدالدين گنج شڪر، حضرت سيد جلال شاهہ سرخ بخاري، چوٿان پاڻ هئا. صوفياٽين مجلسن ۽ محفلن سير سفر ۾ قربت هوندي. حضرت عثمان مروندي غياث الدين بلبن جي فرزند شهزادي محمد طرفان ڪيل پيشڪش (ملتان ۾ خانقاه جي تعمير ۽ رهائش) کي ڇو قبول نہ ڪيو جڏهن شهزادو محمد حضرت قلندر شهباز جن کان ايترو تہ متاثر ۽ گرويده هو جو روايت آهي تہ ڪي ڏينهن شيخ عثمان، شيخ صدرالدين بن شيخ بهاءُالدين ذڪريا شهزادي جي مجلس ۾ تشريف فرما هئا. شيخ عثمان جا عربي اشعار ٻڌي جيڪي درويش ان جي ويجهو هئا، اهي وجد ۾ اچي رقص ڪرڻ لڳا. شهزادو محمد سلطان سندن روبرو ٻانهون ٻڌيو بيٺو هو ۽ زارو قطار روئي رهيو هو. اهڙي دبستگي ۽ وارفتگي جي هوندي شهزادي جي پيشڪش کي رد ڪرڻ ۽ سيوهڻ جو رخ اختيار ڪرڻ غور طلب آهي

تہ حضرت قلندر شهباز ايئن چو ڪيو؟ انهيءَ سوال جو حل اسان جي تاريخ جي محققن ڪي ان وقت جي معروضات ۾ ڳولڻ گهرجي تہ انهيءَ رويي جا بنيادي ڪارڻ ڪهڙا هئا يا تي سگهن ٿا. جن حضرت مرونديءَ کي سيوهڻ ڏانهن اچڻ تي مجبور ڪيو ۽ پاڻ هت آيا. تاريخ جو مطالعو اسان تي اهو واضح ڪري ٿو تہ ان وقت سيوهڻ جو خطو ظلم، بربريت، هنوديت، بدڪاري ۽ ٻين انيڪ خرابين جو مرڪز بڻيل هو. جنهن کي ختم ڪرڻ لاءِ غيبي اشاري تحت سيوهڻ جو رخ ڪيائون يا طريقت جي فڪري تضادن سبب چوياري کي خيرباد ڪيائون.

حضرت عثمان مروندي جي حسب نسب جو سلسلو تيرهين پيڙهيءَ ۾ حضرت امام جعفر صادق ﷺ جن سان ملي ٿو ۽ سندن ذات گرامي امام جعفر صادق ﷺ جي فرزند اول سيد حضرت اسماعيل سان ملي ٿي. تاريخي طور تي هيءُ مشهور آهي تہ حضرت امام جعفر صادق ﷺ پاڻ ڪانپوءِ امامت جي منصب لاءِ پنهنجي پهرئين فرزند امام اسماعيل کي منتخب ڪيو پر پوءِ پيدا ٿيل حالتن جي تقاضا تحت امامت لاءِ پنهنجي چوٿين نمبر فرزند ”حضرت امام موسيٰ ڪاظم“ جي منصب امامت جو اعلان ڪيائون. اختلافي روين سبب اسماعيل کي جان جو خطرو هو ۽ کيس زهر ڏيئي مارڻ جي پڻ ڪوشش ڪئي ويئي. انهيءَ سانحي مان امام اسماعيل جن بچي ويا پر بيمار ٿي پيا ۽ مصر پنهنجن خليفن ڏانهن روانا ٿي ويا. جتي علوين پنهنجي تحريڪ جو بنياد اڳ ۾ ئي رکي ڇڏيو هو. سندس پوئلڳن مان ”نفس ذڪيہ“ وارن مصر ۾ فاطمي سلطنت جو بنياد وڌو ۽ اسماعيل جو گروهہ اسماعيلي فرقي جي طريقہ ڪار سان اڳتي وڌيو. جنهن جا داعي سڄي اسلامي دنيا خاص ڪري سنڌ تائين پهتا.

قلندري طريقو حضرت سيد جمال مجرد کان شروع ٿئي ٿو. جيڪو ان وقت فاطمي سلطنت ۾ وڏو عالم فاضل ۽ صاحب شريعت هو ۽ ڪيترو وقت مصر ۾ مفتي ٿي رهيو. (جيڪو انهيءَ ڳالهہ جو دليل آهي تہ سيد جمال مجرد يقيناً اسماعيلي طريقہ ڪار ۽ فڪر جو

علمبردار رهيو هوندو) سيد مجرد جي علميت جو اهو عالم هو جو مصر جا ماڻهو کين "ڪتاب خانہ روان" يعني هلندڙ چلندڙ ڪتبخانو چوندا هئا. اهو انهيءَ ڪري جو ڪنهن مسئلي جي جواب ڏيڻ لاءِ هي بزرگ ڪتاب نہ ڏسندو هو پر پنهنجي علم جي ملڪوتي قوت ذريعي صحيح جواب ڏيندو هو. روحاني توجهہ، پنهنجي ذاتي غور ڪرڻ، حق جي تلاش ۾ ان جي اڪتشاف قلوب واري ڪيفيت مٿس اهڙي طاري ٿي ويئي، جو بقول لطيف:

اکر پڙهہ الف جو پيا ورق سڀ وسار

دنيا کان منهن موڙي پنهنجي صورت کي حيرت زده بنائي ذات حق ڏانهن نظر جمائي ويهي رهيو. سندس انهيءَ صورتحال کي ماڻهو قلندر سان تعبير ڪرڻ لڳا يعني لاطمع ۽ لاابالي! نڪا جهوري جهنگ جي نڪا ثمر سندي تات. انهيءَ طرح سان ڪانئن قلندري طريقي جو رواج پيو. "تحقيقات الصوفيہ" جو مصنف لکي ٿو تہ: "قلندر اهو آهي جو دنيا کي ترڪ ڪري سڄي عمر اڪيلو گذاري ۽ دنيا جي لذتن ۽ نفساني خواهشن کي ويجهو نہ وڃي."

حضرت شيخ عثمان مرندي (مرند آذربائيجان ۾ هڪ شهر يا علائقو آهي) هڪ جيد عالم ۽ بزرگ جا اولاد هئا. سندن حسب نسب امام اسماعيل بن امام جعفر صادق سان مليو ٿي، پاڻ علم ۽ فضل ۾ ڪمال حاصل ڪيائون. بقول ڊاڪٽر سدار نگاڻي "قلندر شهباز هڪ زبردست عالم ۽ شاعر هو. سنڌ ۾ فارسيءَ جي دور ۾ سندس ڪتاب عقد ۽ ميزان صرف پاڙهيا ويندا هئا." حضرت شهباز قلندر روحاني تلميذ قلندري طريقي جي بزرگ "بابا ابراهيم ڪربلائي" کان ورتي، جيڪو سيد جمال مجرد جو مريد هو. ان کان قلندري خرقو پاتائون، ڪن روايتن ۾ اچي ٿو تہ پاڻ پنهنجي مرشدجي چوڻ تي سنڌ جي سفر تي روانا ٿيا. بغداد ۾ "سيد علي وزير مست" سندن مريد ٿيو نہ صرف مريد پر همسفر رهيو. حضرت شهباز قلندر جي سفر جا آثار اڄ بہ بلوچستان جي مڪران واري علائقي ۾ موجود آهن. پنج گور وٽ سندن چلہ ڪشيءَ جو آستان، جنهن کي سندن نالي پويان اڄ بہ "دشت

Gul Hayat Institute

شهباز“ ڪوٺيو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح هو مختلف ماڳن تان ٿيندو ملتان پهتو جتي سندس ملاقات حضرت شيخ بهاؤالدين ذڪريا ملتانيءَ سان ٿي ۽ انهن ذريعي سان ٻين بزرگن جن جو سندن يارانيءَ ۾ ذڪر آهي، ساڻن راهه و رسم رهيو. ان وقت سهروردي طريقي جو چرچو عام هو. تاريخي طور تي مشهور آهي تہ انهن چئني بزرگن حضرت شيخ بهاءُ الدين ذڪريا ملتاني، حضرت فريد الدين گنج شڪر، مخدوم سيد جلال سرخ بخاري ۽ حضرت شهباز قلندر جن جي ان وقت سنڌ جي مشهور بزرگ لڪي شاهہ صدر سان ملاقات ٿي، جيڪو لڪيءَ وارن ڀاڪرن جي دامن ۾ عبادت ۾ محو هو. سندن روحاني مقام کان مٿيان بزرگ ڏاڍو متاثر ٿيا. اهڙي ريت هنن بزرگن سير سفر ڪندي مڪلي جي دامن ۾ محو عبادت پير پٺي سان پڻ روح رهاڻ ڪئي.

جيئن تہ سهروردي طريقو ان دور ۾ پنهنجي اوج تي هو ۽ سواءِ حضرت عثمان مرندي جي باقي بزرگ انهيءَ طريقي جا پيروڪار ۽ مبلغ هئا. حضرت شيخ عثمان مرنديءَ جو طريقہ ڪار قلندري هو جيڪو ڪائنئن هر لحاظ کان ظاهري طور مختلف هو باطني منزلن ۾ ڪٿي ڪيتري بہ يڪسانيت هجي پر طور طريقن ۽ وهنوار ۾ وڏو فرق هو. تي سگهي ٿو تہ پنهنجي طرز فڪر ۽ طريقي جي انفراديت ۽ پنهنجي روحاني تشخص کي قائم رکڻ ۽ پنهنجي مسلڪ جي ڦهلاءَ ۽ اظهاري صورت لاءِ حضرت شيخ عثمان مرندي ڪائنئن علحدگي اختيار ڪئي هجي. ساڳين سببن ڪري هن شهزادي جي پيشڪش کي بہ نڪرايو. اتي هڪ ٻيو بہ سوال پيدا ٿئي ٿو تہ قلندري طريقو ٻين صوفيانہ طريقن جهڙوڪ سهروردي، قادري، چشتي، نقشبندي، شاذلي، شطاري وغيره جيان باضابطہ هڪ تحريڪ جي صورت ۾ نہ وڌيو. ڇو؟ اهو هڪ سوال آهي علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي (ابوعلي سنڌي) کي ڦهريون قلندر ڄاڻائي ٿو جنهن حضرت بايزيد بسطامي کي روحانيت جي اعليٰ مدارج جي تربيت ۽ ترغيب ڏني. اهو بہ لکي ٿو تہ بايزيد بسطامي جو ناني ”علامہ ايبلي“ انهيءَ قلندرن واري ڪوٽر جو هڪ وڏو بزرگ هو جنهن جو بيان حقيقت الاولياءَ عربيءَ ۾ آيو آهي. ”ان کان

پوءِ شهباز جي پايي جو ڪوبہ هتي قلندر نظر نٿو اچي.“

حضرت لعل شهباز قلندر کان سواءِ اسان کي تصوف جي تاريخ ۾ قلندر جي لقب سان چند بزرگن جا نالا ملن ٿا. جهڙوڪ حضرت شرف الدين بوعلي قلندر پاڻي پتي، سيد محمد غوث علي شاهہ قلندري قادري، قلندر قائم الدين قريشي، جيڪو ملتان جي بزرگن مان هو انهن جا نالا ملن ٿا. باقي قلندر جي نالي سان اسلامي دنيا جي بزرگن ۾ فريد الدين عطار يا تذڪره اولياءَ ۾ هن لقب سان ڪو بزرگ نٿو ملي جيڪو امر توجهہ طلب آهي.

ٻئي طرف حضرت قلندر شهباز جو سلسلو امام اسماعيل بن جعفر صادق رضي الله عنه سان ملي ٿو جنهن جي نسبت سان اسماعيلي فرقي سان باطني طريقو لکندڙ بزرگ اسان کي نظر اچن ٿا. جيئن ملتان ۾ سيد شمس سبزواري، هي بزرگ ئي اسماعيل طريقي جو بزرگ هو اهڙي ريت ”شاهہ طريل“ جنهنجي درگاهہ بدين ضلعي ۾ تلهار ۽ ٽنڊي باگي جي وچ تي آهي. اهو بزرگ پڻ اسماعيلي طريقي جو هو. فاطمي حڪومت جي دور ۾ اسان کي اسلامي تاريخ ۾ اسماعيلي داعين جو هڪ مضبوط سلسلو نظر اچي ٿو جيڪو سنڌ ۽ هند تائين آباد هئا ۽ هنن اسماعيلي طريقي کي زور ورتو. خود سومرن جي دور جا حاڪم بہ انهيءَ فرقي کان متاثر ٿيا. هباري خاندان جي سنڌ ۾ حڪومت وقت بہ اسماعيلي فرمان روائن جو خطبو پڙهيو ويندو هو جن کي محمود غزنوي سومنات جي ڪلا کان ويندي ملتان تي حملہ آور ٿي ختم ڪيو. هباري خاندان توڙي سومرا حاڪم پنهنجي اصلي سُني طريقي تي گامزن ٿيا. حضرت قلندر شهباز يقيناً هڪ صوفي باصفا بلند پايہ جو اولياءَ الله آهي پر هن جو پنهنجي ساٿين کان الڳ ٿيڻ هڪ معنيٰ خيز ۽ توجهہ طلب امر آهي. ان کان سواءِ حضرت لعل شهباز قلندر جي سلسلي سان ڪافي تحقيق طلب آهن. جناب غلام رباني آگرو صاحب پنهنجي ڪتاب ”سنڌ جا بر، بحر ۽ پهاڙ“ ۾ حضرت قلندر شهباز جي سلسلي سان اڳئين پوئين معلومات طور گهڻو ڪجهہ ڏنو آهي. پر هن صاحب بہ لکيو آهي تہ حضرت مروندي جي طريقہ تصوف

قلندري هڪ لقب ۽ مقام آهي پر اهو ڪين ڪهڙي طريقي تي هلڻ سان حاصل ٿيو. ان جي ڪا توجيہ ڪانہ ڄاڻائي آهي. ان ڪان سواءِ سيوهڻ جي خطي تي تاريخي طور ڇا گذريو ان تي تحقيق جي ضرورت آهي، حضرت قلندر شهباز جي ولادت، وفات، سفر جا مقام، مرند يا مروند يا ميمبر، اسماعيلي فرقي سان سندن تعلق هو يا نہ، جڏهن تہ انهيءَ طريقي جو باني سيد جمال مجرد اسماعيلين جي دور حڪومت جو وڏو عالم ۽ صوفي آهي. بابا ابراهيم اڪلائي ڪان سندن بيعت ڪئي. ڄاڪاڻ تہ نفحات الانس ۾ هڪ بزرگ شيخ ابراهيم مجذوب جو ذڪر ملي ٿو لطف الله بدوي انهيءَ سلسلي سان تلميذ جي وقت ۾ اختلاف ڏيکاري ٿو. بهرحال حضرت شهباز قلندر جي سوانح، احوال و آثار تي اسان جي علمي ادارن کي باضابطہ تحقيقي ڪم ڪري سنڌ جي هن عظيم بزرگ لاءِ جيڪي اديبن عالمن آڏو اختلافي رويہ آهن انهيءَ کي ڇنڊي ڇاڻي هڪ مربوط ۽ صحيح طور تي حالات سان ڪتاب سوانح تي شايع ڪيو وڃي جو آئنده نسلن لاءِ سند جي حيثيت رکي نہ تہ اهو اختلافن جو راڳ ايئن هلندو رهندو ۽ هر ڪو قلم ڪٽي پنهنجي راءِ ڏيندو. جيڪا ڳالهہ هن عظيم بزرگ جي شان جي خلاف آهي. مون پنهنجي مقالي ۾ انهيءَ ڪري مختلف روين کي بحث لاءِ پيش ڪيو آهي تہ انهيءَ سلسلي ۾ ڪا حتمي راءِ نڪري اميد تہ اسان جا ادارا ۽ اهل قلم هن سلسلي ۾ پاڻ موکيندا.

***

Gul Hayat Institute

گل محمد عمراڻي

# شيخ محمد عثمان مروندي قلندر لال شهباز سيوهاڻي ۽ سندس قلندري صوفي طريقو

تذڪره مشائخ جي ادب جي فارسي سلسلي ۾ مير علي شير قانع ٺٽوي جو ڪتاب "تحفة الڪرام" سماجي ۽ ثقافتي علم الانسان ۽ علم الرجال ۾ اولين حيثيت جو حامل آهي. هي بيش بها فارسي ڪتاب انهن عظيم بزرگ هستين جي باري ۾ تمام قيمتي معلومات جو حامل آهي، جن سنڌ کي قرونِ وسطيٰ ۾ پنهنجو ماڳ ۽ مسڪن بڻايو. هن ڪتاب جو پندرهون باب جيڪو مخدوم امير احمد مرحوم تمام مهارت ۽ مشاقانہ علمي انداز ۾ سنڌي ترجمو ڪيو آهي، ان ۾ قديم سيوستان (سيوهڻ) يا (شو آستان) ۽ دشت باران ۽ ٻين انيڪ پرڳڻن جو ذڪر آهي ۽ ازانسواءِ متعدد معروف و غير معروف بزرگن ۽ ولي الله جو تذڪرو بہ تمام چٽي ۽ واضح انداز ۾ عام قاري کي ان دور جي سماجياتي، سياسي ۽ مذهبي ماحول جو هڪ اونهو درس ڏئي ٿو.

عظيم صوفي بزرگ حضرت قلندر لال شهباز جو تعارف بحيثيت، شيخ عثمان مروندي جي نانءَ ۽ نسبت سان ڪيل آهي. فاضل مترجم مخدوم صاحب جو وضاحتي نوٽ ان ڏس ۾ حضرت قلندر جي شجره ۽ حسب نسب واري ماخذ جو تفصيلي جائزو وٺندي مير علي شير ٺٽوي جو حوالو ڏيندي چوي ٿو تہ مخدوم عثمان عرف لال شهباز مروندي جو والد سيد ڪبير پٽ سيد شمس الدين پٽ محمد يحيٰ پٽ... (هتي اصل تحفة الڪرام جي مسودي ۾ نالو زماني جي

دست برد جي ڪري ميسارجي ويو آهي.) ۽ پوءِ پٽ سيد محمود شاهہ پٽ سيد احمد پٽ سيد حبيبُ پٽ سيد مهدي پٽ سيد غالب پٽ سيد منصور پٽ سيد... (نالو ميسارجي ويل آهي) امام الجن والانس حضرت امام جعفر صادق. ”محترم مخدوم امير احمد صاحب ٻڌائي ٿو تہ جتي بہ ... (خالي ڇڏيل) آهي، اهي نالا يا تہ اڌوهي کائي وئي آهي يا اهي نالا ميسارجي ويا آهن ۽ هاڻي پڙهڻ جهڙا ناهن.“

الوحيد اخبار جو سنڌ آزاد نمبر 16 جون 1936ع جي شماري ۾ اڪابرين سنڌ جا سوانحي خاڪا ڏئي ٿو. قلندر لال شهباز جي باري ۾ اها مذڪوره اخبار رقم طراز آهي تہ قلندر لال شهباز ڳوٺ مرند يا مروند ۾ جائو هو. اهو ڳوٺ آذربائيجان صوبي ۾ هو. جيڪو وري آرمينيا ملڪ جو حصو هو. آرمينيا سن 1917ع واري روسي سوشلسٽ انقلاب کان پوءِ سوويت يونين جي هڪ رياست ٿي ويو هو. پر هاڻي سن 1990ع کان پوءِ U.S.S.R جي ٽٽڻ کان پوءِ وري هڪ آزاد ۽ خود مختيار ملڪ ٿي ويو آهي.

قلندر لال شهباز متعلق الوحيد لکي ٿو تہ ننڍپڻ ۾ قرآن شريف حفظ ڪرڻ کان پوءِ علم ديني ۽ علم نصابي ۾ مهارت حاصل ڪري جڏهن فارغ ٿيو تہ هن کي اندر ۾ اهو آواز آيو تہ هاڻي باقي زندگي علم لدني حاصل ڪرڻ ۾ گذارڻي آهي. تنهن ڪري وڃي بابا ابراهيم ولي ڪربلائي جو در جهليائين ۽ تصوف جو خرقو حاصل ڪري هندستان جو رخ ڪيائين. ان وقت هندستان ۾ سنڌ صوبي جو گورنر ملتان ۾ مقيم هوءِ سندس نالو هو سلطان شهيد ابن سلطان غياث الدين بلبن. شهزادي شهيد جي هاڪ پوري برصغير ۾ انهيءَ حوالي سان تمام گهڻي چوٽ چڙهيل هئي تہ هو دانائن ۽ صوفين جو سرپرست آهي ۽ خاص طور تي وچ ايشيا جا ناميارا عالم، فاضل حڪيم، طبيب ۽ ماهرين علوم الاهيہ ۽ خاص طور تي سمرقند ۽ بخارا جا برگزيده روحاني رهبر سندس دربار ۾ اچي ئي جلوه افروز هئا. بغداد ۾ جڏهن شيخ عثمان مروندي کي پنهنجي روحاني رهبرن اهو ڏس ڏنو تہ هاڻ وڏيڪ وقت عربستان ۾ گهارڻ جي بدران، ان کي بلاد سنڌ وڃي ملتان شريف ۾

Gul Hayat Institute

شهزادي شهيد سان ملاقات ڪرڻ گهرجي. ملتان جي گورنر کين اها اجازت ڏني تہ وڃي سيوستان جي ڪار زار ڪفر ۾ اسلام جو جهنڊو جهولائي.

الوحيد جو سوانحي خاڪو اهو ٻڌائي ٿو تہ شيخ عثمان سال 649هہ ۾ 111 سالن جي ڄمار ۾ سيوهڻ جي ڪفر واري ڪوٽ ۾ وارد ٿيو. مير علي شير قانع، تحفة الڪرام ۾ وري هڪ عجيب ڳالهہ بيان ڪري ٿو جيڪا هن ريت آهي تہ، جڏهن صوفي بزرگ سيوهڻ جي مضافات ۾ اچي تصوف جي دونهي دکائي، تڏهن سيوهڻ شهر گناهن جو آماجگاه هو ۽ خاص طور تي فاحشہ عورتن جو وڏو ڪاروباري مرڪز هو. حضرت قلندر شهباز جي مسلسل تبليغ جي ڪري اهي خراب عورتون پنهنجي گناهن کان توبہ تائب ٿيون ۽ تبليغ دين جي سلسلي ۾ حضرت عثمان مروندي جون خاص پوئلڳ ٿي جهرجهنگ ۾ نڪري پيون.هن صوفي بزرگ جي تاريخ وفات مير علي شير قانع 21 شعبان 650 هہ ڄاڻائي آهي. جڏهن تہ سندس ڄمار ان وقت 112 سال هئي. هي صوفي بزرگ سڄي ڄمار مجرد (ڇڙو) رهيو ۽ هڪ فارسي شاعر، حيات نامہ قلندري ۾ سندن وفات جي قطع تاريخ هن ريت ڏني آهي.

بجو تاریخ شمس الدین عثمان

بدرکن رنج از فلک کرامت

538ھ

ز سن عمرش ولی اللہ وفاتش

112سال

سروش غیب میگرید برحمت

650 ھ

انهيءَ ڪري مٿئين احوال قلندر مان بزرگ جي زندگي جي باري ۾ تمام گهٽ تاريخي مواد ميسر ٿي سگهيو آهي. باقي جيڪي ڳالهيون مختلف ڪتابن ۾ اچن ٿيون، انهن جا ڪي بہ مستند ۽ تاريخي ماخذ ڄاڻايل ڪونہ آهن ۽ ان سڄي تذڪراتي ادب کي انگريزي

(Hagiography) يعني بزرگن جي تاريخ ۽ توصيف ۾ واڪاڻ جا قصا ڪهاڻيون جيڪي عموماً ڏندڪٿائن تي مبني هوندا آهن ۽ اهي قصا ڪهاڻيون بعد ۾ عقيدت مندن زيب داستان جي لاءِ ويهي جوڙيون آهن. هاڻ ان تي وڏيڪ بحث ڪرڻ عبث آهي، ڇو ته انهن خليفن ۽ مجاورن کي نه ڪو تاريخي شعور آهي ۽ نه ئي ڪا عربي ۽ فارسي زبان ۽ ادب سان ڪا وابستگي اٿن. باقي جوش جذبات ۽ وارفتگي ۾ ڪوبه ماڻهو ڪنهن به بزرگ جي لاءِ ڪجهه به لکي سگهي ٿو ۽ اسان وٽ ايران ۽ هندستان ۾ ته علم الرجال جو فن ڪڏهن به باقاعده نه سيکاريو ويو ۽ نه ئي پڙهايو ويو. جهڙي طرح سان عربستان ۾ ان علم جي سکيا اسلام کان اڳ واري دور ۾ ئي باقاعدي سان ڏني ويندي هئي.

**قلندر جو صوفي سلسلو ۽ شاعريءَ تي هڪ نظر**

قلندر لال شهباز جو صوفي سلسلو قلندري، روحاني ۽ تصوف جي بنيادي فلسفيانه مڪتب فڪر سان واڳيل آهي. علي عباس جلال پوري پنهنجي ڪتاب ”خردنامي“ ۾ ٻڌائي ٿو ته، قلندر لفظ اصل ۾ ”ڪلندر“ آهي ۽ اهو هڪ فارسي لفظ آهي، جيڪو بگڙي لسانياتي طور ق قلم سان لکڻ ۾ مروج ٿي ويو. اهي درويش ۽ الله وارا بزرگ جيڪي بظاهر ڏيکاءُ واري شريعت ۽ طريقت جي نفي ڪندا هئا سي پنهنجو پاڻ کي ملامتي قلندر سڏائيندا هئا. هندستان ۾ انهيءَ ملامتي سلسلي جا اهم داعي ٿي گذريا آهن. انهن ۾ حضرت بوعلي شاهه قلندر پاڻي پت وارو ۽ حضرت لال شهباز قلندر سيوهڻ وارو سرفهرست آهن. عربي زبان ۾ لفظ قلندر وجود ئي ڪونه ٿو رکي ۽ ان جي جاءِ تي فقير مروج آهي، جيڪو وري فارسي ۾ عام طور تي درويش جي اصطلاح سان عام استعمال ۾ اچڻ لڳو. هڪ صوفي ۽ درويش ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ هڪ صوفي تصوف جي مباديات يا اصولن تي صرف دل ۾ ڪاربند رهي ٿو يا ايئن چئجي ته هو فقط نظرياتي طور تي هن مادي دنيا جي موهه کان لاتعلق رهي ٿو. پر هڪ درويش عملي طورتي فقر ۽ فاقي واري زندگي گهاري ٿو ۽ ان تي مستزاد هڪ ملامتي

قلندر تہ پنهنجي پاڻ کي قاضي ۽ دربار جي چمڪ ۽ دمڪ ۽ طاقت ۽ مان مرتبي کان پري رکڻ خاطر متو ڪوڙائي، پرون ۽ مڇون صاف ڪري ڪلهي تي جاروب رکي رستن جي صفائي ڪندا. ڪپڙا ليڙون ليڙون ڪري گهمندا وتندا هئا ۽ اهي ئي فقير اڳتي هلي ملامتي سلسلي جا باني سڏيا ويا.

حضرت قلندر شهباز هڪ صوفي درويش هو ۽ هر درويش صوفي هوندو آهي، پر هر صوفي درويش ڪونہ هوندو آهي. اهوئي فرق واضح ڪرڻ لاءِ جيڪڏهن ايئن چئجي تہ اسان جا صوفي شاعر واقعي شريعت ۽ طريقت تي ڪاربند رهيا. جيئن حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، پر انهن جو روحاني سلسلو قادريہ، اويسيہ ۽ نقشبنديہ سلسلہ تصوف سان هو. پر حضرت قلندر شهباز اول ۽ آخر ملامتي قلندر هو.

ڪجهہ عرصو اڳ الاهي بخش شيخ صاحب هڪ ڪتاب "ديوان قلندر" جي نالي سان ڇپائي پڌرو ڪيو هو ۽ ان جي پيش لفظ ۾ اهو لکيائين تہ فقرا جي موسيقي جي محفل ۾ اڪثر قلندر لال شهباز جو ڪلام ٻڌڻ جو شرف حاصل ٿيو. ۽ ان عظيم پيغام جي الهامي ڪيفيت جو اندازو ٿيو پر هن صاحب ان ڳالهہ تي تعجب جو اظهار ڪيو ۽ چيائين تہ آخر ڪهڙي سبب هي عظيم پيغام قلمبند ڪري محفوظ نہ ڪيو ويو آهي. نيٺ هن کي هڪ ناياب نسخو حاصل آيو جنهن ۾ جيڪو محترم غوث محمد گوهر ڪوٽڙي ڪبير واري طرفان شايع ڪرايل "شهباز نامو" هو. جنهن ۾ قلندر لال شهباز جو سنڌي ترجمي سان ڪلام شايع ڪرايل آهي. هن نسخي تي راءِ زني ڪندي، الاهي بخش شيخ چوي ٿو تہ، شهباز نامي ۾ ڏيکاريل ڪلام ۾ نہ الهامي ڪيفيت ۽ نہ ئي همہ اوست جو نعرو آهي، تنهن ڪري عثمان تخلص سان ڇپيل ڪلام هرگز عثمان مروندي جو نہ آهي.

شيخ صاحب جي طرفان ڇپايل "ديوان قلندر" جي تصديق ۾ پاڻ اهو نڪتو عرض رکي ٿو تہ سال 1956ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو شايع ڪرايل ڪتاب "پرشن پوئٽس آف سنڌ" جيڪو ڊاڪٽر ايچ آءِ سدارنگاڻي جو لکيل آهي، ان ۾ ص 6 کان 9 تائين واضح ٿيل آهي تہ،

سنڌ ۾ فارسي شاعري جو بنياد رکندڙ به ڏاريا هئا. جن مان پهريون علي بن حامد ڪوفي (چچنامو تحرير ڪندڙ ۽ عربي مان فارسي ترجمو ڪندڙ ڪتاب منهاج الدين و ملڪ) ۽ ٻيو حضرت لال شهباز قلندر عثمان مروندي آهي.

شيخ الاهي بخش وارو ديوان قلندر اڳوات ئي ايس ضياءالدين بلبل، محبوب علي چنا ۽ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي پڻ پنهنجن ادبي تخليقن ۾ قلندر جي نالي سان شايع ڪرايو آهي ۽ هي ڪلام سنڌي ترجمي سان انهن مذڪوره بزرگن جي علمي ڪاوشن جو نتيجو آهي.

هن هيٺ قلندر لال شهباز جي ديوان مان ڪجهه مشت از خروار پيش ڪيا وڃن ٿا:

صد هزاراں شکر پیش آریم بابا یار شد
روئی خندان باجمال تارفین دیدار شد

لک لک شڪرانا پيش ٿا ڪيون ته اسان جو يار ٿيو
منهن سان کلندي، نازنين باجمال جو ديدار ٿيو.

ز عشق دوست هر ساعت درون نار می رقصم
گهے بر خاک می غلطم گهی بر خاری رقصم

محبوب جي عشق ۾ هر وقت باهه ۾ ٿو نچان
ڪڏهين مٽيءَ ۾ ٿو ليٽان ڪڏهين ڪندن تي ٿو نچان

گوهر توئی از کان ما دیگر چه می خواهی بگو
تو نور هستی انما دیگر چه می خواهی بگو

موتي تون آهين اسان جي کاڻ مان ڇوٻيو ڇا کپئي
تون ان هستيءَ جو نور آهين ٻيو ڇا کپئي ٻڌاءِ

***

Gul Hayat Institute

# حضرت عثمان مروندي متعلق روايتون

اسان تائين جيڪا معلومات حضرت لال شهباز قلندر جي متعلق پهتي آهي اها ٻن قسمن جي آهي: هڪ معلومات ڪتابن جي ذريعي پهتي آهي ۽ ٻي صدري روايتن جي ذريعي پهتي آهي. جيڪي هر دور ۾ هڪ سيني کان ٻي سيني تائين منتقل ٿي اسان تائين پهتيون آهن. قلندر شهباز جي متعلق جيڪا معلومات اسان تائين ڪتابن ذريعي پهتي آهي اها معلومات به روايتن جو هڪ حصو آهي ڇو ته جن بزرگن سندن حالات لکيا آهن سي سڀ ساڻن ملاقاتي ڪونه ٿيا هئا. مثلاً ابن بطوطه جو سفرنامو. ابن بطوطه سيوهڻ قلندر شهباز جي وفات کان لڳ ڀڳ ستر سال بعد ۾ آيو هو. شمس سراج عفيف جي به ساڻن ملاقات ڪانه ٿي هئي باقي ٻيا مصنف ته گهڻو پوءِ جا آهن. ان ڪري سندن روايتون مشاهداتي هجڻ ڪري فاني، قياسي ۽ ملاوٽ آميز آهن. باقي ماڻهن کان پهچندڙ صدري روايتون جيڪي اڪثر عقيدتمندي جي تحت محفوظ ڪيون وينديون آهن سي به محل نظر آهن ڇو ته عقيدت عقل ۽ شعور کان تمام گهڻو پري ٿيندي آهي. جنهن ۾ سوچ کان زياده محبت کي دخل ٿيندو آهي ۽ محبت جڏهن عقيدت جو روپ پڪڙي ته پوءِ... باقي سندن قريبي دور جو راوي آهي ضياءُ الدين برني مصنف ”تاريخ فيروز شاهي“ جيڪو سندن همعصر آهي مگر ساڻن مليو ڪونه هو. هندو عقيدي ۾ روايت پٽاندڙ سيوهڻ جو شهر مقدس ۽ پاڪ شهر آهي. هي برهما جي عظيم ديوتا پرتري هري جو شهر آهي ۽

شوديوتا جي پوڄارين جو مرڪز آهي. سيوهڻ نالي سان ئي معلوم پيو ٿئي تہ اهو شو واهڻ هو جيڪو پوءِ بگڙي سيوهڻ ٿيو. اڄ جي دور ۾ محڪمہ آثار قديمہ جي کوٽاين مان اهڙا ڪافي اهڃاڻ مليا آهن جن جي ذريعي ثابتي سان چئي سگهجي ٿو تہ سنڌ ۾ ڪنهن زماني ۾ شو ديوتا جي مڃتا تمام گهڻي هئي. ديبل، سيوهڻ، سبي ۽ ٻين گهڻن شهرن مان يوني ۽ لنگم مليا آهن جيڪي فقط شو ديوتا جي پوڄارين جي علامت آهن.

بهرڪيف هي شهر قديم تاريخي دور کان وٺي مذهبي ۽ تاريخي لحاظ سان اهميت وارو رهيو آهي. مشهور فاتح عالم سڪندر يوناني بہ سيوهڻ جي هاڪ ٻڌي ڪري ئي فتح ڪرڻ لاءِ هتي آيو. راجا راءِ سهاسي جو جوڙايل ۽ زبون حالت ۾ نظر ايندڙ قلعو بہ سيوهڻ جي قدامت ۽ اهميت جي ساک ڀري ٿو. روايت ڪئي ويئي آهي تہ سڀ کان اڳ ۾ سيوهڻ جا ماڻهو ئي اسلام ۾ داخل ٿيا هئا جن محمد بن قاسم جو استقبال ڪيو هو، ذات جا "چنا" هئا.

قلندر شهباز سنڌ جي ٻين ٻاهران ايندڙ بزرگن وانگر سيد آهي مگر سنڌ ۾ عرب جي بجاءِ افغانستان کان وارد ٿيو آهي ۽ سنڌ جا اڪثر بزرگ جيڪي سيد منسوب ڪيا وڃن ٿا سي گهڻو ڪري ايران، عراق، عجم، افغانستان ۽ روس جي علائقن (ثمرقند، بخارا وغيره) کان هتي پهتا آهن. اهي گهڻو ڪري پشتو ۽ فارسي ٻولين ڳالهائڻ وارا هئا سندن مادري زبان عربي ڪانہ هئي.

حضرت عثمان مروندي جو نسب نامو 13 پيڙهين کان پوءِ حضرت امام جعفر صادق سان ملي ٿو جيڪو هن طرح سان بيان ڪيو ويو آهي: "سيد عثمان بن سيد ابراهيم بن ڪبير الدين بن شمس الدين بن سيد نور شاهہ بن سيد محمود شاهہ بن سيد احمد شاهہ بن سيد هادي شاهہ بن غالب بن سيد منتخب شاهہ بن سيد غالب شاهہ بن سيد منصور شاهہ بن سيد اسماعيل بن امام جعفر صادق."

پاڻ آذربائيجان جي علائقي مرند يا مروند شهر ۾ 538 هجري ۾ پيدا ٿيا هئا. اخبارالاوليٰ ۽ تاريخ گنج ۾ سيد ابراهيم جي بجاءِ سندن

Gul Hayat Institute

والد جو نالو سيد حسن بيان ڪيل آهي ۽ ڪجهه ڦيرقار ڪري لکيل آهي جيڪو هن طرح سان آهي:

”سيد عثمان بن سيد حسن ڪبير الدين بن شمس الدين بن صلاح الدين بن سيد شاهه بن سيد خالد بن محب بن سيد مشتاق بن سيد اسماعيل بن امام جعفر بن امام باقر بن زين العابدين بن حسين بن علي بن ابي طالب رضي الله عنه.“

هن نسبت نامي موجب حضرت امام جعفر صادق تائين ڪل 9 پيڙهيون لکيل آهن، جيڪو غور طلب مسئلو آهي، بهرڪيف علم نسب جي صحت يا عدم صحت کي پرکڻ لاءِ عربن جو علم الانساب پڙهڻ تمام ضروري آهي، جنهن جي ذريعي نسبن جي صحت ۽ عدم صحت جي پروڙ چڱي طرح سان پئجي سگهي ٿي.

حضرت عثمان مروندي جن شروع ۾ قرآن مجيد حفظ ڪيو. پنهنجي ئي علائقي ۾ فارسي ۽ عربي علوم پڙهيا ۽ مهارت ڪامل حاصل ڪيائون. ان کان پوءِ جوانيءَ ۾ ئي مروند کان نڪتا، بابا ابراهيم ڪربلائي جي خدمت ۾ پهتا ۽ اچي سندن حلقه عقيدت ۾ داخل ٿيا. حرمين شريف جي به زيارت ڪيائون، نجف اشرف ۽ ڪربلا جون زيارتون ڪندي بغداد ۾ حضرت عبدالقادر جيلاني جي مزار جي زيارت ڪيائون ۽ وري وطن موٽي آيا. تقريباً سؤ سالن جي عمر جي لڳ ڀڳ جي حصي ۾ ملتان آيا. ان وقت ملتان ۾ غياث الدين بلبن جو پٽ شهزادو محمد گورنر هو. جيڪو علم دوست ۽ الله وارن جو قدردان هو. هو ملتان ۾ منگوليا جي تاتارين جي وڌندڙ حملن کي هندستان تان روڪڻ لاءِ ملتان ۾ دفاعي مورچه بنايو ويٺو هو (جيڪو پوءِ مغلن جي هٿان ئي شهيد ٿيو). تاتارين جي هن طرف آمد جي وقت لال قلندر شهباز ملتان پهتو هو. شهزادو محمد سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ کين مستقل ملتان سڪونت لاءِ عرض ڪيائين پر پاڻ ملتان ۾ فقط ڏهه سال رهيا. مدارج الولايت جي اخبار الاولياءَ واري وري کين سيد ابراهيم جي هڪ مريد جمال مجرد جو مريد لکيو آهي. مير قانع سندن ملتان ۾ آمد جو سال 662 هه لکيو آهي. تحفه الڪرام واري لال سائين

جون ڪرامتون بہ بيان ڪيون آهن. ضياءُ الدين برني لکيو آهي تہ شهزادو محمد سندن تمام گهڻو عقيدتمند هو. هو کين نذرانا بہ ڏيندو هو ۽ ملتان ۾ مستقل رهڻ لاءِ بہ گذارشون ڪيائين مگر پاڻ فقط ڏهاڪو سال ملتان ۾ رهي پوءِ سنڌ لاءِ روانا ٿيا. سندن جواني جي وچين حصي بابت سوانح نگار خاموش رهيا آهن ۽ سنڌ هند کان ٻاهريان مصنف پڻ سندن حالات بيان ڪرڻ کان وانجها رهيا آهن. سندن ولادت وانگر وفات جي سن ۾ پڻ ڪافي اختلاف آهن. سير قلندر واري سندن وفات جو سال 688هہ لکيو آهي ۽ سندن عمر 136 سال بيان ڪئي آهي. پر اڪثر تذڪره نگارن سندن وفات جو سال 650 لکيو آهي. حيات قلندر ۾ سندن رحلت جو سن 650 هجري لکيل آهي ۽ سندن عمر پڻ 112 سال ڄاڻايل آهي ۽ اهوئي قرين قياس آهي.

بجو تاریخ شمس الدین عثمان
بدر کن رنج از فلک کرامت- ولادت 538ھ
سن عمرش ولی اللہ وفاتش 112
سروش غیب می گوید برحمت 650
چو شهباز مقدس لعل حضرت
شره طائر برحمت راز جنت
نوفده فکر تاریخ وصالش
سروش کینیم گفتا برحمت 650

پر مير علي شير قانع سندن رحلت جو سال 673 لکيو آهي. فرمائين ٿا تہ:

چون رفت سوءِ جناں آں شیخ
کوزبده آل و پاک نام است
از ھاتف غیب می شنیدند
عثمان بر وازده امام است 673

بهرڪيف جيڪڏهن سندن ولادت جو سال 538 آهي تہ پوءِ

سندن وفات جو سال 673 نہ تو تي سگھي چو تہ سندن عمر ڪل 112 سال ھئي. صحيح سال 650 آھي. سندن روضو 757ھہ (1299ع) ملڪ اختيارالدين 1361ع ۾ جوڙايو.

**همعصر:**

زڪريا ملتاني 566 ھہ وفات 7 صفر 666 ھہ ست سال اڳ

شيخ فريد الدين مسعود گنج شڪر ولادت 569 ھہ وفات 644 ھہ

جلال بخاري 19 جمادي الاول 695ھہ

***

Gul Hayat Institute

# قلندر جي شعر جي تحقيق ۽ سندس شاعرانه حيثيت

شهنشاهه قلندر شهباز سيوهاڻي يا حضرت شيخ عثمان مروندي عليه رحمت، جن جي جدائي سنه 673هه بمطابق 1274ع ۾ ٿي. سندن فيض قلندري سنڌ جي سرزمين تان دنيا جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پري پري تائين پکڙيو. جنهن جي سچائيءَ جو ثبوت اوهان آڏو آهي، جو سيوهڻ جي سونهاري سرزمين تي هن مستيءَ جي ميدان ۾ محبت ۽ پيار جا پانڌيئڙا پري پري کان پنڌ ڪري هن پاڪ ۽ پوتر پٽ تي پهتا آهن.

شهباز قلندر شاعر سان گڏ ڪامل ولي، بزرگ، درويش پڻ هو. محترم تاج صحرائيءَ جي چوڻ موجب "وليءَ جي مڪاني اثر جو دائرو وليءَ جو مقبرو آهي، ان مرڪز ۽ محور تان فيض پکڙجي ٿو ۽ جيئن وليءَ جي ذهن جي وسعت، تقويٰ جي عظمت، ذڪر جي گهرائي ۽ فڪر جي اوچائي ۽ درجو مٿي ۽ مٿاهون هوندو، تيئن سندس اثر ۽ فيض جو دائرو به وڏو ۽ ويڪرو ٿئي ٿو." (1)

عجب ديدم به درگاه قلندر،
نجف چون مشهد شاهِ منور،
طواف تربت آن شاهِ سرور،
ثواب غازيان را حج اڪبر.

پاڻ پهرين ڪانيءَ ڪرامت ۽ ولائت جو والي ۽ پوءِ شاعر پڻ هو.

تنهن ڪري هتي شهنشاه قلندر شهباز جي شعر جي تحقيق ۽ سندس شاعرانہ حيثيت جو ذڪر اذڪار ڪيو ويندو. حضرت قلندر شهباز سنڌ جو پهريون فارسي شاعر ثابت ڪيو ويو آهي ۽ اهڙي سند ڊاڪٽر سدا رنگاڻيءَ جي لکيل انگريزي ڪتاب 'Persian Poets of Sindh' يعني "سنڌ جا فارسي شاعر" ۾ موجود آهي.(2)

تنهن کان سواءِ سندس فارسي شاعر جي حيثيت جو احوال مولانا محمد هاشم ٺٽوي جي ڪتاب "مدح سنڌ"، مخدوم عبدالواحد سيوهاڻيءَ جي ڪتاب "فتاويٰ واحدي"، مير علي شير قانع جي ڪتاب "مقالات الشعراءَ" ۽ "بيدل" جي ڪتابن "سندالموحدين" ۽ "رموز العارفين" مهتا مولچند جي ڪتاب "رسالو سوانح قلندر"، خداداد خان جي ڪتاب "لب تاريخ سنڌ"، هڪ قلمي ڪتاب "بياض صالح" ۽ ٻين ڪيترن ڪتابن ۽ قلمي بياضن مان ملي ٿو. جنهن ۾ ڪيس فارسي شاعر جاڻائي سندس شعر ڏنو ويو آهي. (3)

اهڙي طرح وري سيوهڻ جي سرزمين جو سپوت ۽ سنڌي ساهتيہ جو جهونو سرواڻ "قلندر نامہ" جو مصنف مرحوم حڪيم فتح محمد سيوهاڻي تصوف جي هڪ ڪتاب "عشقيہ" ۾ قلندر جي ڪلام کي مقبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي، جنهن جو چوڻ آهي تہ اهو ڪتاب حضرت لال شهباز قلندر جو نہ آهي، شيخ عثمان انصاريءَ جو آهي ۽ ثبوت لاءِ لکيو اٿس تہ "عشقيہ" نالي ڪتاب ۾ حافظ ۽ روميءَ جا شعر آهن. جي شهباز قلندر کان گهڻو پوءِ ٿي گذريا آهن.(4)

هاڻي هتي عثمان انصاريءَ جي نالي ۽ حضرت شيخ عثمان مروندي يعني شهنشاهہ قلندر شهباز جي نالي جي معمولي اختلاف سبب سندس ڪلام جو پورو پتو نٿو پوي. اهڙي طرح جيڪي اختلافي رايا آڏو اچن ٿا. تن مان معلوم ٿو ٿئي تہ قلندر شهباز جي شاعرانہ حيثيت ۽ سندس شعر جي تحقيق اڃا تحقيق طلب آهي! جيتوڻيڪ قلندر سائين وڏو عالم، فاضل ۽ شاعر ضرور هو.

رچرڊ برٽن بہ چيو آهي تہ "سنڌ جي مڪتبن ۾ جيڪي ڪتاب پڙهيا وڃن ٿا. تن ۾ حضرت قلندر شهباز جا ڪتاب 1۔ عقد، 2۔ قسم

Gul Hayat Institute

دويم، 3ـ اجناس، 4ـ ميزان صرف پڻ شامل آهن. (5) پر جيئن ته اج اهي ڪتاب اڻ لڀ آهن. تن جي پڻ تحقيقات ڪري پراڻين لائبريرين مان پتو ڪڍجي ته جيئن اسان کي ثبوت مهيا ٿي سگهي. قلندر شهباز جي شاعريءَ جي عظمت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي، ڇو ته پاڻ ڪامل ولي، درويش، مفڪر، عالم ۽ فاضل سان گڏ بقول برٽن "صرف و نحو جو وڏو ماهر، زباندان ۽ قابل سيار هو." (6) ان ڪري شهنشاهه جي صوفيانه شاعريءَ ۾ پختگي، بلند پروازي، فطرت نگاري بلاغت ۽ سلامت اُتم هوندي، نه فقط سندن مشاهدي جا مهتيل تجربا هوندا، پر منجهس روحاني روشنيءَ سان سڀ راهون روشن هونديون.

تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته سنڌ تي ڌارين قومن جي ڪاهن جيڪا تباهي مچائي ڏني، تنهن طوفان ۾ ڪئين روشن ڏيا وسامي ويا. ڦرلٽ جي دور ۾ ڪئين خزانا لٽجي ويا ۽ دٻجي ويا. شهرن جي بربادين ۽ وسندين جي ويرانين ڪري اسان جي ادب جو سمورو سرمايو ۽ وڏن جو ورثو (علمي خزاني منجهان ڪافي کان زياده قلمي ڪتاب)، ان بربادي ۽ باهين جي ڀيٽ چڙهي ويا هوندا. تنهن ڪري تاريخ جي تمام وڏي حصي تي مٽيءَ جا تهه ڄمي ويا آهن. حضرت قلندر شهباز جي شاعريءَ جو سلسلو به ڪنهن واقعات جي وات ۾ ويڙهجي ويو هجي، جو چند فارسي اشعار کان سواءِ سندس سارو ڪلام ڪونه ٿو ملي.

ضلعي ڪائونسل دادو طرفان حضرت لال شهباز عليه رحمت ڏانهن منسوب ٿيل ڪجهه ڪلام شايع ڪيو ويو آهي، جو پڻ ڪيترن رسالن ۽ اخبارن ذريعي مقبول عام ٿيو. پر ان ڪلام بابت به تازو محترم عبدالمجيد ميمڻ سنڌي جو "نئين زندگي" ۾ لکيل مضمون "حضرت قلندر جي شاعري" منهنجي نظر مان گذريو. جنهن ۾ پڻ محترم ميمڻ سنڌي صاحب پاڻ تحقيق ڪري ڏنو آهي ته "ان ڪلام ۾ "راجا" تخلص آيل آهي ۽ اهو ڪلام "راجو قتال" جي "ديوان راجا" تان نقل ٿيل آهي ۽ ڪنهن صاحب سنڌ ۾ حضرت قلندر شهباز ڏانهن منسوب ڪري ڇڏيو آهي." (7)

Gul Hayat Institute

انهيءَ سلسلي ۾ سنڌي صاحب کي ٻن قلمي ديوانن جو مطالعي ڪرڻ جو موقعو مليو آهي. هڪ ديوان ۽ هڪ بياض ۾ نقل ٿيل ڪلام جو قاضي علي اڪبر صاحب وٽ آهي، جنهن بياض ۾ ”ديوان راجا“ کان سواءِ حضرت سچل سرمست جو ڪجهه فارسي ۽ سرائڪي ڪلام به شامل آهي ۽ ڪجهه غزل حضرت قلندر شهباز جي نالي ۾ آهن، جن جو ذڪر سنڌي صاحب پنهنجي ڪتاب ”تذڪره شهباز“ ۾ ڏنو آهي. ”ديوان راجا“ جو ٻيو نسخو پنجاب يونيورسٽيءَ جي لائبريري ۾ موجود آهي. (8) هاڻي ضلعي ڪائونسل دادوءَ وارو حضرت شهباز قلندر ڏانهن منسوب ڪيل ڪلام، جنهن ۾ ”راجا“ تخلص آهي، اهو پنجاب يونيورسٽيءَ واري ”ديوان راجا“ ۽ قاضي علي اڪبر صاحب واري بياض ۾ آيل ”ديوان راجا“ سان ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب خود ڀيٽيو آهي، جنهن مان ڪيس معلوم ٿيو ته اهو ساڳيو ئي ڪلام آهي، جنهن لاءِ ساڳئي مضمون ۾ لکي ٿو ته ”ايئن به معلوم ٿئي ٿو ته ڪنهن ۾ هڪڙا غزل ڪونه آهن ته ٻئي ۾ وري ٻيا غزل ڪونه آهن. ايئن به معلوم ٿئي ٿو ته ڪيترا غزل گم آهن. اهو به معلوم ٿئي ٿو ته لوڪلبورڊ وارن ورقن ۾ آيل غزلن ۾ ڪي اهڙا به بيت آهن، جيڪي ”ديوان راجا“ ۾ نه آهن.“ (9)

جڏهن ته مٿين دليلن مان ثابت ٿيو ته حضرت شهنشاهه قلندر شهباز شاعر ضرور هو پر سندس ڪلام گم ٿيل آهي ۽ چند اشعارن جي آڌار تي ٻين شاعرن تتبعو ڪيو هجي، تنهن کان سواءِ ڪن شعرن ۾ ”عثمان مروندي“، ”قلندر“ ۽ ”شهباز“ لفظ تخلص طور ڪم آيل آهن، جيئن هيءَ هڪ شعر آهي:

*قلندر من ز شهبازم مرا آشيانه گوناں گوں،*
*بهر جا ميروم آنگاه با من نور خوش آيد۔*

آخر ۾ عرض آهي ته هن ساري مضمون مان معلوم ٿيو ته قلندر شهباز شاعر ڪامل هو پر سندس ڪلام جي تحقيق اڃا تحقيق طلب آهي، جيڪو فرض اسان جا محقق ۽ مؤرخ، عالم ۽ اديب سرانجام ڏئي

Gul Hayat Institute

سگهن ٿا. جن کي جيڪڏهن سنڌ سرڪار تحقيقات جون تمام سهولتون مهيا ڪري ڏئي تہ هي ڪم سولائيءَ سان پايہ تڪميل تي پهچي سگهي ٿو. جيئن دما دم مست قلندر جي قلندرانہ ڪلام کان عوام مستفيض ٿي سگهي.

## حوالا


(1) ڏسو مضمون "پاڪ هند برصغير ۾ ولين جو ادارو- تاج صحرائي ماهنامو "نئين زندگي" آگسٽ، سيپٽمبر 1970ع پاڪستان پبليڪيشنس، ص 71

(2) Persian Poets of Sindh, Sindi Adabi Board foot note p7

(3) ڏسو "تذڪره شهباز" ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ٻيو ڇاپو 1969ع، ص 159

(4) "قلندر نامو" سنڌي لنو ڇاپو، ص 17_18.

(5) Burton 'Sind and its raeas' p_139

(6) سائين جي تصانيف جي باري ۾ پروفيسر مولانا قاسمي جن ڀرپور مقالي ۾ بحث ڪري آيا آهن. (مرتب)

(7) "سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون" مصنف رچرڊ برٽن، مترجم، محمد حنيف صديقي، سنڌي ادبي بورڊ سنہ 1971ع، ص 193

(8) ڏسو مضمون، "حضرت قلندر شهباز جي شاعري" ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ماهنامو "نئين زندگي" پاڪستان پبليڪيشنس سنہ 1970ع، ص 66. (هت هي معلوم هجي تہ ان تحقيق جي شروعات بندي کان 1962ع ۾ ٿي ۽ محترم عبدالمجيد ميمڻ کي بہ هي ڏس مون ڏنو هو.محبوب علي چنا).

(9) ان قلمي نسخي جو پتو ۽ نمبر بندي ميمڻ صاحب کي مطلع ڪيو هو. (محبوب علي چنا)

(10) ڏسو مضمون، "حضرت قلندر شهباز جي شاعري" ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، "نئين زندگي" آگسٽ، سيپٽمبر 1970ع، ص 67.


Gul Hayat Institute

***

# قلندر لفظ جي معنيٰ ۽ اهميت

قلندر ڪهڙي زبان جو لفظ آهي؟ ان جو ذاتو ڪهڙو آهي؟ ان بابت ڪا پڪي راءِ ڏيڻي نه ٿي سگهجي. رسالي غوثيه موجب ”ڪلندر“ سرياني زبان جو لفظ آهي، جيڪو الله تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو آهي. فرهنگ آنند راج ۾ هيءُ لفظ ”ڪلندره“ مان نڪتل ڄاڻايو ويو آهي. جنهن جي معنيٰ آهي اڻ گهڙيو ڪاٺ يعني اهڙو انسان جيڪو پوشاڪ ۽ اٿڻي ويهڻي ۾ مست ملنگ هجي. دهخدا لغت نامه ۾ مختلف معنائون ڏنيون آهن. هن شڪ ڏيکاريو آهي ته شايد اهو يوناني لفظ ڪليو مان ڪليٽر بڻيو هجي، جيڪو اڳتي هلي ڪندر بڻجي ويو. ان جي معنيٰ آهي دعوت ڪرڻ. سعيد نفيسي پنهنجي فرهنگ ۾ هن لفظ جي معنيٰ هيءَ ڏني آهي: شخص مجرد، بي قيد در پوشاڪ و خوراڪ و طاعات و عبادات و نوعي از چار وخيم. فرهنگ عميد ۾ ان جي معنيٰ درويش مرد مجرد و بي قيد ڏنل آهي. مطلب ته لغت جي ڪتابن ۾ مختلف معنائون ڏنل آهن. انهن جو تت هن ريت بيان ڪري سگهجي ٿو. هي لفظ معاشري جي هڪ گروهه جي وجود کي ظاهر ڪري ٿو. جيئن رند، گدا، درويش، سيلاني، رمتو جوڳي. قلندر سماج جي ريتين ۽ رسمن کان باغي هوندو آهي. هو ننگ ۽ ناموس کان بي پرواهه رهي ٿو. ڪنهن هڪ ملڪ يا شهر سان سندس تعلق نه هوندو آهي. اهوئي سبب آهي جو قلندر ڏيهان ڏيهه سفر ڪري معاشري ۾ انقلاب آڻڻ لاءِ جهاد ڪندا رهيا. جيئن ته قلندر جو هڪ

گهر گهاٽ ڪونہ هوندو آهي، تنهن ڪري هو دنيا جي لالچ کان پري رهي ٿو. هو تارڪ الدنيا ٿي، دنيا جي هر شيءِ تي چار تڪبيرون پڙهي ڇڏي ٿو. جيئن ڪنهن شاعر چيو آهي:

بیا تا دست از این عالم بشوییم،
قلندر وار تکبیری بگوییم۔

بابا طاهر عريان پنهنجي هڪ دوبيتي (رباعي) ۾ فرمايو آهي تہ قلندر هڪ سيلاني هوندو آهي، هو ڪنهن بہ هنڌ ٽڪاءُ نہ ٿو ڪري، سدائين سفر ۾ رهي ٿو. فرمائي ٿو تہ مان هڪ خانہ بدوش رند آهيان، جنهن کي قلندر سڏين ٿا. ڏينهن جو هن دنيا ۾ هيڏي هوڏي گهمندو رهان ٿو ۽ رات جو سر سيراندي ڏيئي سمهي رهان ٿو.

مو آن رندم کہ نامم بی قلندر
نہ خان دیرم نہ مان دیرم نہ لنگر
چو روز آید، بگرد م گرد کویت
چو شو گردد بخشتی وا ھم سر

منظوم ترجمو:

مان رند اهڙو چون جنهن کي قلندر
نہ آ گهر ٻار جنهن جو ۽ نہ لنگر
سندءِ ڳلين ۾ گذرن ڏينهن راتيون
سمهان ٿو مان سيراندي ڏيئي پٿر

قلندر صوفي ۽ ملامتي توڙي جو ٽيئي هڪ ٻئي جي ويجهو آهن، پر تنهي ۾ فرق آهي، صوفي جا ظاهري معاملا سندس جڳهہ ظاهر ڪن ٿا. مگر ملامتي جو ظاهر سندس ڳجهہ کي پڌرو نہ ٿو ڪري. صوفي ڪڏهن ڳجهہ ظاهر ڪري ٿو. جيئن منصور حلاج اناالحق چئي راز فاش ڪيو.

ملامتي جي ظاهر مان سندس ڳجهہ جو ڪو پتو پئجي نٿو سگهي، سلمي ۽ ابن عربي ملامتين کي صوفين کان مٿانهون ڏيکاريو آهي،

Gul Hayat Institute

جڏهن تہ شيخ شهاب الدين سهروردي صوفي کي ملامتي کان مٿانهون سمجهي ٿو.

قلندر جي زندگي هڪ ملامتي راند روند وانگر هوندي آهي، هو صوفي کان مختلف هوندو آهي. ورد وظيفا، ذڪر و اذڪار، چلا ۽ خانقاهون صوفين جي سڃاڻ آهن. پر قلندر انهن سڀني شين کان بيزار هوندو آهي. تنهن ڪري سندس رستو صوفي کان ڌار آهي. قلندر کي ماڻهن جي رد يا قبول جي ڪا پرواهہ نہ هوندي آهي. سندس ڪو ڳالهہ مڃي يا نہ مڃي. ڪو کيس چڱو چئي، ڀلو ٿو چئي يا برو. هو ان جو فڪر نہ ٿو ڪري، مطلب تہ هو ماڻهن جي چئي آکي تي ڪو ڌيان نٿو ڏئي. قلندر فقط پنهنجو نفس نهوڙڻ جو فڪر ڪري ٿو. ان لاءِ هو ملامت پسند ڪري ٿو. ڇاڪاڻ تہ ان طريقي نفس اماره کي نهوڙڻ ۾ مدد ملي ٿي. ٻيو تہ سندس اصلي حالت عام ماڻهن کان لڪل رهي ٿي، جنهن جي ڄاڻ فقط الله تعاليٰ کي آهي. سندس تعلق بہ الله جي ذات سان رهي ٿو، تنهن ڪري هو خلق جي خوشنودي کان بي پرواهہ رهي الله جي رضا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهي ٿو ۽ پنهنجي نفس جي اصلاح لاءِ جاڻي واڻي اهڙا ڪم ڪري ٿو جيئن خلق خدا کيس ملامت ڪري.

قلندر شهباز جو تعلق اهڙي گروهہ سان هو عرب عجم جو سير ڪندي، هندوستان کان ٿيندي، اچي ملتان پهتا. غياث الدين بلبن جو پٽ خان شهيد سلطان محمد سندن وڏو عقيدتمند هو. هن کين اتي رهڻ لاءِ گهڻيون ئي منٿون ڪيون ۽ هڪ خانقاه پڻ جوڙائي، پر پاڻ ملتان ۾ رهڻ پسند نہ فرمايائون ۽ اچي سيوهڻ ۾ سڪونت اختيار ڪيائون. سيوهڻ ۾ بہ اهڙي هنڌ رهڻ لڳا، جيڪو گندگي ۽ بڇڙاين جو مرڪز هو. شروع ۾ ماڻهن کين ضرور سنو نہ سمجهيو هوندو پر هوريان هوريان ان غليظ معاشري کي سهڻو بنايائون. ان ريت مردن جي مخنث ٿيڻ وار معاملو محض خوش اعتقاديءَ سبب گهڙيل نظر اچي ٿو.

مقريزي پنهنجي مشهور ڪتاب الخطط ۾ مغدي پنهنجي مشهور ڪتاب الوافي ۾ ڄاڻايو آهي تہ ملامتي فرقي جو بنياد جمال الدين

ساوجي سن 620هه ۾ دمشق ۾ وڏو. هن پنهنجو مٿو ۽ ڀرون ڪوڙايون ۽ سندس شاگرد ۽ پوئلڳ محمد بلخي جوال واري پوشاڪ پهري، جنهن سبب هو جوالڪي يا جولڪي مشهور ٿيو جنهن جو مولانا روم پنهنجي مثنوي ۾ ذڪر ڪيو آهي.

فخرالدين جي ديوان جي مقدمي ۾ سعيد نفيسي لکيو آهي ته هڪ ڀيري همدان ۾ قلندرن جو هڪ ٽولو آيو. سندن هاؤ هو جو گوڙ شور پري تائين ٿي پهتو. عراقي جنهن مدرسي ۾ پڙهائيندو هو، تنهن به اتي مدرسي ۾ اهو گوڙ شور ٻڌو. اهو گوڙ ٻڌي هو ٻاهر نڪتو ۽ جڏهن قلندرن جي ٽولي جي ويجهو آيو ته هڪ خوبصورت قلندر ڇوڪري سان سندس اک جي اٽي اٽڪي وئي، پوءِ ته ملان مولوي، مدرسو ۽ شاگرد ڇڏي انهن قلندرن جي پنيان هلندو رهيو. تان جو اچي هندستان نڪتو. حضرت عشق ۽ قلندرن جي صحبت سبب سندس شاعري ۾ رندي ۽ بيباڪي پيدا ٿي. هڪ هنڌ فرمايو اٿس:

تا صومعه و مدرسه، ویران نشود
این کار قلندری بسا مان نشود
تا ایمان کفر و کفر ایمان نه شود
یک بنده حقیقتاً مسلمان نه شود

سچل سائين سانگي خيال جي ترجماني ڪندي ريا واري عبادت جي مخالفت ڪئي آهي، فرمائي ٿو:

جان جان طالب مسجد منبر ڪين ڪرين ويرانا
تان تان راهه قلندر واري ڪين ملي مردانا
ڪشف قلوب قبور سيئي، هي پڻ ڏوڙ ديوانا
مرد سچا جي محبت وارا. سولي سر سمانا
ٻاجهون راهه عشاقي سچا، ٻيا سڀ ڪوڙ ڪرانا

مشهور صوفي شاعر احمد جام قلندر جي تعريف ڪندي فرمائي

تو:

قلندر پرِ توِ نورِ الاهی ست
قلندر مطلع انوارِ شاهی ست
قلندر موج بحر لایزالی ست
قلندر نورِ شمع ذوالجلالی ست
قلندر را علم از عشق باشد
قلندر را قدم از صدق باشد
قلندر گہ درآمد در دل یار
قلندر گہ برآمد بر سر دار
قلندر را مقام کبریائی ست
قلندر دربحر آشنائی ست
قلندر فارغ از کون و مکان است
قلندر را نمی دانم چسان است۔

مولانا رومي قلندر جي صفت هن ريت بيان ڪئي آهي:

بزمِ شرابِ لعل و خرابات کافری
کارِ قلندر است و قلندر ازو بری
سیمرغ کوِ قاف مقامِ قلندری
وصف قلندر است و قلندر ازو بری۔

مولانا روم جي زماني ۾ قونيہ ۾ قلندر رهندا هئا. سندن مٿو ڪوڙيل صفا ٿالهي جهڙو هوندو هو پيرين اگهاڙا گهٽين ۾ گهمندا هئا ۽ جولڪي سڏيا ويندا هئا. افلاڪي مناقب العارفين ۾ بيان ڪيو آهي تہ مولانا رومي جي وفات واري ڏينهن سندن جنازي اڳيان عقيدت مند ست ڳئون ڪاهيون ٿي ويا، جن مان هڪ ڳئون قلندرن جي شيخ ابوبڪر، جولڪي جي قلندر خاني موڪلي وئي، ابوبڪر اها ڳئون ڪهي گوشت مسڪينن ۾ ورهائي ڇڏيو ان مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ قونيہ ۾ ڪافي قلندر رهندا هئا ۽ انهن سان مولانا روم جو گهرو ناتو هو. افلاڪي وڌيڪ لکيو آهي تہ هڪ ڏينهن مولانا رومي چيو تہ: مون

Gul Hayat Institute

ڪي قلندرن تي رشڪ ٿو اچي جو هنن مان ڪوبہ ڏاڙهي نٿو رکائي، فرمايائون تہ ڏکهي ڏاڙهي صوفين ڪي سونهين ٿي، پر جيتري دير ۾ هو ڏاڙهي ڪي ڦٽي ڏين ٿا. ايتري دير ۾ عارف خدا تائين پهچي وڃي ٿو. ان مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ قلندر ڏاڙهي نہ رکائيندا هئا ۽ ڪين عارف سڏيو ويندو هو خواجہ محمد زمان لنواري واري فرمايو آهي:

عارف ۽ عشاق پسڻ گهرن پرينءَ جو
جنت جا مشتاق، اچا اوراهان ٿيا.

❊❊❊

Gul Hayat Institute

# قلندر، صوفي ۽ ملامتي

قلندر ڪهڙي زبان جو لفظ آهي، ان جو ڏاتو ڪهڙو آهي؟ ان بابت ڪا پڪي راءِ ڏئي نه ٿي سگهجي. رسالي غوثيه موجب ”ڪلندر“ سرياني زبان جو لفظ آهي، جيڪو ڏٺي سڳوري جو هڪ صفاتي نالو آهي. لغت جي مختلف ڪتابن ۾ هن لفظ جون مختلف معنائون ڏنل آهن. انهن سڀني جو تت هن ريت بيان ڪري سگهجي ٿو:

”هيءُ لفظ معاشري جي هڪ گروه کي ٻڌو ڪري ٿو جيئن رندُ، گدا، درويش، سيلاني، رمتو جوڳي. قلندر جي اها سڃاڻ آهي ته هو سماج جي ريتن ۽ رسمن کان باغي هوندو آهي. هو ننگ ۽ ناموس کان بي پرواهه رهي ٿو. ڪنهن هڪ ملڪ يا شهر سان سندس تعلق نه هوندو آهي. اهوئي سبب آهي جو قلندر ڏيهان ڏيهه سفر ڪري معاشري ۾ انقلاب آڻڻ لاءِ جهاد ڪندا رهيا. جيئن ته قلندر جو ڪو گهر گهاٽ ۽ مڏي ملڪيت ڪانه هوندي آهي، تنهن ڪري هو دنيا جي لالچ کان پري رهي ٿو. هو تارڪ الدنيا ٿي دنيا جي هر شيءِ تي چار تڪبيرون پڙهي ڇڏي ٿو.

قلندر صوفي ۽ ملامتي توڙي جو ٽيئي هڪ ٻئي جي ويجهو آهن، پر ان هوندي به انهن ٽنهن ۾ ڪجهه فرق آهي.

قلندري سلسلي بابت شيخ عبدالرحمان پنهنجي ڪتاب ”مرات الاسرار“ جي صفحي 84 تي لکيو آهي: قلندري سلسلو ڪجهه سلسلن جي ماڻهن تي ٻڌل آهي، جيڪي مختلف سلسلن سان تعلق رکن ٿا ۽

پاڻ کي قلندري مشرب سان منسوب ڪن ٿا. اهوئي سبب آهي جو محمد قلندر ۽ سندس مريدن جو هڪ وڏو ٽولو قلندري مشرب وارو هو. هيءُ سندس شعر آهي:

ماز دریایم، دریا هم زما ست
این سخن داند کی کو آشناست

يعني اسان درياهه آهيون ۽ درياهه اسان ڪان آهن. اها ڳالهه اهو ڄاڻي ٿو جيڪو ڄاڻو آهي.

صوفي جا ظاهري معاملا سندس ڳجهه ظاهر ڪن ٿا. مگر ملامتيءَ جو ظاهر سندس ڳجهه کي پڌرو نه ٿو ڪري. صوفي ڪڏهن ڳجهه ظاهر ڪري ٿو جيئن منصور "اناالحق" چئي ڏنو. جيڪو پوءِ صوفين جو نعرو بڻجي ويو بُسطامي چيو ته: سبحاني ماعظم شاني" مان پاڪ آهيان. ڇا ته تنهنجو شان آهي." بعد ۾ صوفي بزرگن ۽ شاعرن اهو فڪر سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

سچل سرمست فرمايو ته:

حق اناالحق تي چيو پر منجهه نظر منصور هو.
منجهه شريعت شرڪ چون، منجهه معرفت منظور هو.

لعل شهباز فرمايو ته:

منم عثمان مروندی، که یار خواجه منصورم

Gul Hayat Institute

سچل سرمست فرمايو آهي:

بسطامي ڪيهي بات ڪيهي هي،
ڪوئي سمجهڻ والا هوءِ

يعني سچل سرمست بسطامي واري بات جي تعريف ڪندي، ان ڳالهه تي افسوس جو اظهار ڪيو آهي ته اهو نڪتو ۽ اهو راز سمجهڻ سولي ڳالهه نه آهي، عام ماڻهو ان کي سمجهي نٿا سگهن.

قلندر جي زندگي هڪ ملامتي رند وانگر هوندي آهي، هو صوفي کان مختلف هوندو آهي. ورد وظيفا، ذڪر اذڪار، چلا ۽ خانقاهون صوفين جي سڃاڻ آهن. پر قلندر انهن سڀني شين کان بيزار هوندو آهي، تنهن ڪري سندس رستو صوفيءَ کان ڌار آهي. قلندر کي ماڻهن جي تعريف يا ملامت جي ڪا پرواهه ڪانه هوندي آهي. سندس ڪو ڳالهه مڃي يا نه مڃي، ڪو کيس ڇا ٿو چئي، ڀلو ٿو چئي يا برو، هو ان جي پرواهه ڪونه ڪندو آهي، مطلب ته هو ماڻهن جي چئي آکي تي ڌيان نه ڏيندو آهي. قلندر فقط پنهنجو نفس نهوڙڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو آهي.

ان لاءِ هو ملامت پسند ڪري ٿو ڇاڪاڻ ته ان طريقي نفس اماره کي نهوڙڻ ۾ مدد ملي ٿي. ٻيو ته سندس ٻڌجهه ماڻهن کان لڪل رهي ٿو جنهن جي ڄاڻ فقط الله پاڪ کي هوندي آهي. سندس تعلق به الله جي ذات سان هوندو آهي، تنهن ڪري هو خلق جي خوشنوديءَ کان بي پرواهه رهي ٿو ۽ پنهنجي نفس جي اصلاح لاءِ ڄاڻي واڻي اهڙا ڪم ڪري ٿو جيئن خلق خدا مٿس ملامت ڪري.

نبي سڳوري جي هڪ حديث آهي ته "اسان ننڍي جهاد کان وڏي جهاد وياسون." صحابه عرض ڪيو ته يارسول الله ﷺ وڏو جهاد ڪهڙو آهي؟ پاڻ فرمايائون ته "نفس سان جهاد ڪرڻ وڏو جهاد آهي." هڪ صوفي بزرگ سهيل بن عبدالعزيز فرمايو آهي ته "نفس جي مخالفت سمورين عبادتن جو سرچشمو آهي، نفس کي سڃاڻڻ جڻ پاڻ کي سڃاڻڻ آهي. جيڪو پاڻ کي نه ٿو سڃاڻي، سو خدا کي ڪيئن سڃاڻي سگهندو. نفس جو فنا ٿيڻ حق تعاليٰ سان محبت جي نشاني آهي ۽ نفس جي پيروي ڪرڻ حق جي مخالفت آهي.

مولانا روم قلندر جي صفت هن ريت بيان ڪئي آهي:

*بزم شرابِ لعل و خرابات کافری*
*کار قلندر است و قلندر از و بری*
*سیمرغ کوه کاف مقام قلندری*
*وصف قلندر است و قلندر ازوبری*

”انوار قلندر“ جي مصنف خليل الله پاڻي پٽ واري لکيو آهي تہ: جڏهن الله پاڪ روحن کي فرمايو تہ ”الست بربکم“ تہ ڪن روحن قالوا بليٰ چيو ڪي چُپ رهيا تہ ڪن انڪار ڪيو پر ڪي روح اهڙا بہ هئا، جيڪي خدائي نور ۾ گم ٿي، هوش حواس کان فارغ ٿي ويا، انهن کي مست ۽ مجذوب چيو ويو آهي ۽ اهي دنيا جي ڏنڊن کان ڌار ٿي، هميشہ خدائي نور ۾ رهن ٿا ۽ اهي قيامت تائين اهڙي ڪيفيت ۾ رهندا. حضرت بُوعلي قلندر رحمة الله عليه ان ڪيفيت کي هن ريت بيان ڪيو آهي:

منم محو جمال او نمی دانم کجا رفتم،
شدم عرق وصالِ اُو، نمی دانم کجا رفتم۔

**قلندري مشرب**

قلندري مشرب ڪڏهن کان شروع ٿيو؟ ان جو جواب اسان کي تصوف جي مشهور ڪتاب ”مفتاح الغيب“ مان ملي ٿو. ان ۾ ڄاڻايل آهي تہ قلندري مشرب جي ابتدا هن ريت ٿي: حضرت عبدالعزيز مڪي اصحابہ صُفہ مان هو ۽ سڀ کان پهرين نبي سڳوري ﷺ ان کي قلندر جو لقب ڏنو.

حضرت عبدالعزيز مڪي وڏي عمر وارو، مست ۽ مجذوب فقير هو ان جي جذب ۽ استغراق جا ڪيترائي قصا مشهور آهن، هتي مثال طور هڪ واقعو پيش ڪجي ٿو:

هڪ ڀيري نبي سڳوري ﷺ سان گڏ ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا تہ واٽ تي استغراق ۾ اچي ويا، باطني ڪيفيت ڪين دنيا وما فيها کان بي خبر ڪري ڇڏيو. انهيءَ جذب ۽ محويت جي عالم ۾ پورا ٽيهہ ورهيہ ان ئي حُجري ۾ رهيا، جيڪو حضور جن نهرايو هو. تان جو هڪ ڏينهن حضرت علي عليه السلام صفين واري جنگ جي تياري ڪئي، طبل، نغارن ۽ گهوڙن جو آواز ٻڌي هوش ۾ اچي ويا. پڇيائون تہ حضور جن ڪٿي آهن؟ پاڻ

سڀڳورن جو لشڪر ڪهڙي طرف آهي؟ تہ حاضرين مان هڪ شخص ڪين جواب ڏنو تہ پاڻ سڀڳورا وصال ڪري ويا آهن ۽ ڪائنس پوءِ ٽن خليفن جو دور پڻ ختم ٿي چڪو آهي، هينئر علي المرتضيٰ جي خلافت جو دور آهي. ايتري ۾ جڏهن شاهي لشڪر ويجهو آيو ۽ ماڻهن موليٰ عليءَ کان پڇيو تہ هي ڪير آهي؟ موليٰ علي فرمايو تہ: ”هي رسول الله ﷺ جن جو علمبردار اصحاب صُفہ وارو شيخ عبدالعزيز مڪي قلندر ۽ مجذوب آهي، پوءِ ان ئي مهل حضرت عبدالعزيز مڪي رحمة الله عليه موليٰ علي جي مبارڪ هٿ تي بيعت ڪئي ۽ اسلامي لشڪر ۾ شامل ٿي ويو.

مولانا عبدالقادر جونپوري رحمة الله عليه پنهنجي هڪ نظم ۾ اهو واقعو هن ريت بيان ڪيو آهي:

خواجه عبدالعزيزعبدالله، آن علم دارد مصطفیٰ ز سپاه یا نبی بود در سفر بوباق، درمکان گرفتش استغراق تازمانی که حیدر صفدر، سُوی صفین راند بالشکر شغب لشکرش بگوش رسید، به رفاقت درآمد و بدید گفت که مصطفیٰ صه ولشکر او، من فدا و غلام وچاکر او قوم گفتند رفت از دنیا وزپس اوسی مرد

از خلفا

این و متی و سیمت شیرخدا، این علی

مرتضیٰ امیرهُذا

Gul Hayat Institute

تابدولت بآنجناب رسید، بیعتش کرد

وخدمتش بگرید

حضرت بُو علي قلندر رحمة الله عليه بابت محققن لکيو آهي تہ پاڻ 40 ورهيہ سُڪر ۾ بيهوش رهيا. ايتريقدر جو سندن مُڇن منهن مبارڪ کي ڍڪي ڇڏيو هو. حضرت علاءُ الدين صابر ڪليري رحمة الله عليه 12 ورهيہ هڪ وڻ جي سهاري بيٺا رهيا. ظاهر آهي تہ اهي بزرگ اهڙي حالت ۾ روزو نماز ادا ڪري نہ سگهيا. پر حقيقت ۾ اُهي خدائي نور ۾ گم رهيا. اتي مجاهدي جي ضرورت نہ هوندي آهي، اهي الله وارا مشاهدي ۾ پهتل هئا.

جيئن ڀٽائيءَ فرمايو آهي تہ:

ستائي سونهن، جيئن ننڊ عبادت تن جي.

هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ قلندر ملامت کي پسند ڪن ٿا، تنهن ڪري انهن کي ملامتي سڏيو وڃي ٿو حضرت علي هجويري رحمة الله عليه ملامتي فرقي وارن جي تمام گهڻي تعريف ڪئي آهي، هن خلق جي ملامت کي خدا جي دوستن جي غذا سڏيو آهي، هن ملامتين جا ٽي قسم ٻڌايا آهن. هڪ ڪو شخص پنهنجي مامرن ۽ عبادتن ۾ درست هجي، پوءِ بہ ماڻهو مٿس ملامت ڪن ۽ هو ان جي پرواهہ نہ ڪري. مثلاً شيخ ابوطاهر رحمة الله عليه هڪ ڀيري بازار مان وڃي رهيو هو هڪ شخص کين ڀير زنديق ڪوٺيو اهو ٻڌي سندن هڪ مريد کي ڪاوڙ اچي وئي ۽ هن جهيڙو ڪرڻ چاهيو پر سندن مرشد ابوطاهر کيس وڙهڻ ۽ جهيڙڻ کان منع ڪئي ۽ کيس سمجهائيندي چيائين تہ تون جيڪڏهن جهيڙو نہ ڪرين تہ توکي هڪ شيءِ هلي ڏيکاريان. جڏهن گهر پهتا تہ مرشد کيس ڪيترائي خط ڏيکاريا، جن ۾ ڪنهن تي شيخ ذڪي، ڪنهن تي شيخ زاهد، ڪنهن تي شيخ الاسلام ڪنهن تي شيخ الحرمين جو خطاب لکيل هو. پاڻ فرمايائون تہ هر شخص پنهنجي پنهنجي اعتقاد موجب لقب ڏيندو آهي، جيڪڏهن ڪو شخص مون کي پنهنجي اعتقاد موجب زنديق يعني ڪافر سڏي ٿو تہ تون ان سان ڇو تو جهيڙو ڪرين؟

ٻيو قسم اهو آهي تہ قلندر دنيا جي رعب تاب ۽ ٺٺ ٺانگر کان منهن موڙي خدا جي عبادت ۾ مشغول ٿي وڃي ۽ خلق جي ملامت جي پرواهہ نہ ڪري تہ جيئن سندس طبيعت دنيا جي شان و شوڪت طرف مائل نہ ٿي سگهي، مثلاً هڪ ڀيري حضرت بايزيد بسطامي رحمة الله عليه حجاز مقدس جي سفر کان واپس پنهنجي وطن وڃي رهيو هو بسطام جو عوام ۽ وڏا ماڻهو سندس استقبال لاءِ شهر کان ٻاهر اچي گڏ ٿيا، هڪ مريد جو ساڻن سفر ۾ گڏ هو تنهن کان پڇيائون تہ هي ماڻهو هتي ڇو اچي ڪٺا ٿيا آهن؟ مريد جواب ڏنو تہ سائين هي اوهان جي استقبال لاءِ آيا

Gul Hayat Institute

آهن. تہ هڪدم گوڏڙيءَ مان مانيءَ جو ٽڪر ڪڍي ڪائڻ لڳا. رمضان شريف جو مهينو هو ماڻهن جڏهن ڏٺو تہ بايزيد روزن جي مهيني ۾ ماني ڪائي رهيو آهي تہ مٿس ملامت ڪرڻ لڳا. پوءِ اهي سڀ ڪاوڙ مان واپس موٽي ويا. اهو ڏسي سندن مريد ڪي تمام گهڻو افسوس ٿيو ۽ عرض ڪيائين تہ سائين! اوهان هي ڇا ڪيو؟ پاڻ فرمايائون تہ ڏٺئي شريعت جي هڪڙي جهٽڪي سان هنن ماڻهن کي پاڻ کان پري ڪري ڇڏيم هي ماڻهو مون کي پنهنجي مولئ کان غافل ڪرڻ لاءِ آيا هئا.

حضرت بايزيد بسطامي ﷫ ان ڪري ايئن ڪيو تہ جيئن دنيا ۽ دنيا وارا ڪيس پنهنجي طرف مائل نہ ڪن ۽ ڪٿي ايئن نہ ٿئي جو هيترا سارا ماڻهو پنهنجي استقبال لاءِ ڏسي، غرور ۽ تڪبر نہ اچي وڃي.

ٽيون قسم اهو آهي تہ ڪو گمراهہ هجي ۽ خلق جي ملامت جي خوف کان سنئين راهہ تي اچڻ نفاق ۽ رياڪاري سمجهندو هجي، ايتري تائين جو شريعت کي بہ ڇڏي ڏئي.

حضرت علي هجويري ﷫ ملامت جي قول جي تائيد ۾ فرمايو آهي تہ ملامت، عاشقن لاءِ هڪ برسيل باغ آهي، دوستن لاءِ هڪ سهڻي تفريح، مشتاقن لاءِ راحت ۽ مريدن لاءِ خوشي ۽ سرور آهي، اهوئي سبب آهي جو لال شهباز فرمايو آهي:

*بصد سامان رسوائی، سر بازار می رقصم*

Gul Hayat Institute

سندن هڪ ٻيو شعر آهي:

*خلائق گر کند بر ما، ملامت زین رهی هر دم*
*مگر ناز براین ذوقی، که پیش یار می رقصم۔*

حضرت ابراهيم ادهم ﷫ کان ڪنهن پڇيو تہ ڪڏهن اوهان جي من جي مراد پوري ٿي؟ پاڻ فرمايائون تہ بہ ڀيرا منهنجي من جي مراد پوري ٿي، هڪ ڀيرو ٻيڙي ۾ ويٺو هوس، مون کي ڪنهن نہ سڃاتو پراڻا ۽ ڦاٽل ڪپڙا پهريل هئا. مٿي جا وار بہ وڏي ويا هئا. منهنجي اها حالت

ڏسي ٻيڙي ۾ ويٺل ماڻهو مون تي کلون، توکون کرڻ لڳا ۽ منهنجي مٿي جا وار پٽڻ لڳا. ان مهل منهنجي من جي مراد پوري ٿي. مان انهيءَ پراڻي ۽ ڦاٽل لباس ۾ خوشي محسوس ڪري رهيو هوس، پر هڪ ڏينهن اها خوشي ختم ٿي، هڪ شخص مسخري ۾ منهنجي مٿان گند اڇلايو مجبور ٿي اهو لباس لاهڻو پيو.

ٻيون پيرو منهنجي من جي مراد هن نموني پوري ٿي ته، هڪ ڏينهن وڏ ڦڙو وسي رهيو هو سيءَ جي موسم هئي، هڪ ويجهي ڳوٺ پهتم، منهنجو جُبو پجي پت تي ويو هو هڪ مسجد ۾ ويم ته مُلا مون کي ڌڪا ڏئي ٻاهر ڪڍيو سيءَ ڏاڍو ستايو مجبور ٿي هڪ حمام واري ٻنيءَ ۾ گهڙي ويم، ٻاهه جي تَوَ تي سيءُ کان ته بچي ويس پر ٻاهه جي دونهين منهنجا ڪپڙا ڪارا ڪري ڇڏيا ۽ منهن به سياهه ٿي ويو ٻاهر نڪتم ته ماڻهو کلڻ لڳا، ان مهل منهنجي من جي مراد پوري ٿي وئي.

## مددي ڪتاب


1_ رسالو ميان سچل جو    مرزا علي قلي بيگ

2_ سوانح قلندر لال شهباز    ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

3_ مثنوي مولانا روم

4_ انوار قلندر

5_ مثنوي بوعلي قلندر

6_ ديوان عبدالقادر جونپوري

7_ دوبيتي بابا طاهر عريان


Gul Hayat Institute

***

# قلندر شهباز
# دستارسازيءَ کان دستاربنديءَ جو سفر

آءٌ ڏمال واري پڙ کان ٿيندو سيد علي سرمست جي مزار تي حاضري ڀري قلندر جي جديد مقبري ۾ داخل ٿيس. سنڌ ۾ اڪثر درگاهن تي ايترا ماڻهو جمع ٿين ٿا جو ايترا نماز مهل مسجد ۾ ڪونه ٿين. هي سنڌ جي ڀهراڙين جو دلچسپ رنگ آهي. اڪثر ماڻهو قلندر جي چائنٺ، مزار دروازن وغيره سان ايئن چهٽيل هئا جيئن ڪنهن جيئري جاڳندي سخي مرد جو دامن جهلي ويٺا هجن. آءٌ به زائرين جي ميڙ ۾ شامل ٿي قلندر جي پيرانديءَ پاسي اولهه ڏکڻ ڪنڊ ۾ خاموش ويهي رهيس.

ان ئي ڪنڊ تي آءٌ به اڍائي سال اڳ ايئن ئي خاموش ويٺو هوس، اهو تهجد جو وقت هو. رات جا ساڍا ٽي ٿيا هئا. ان وقت درگاهه اندر عام ماڻهو ڪونه ويندا آهن پر مون کي موقعو ڏنو ويو اهو سچ پچ ته هڪ عجيب اتفاق هو. آءٌ تفصيل ۾ ڪونه ٿو وڃان.

ان وقت تي درگاهه جا ڪي خاص خادم مزار جي صفائي ڪندا آهن. هڪ ڏينهن اڳ وڌل چادرون هٽائي، نئين سرتاج پوشي ڪندا آهن. هي سڄو ڪم خاص اهتمام، احترام ۽ ترتيب سان ڪيو ويندو آهي. تاجپوشي يا ته بادشاهن جي ٿيندي آهي يا وري صوفي فقيرن جي مزارن جي! فقراءُ لاءِ تاج پوشيءَ لاءِ ”دستاربندي“ جو لفظ به ڪم آڻي ٿو.

قلندر شهباز جي مزار جي چوڌاري چانديءَ جي ڪٽهڙي کي 14 ٿنڀڙا ۽ 14 گول ونگ آهن، جن تي گلڪاري ٿيل آهي. مزار جو ٿلهو اڍائي تي فٽ آهن، جڏهن ته مزار جي اوچائي لڳ ڀڳ چار فٽ آهي. مزار تي هڪ چادر مستقل رهي ٿي جا هر سال مينديءَ جي رسم سان بدلائي ويندي آهي، باقي روزانو پوندڙ چادرون روز هٽايون وڃن ٿيون يا زائرين کي تبرڪ طور ڏنيون وڃن ٿيون.

مزار جي سيرانديءَ کان دستار رکيل آهي، جنهن کي سونهري تاج بدلِ ٿئي ٿو ۽ گلن جا تازا هار وڌا وڃن ٿا. دستار جي وچ ۾ ڳاڙهن ڪنين جو خوبصورت تاج رکيو ويجي ٿو.

**دستارسازي**

دستاربنديءَ کان اڳ دستار سازيءَ جو مرحلو آهي. مون کي شهر ۾ هڪ نوجوان مليو جيڪو سجاده نشين مان ته ڪونه هو پر انهن کي ڪافي ويجهو هو. هن جو چوڻ هو ته ”سرڪار“ (قلندر شهباز) جون ٻه ڊيوٽيون ڏاڍيون سخت آهن. هڪ اها جيڪا تاج پوشيءَ سان ڳنڍيل آهي ۽ ٻي جيڪا ڌمالين جي آهي!“ اهي ٻئي ڊيوٽيون اڄڪلهه اوقاف کاتي وٽ ملازم رکيل خادمن کان ورتيون وڃن ٿيون. اهي خادم انهن ڪمن تي ڪجهه پيڙهين کان آهن. اڳي کين نذرانو ملندو هو هاڻي پگهارا پر سندن گذارو فقط پگهار تي ڪونه آهي. قلندر جا عقيدتمند ڌمالين کي ڌمال مهل گهور جي صورت ۾ نذرانو پيش ڪن ٿا. البت تاج پوشيءَ لاءِ ساوِن پنن جي دستار ناهيندڙ ڪٽنب جا پنهنجا مريد آهن جيڪي کانئن دعا ۽ ڏاڳو ڪرائين ٿا.

منهنجي ملاقات (سن 2000ع ۾) نياز حسين پيرزادي سان ٿي جيڪو تازن پنن جي دستار ناهيندو هو نياز اوقاف کاتي ۾ ملازم هو بت جو پريل، فقيراڻي طبيعت ۽ مٿي تي روايتي فقيراڻي ٽوپي، سندس چار پنج پيڙهيون هن ڪم ۾ گذريون هيون. هو مون کي ڌمال کان پوءِ اوپر طرف علم واري پڙ لڳ ابڙن جي هڪ هوٽل تي مليو هو اتي ابڙن جون تي چار هوٽلون هيون، جنهن ۾ پڳل ٽٽل ميزون، بئنچون ۽

ڪرسيون پيل هيون.

پيرزادي چيو "دستار ناهڻ سولو ڪم ناهي! دستار لاءِ تازا پن جمع ڪجن ٿا. جن جو وزن تقريباً 8 ڪلو ٿي ويندو. انهن جون ڏهه مُنيون ناهجن ٿيون. پارنهن ڏاڍا ناهي ڏور وتجي ٿي ۽ پوءِ سئي ۽ هٿن جي مهارت سان اهي مُنيون ٻڌجن ٿيون."

"دستار لاءِ ڪي خاص پن چوندبا آهن؟" مون پڇيو هو.

"بيدمشڪ، گيدوڙو انب، ڦاروان ۽ اهڙا پن... اهي مختلف ان ڪري آهن جو هتي سيوهڻ ۾ ايترا وڻ آهن ئي ڪونه. بس! تازا پن هٿ ڪجن ٿا!!

سيوهڻ ۾ عام ماڻهن جو وڻن سان شوق ڪجهه گهٽ آهي. هتي فقط سرڪاري ادارن ۾ باغ يا وڻ آهن جيئن ريسٽ هائوس، لائبريري وغيره ۾ يا وري ڪي ڪي گهاٽا وڻ "ڪربلا" ۽ لال باغ ۾ آهن. پر اهي ڪجهه پريرو آهن. نياز حسين درگاهه محلي ۾ رهي ٿو.

دستار ناهڻ ۾ ڪهڙي ڏکيائي آهي؟ مون پڇيو: "هڪ ته هي روزانو بنا ناغي وارو ڪم آهي جنهن ۾ ڪجهه ڪلاڪ لڳي ٿا وڃن. ٻيو ته احتياط ۽ احترام جو ڪم آهي. فقير دستار ناهڻ جو ڪم باوضو ڪن ٿا ۽ اهو خطرو رهي ٿو ته سوئو هٿ ۾ نه ڌنبجي وڃي." نياز ٻڌايو ته هو به اهو ڪم ڪندي زخمي ٿيو آهي. دستار ناهڻ جو ڪم هو روزانو شام جو ڪندو آهي ته جيئن تهجد مهل ٿيندڙ دستاربنديءَ ۾ دستار جا پن تازا هجن.

Gul Hayat Institute

**دستاربندي**

ساون پنن جي دستار ناهڻ بعد اها اوقاف کاتي جي ذميوار عملدار جي حوالي ٿئي ٿي ته جيئن دستاربنديءَ جي رسم ادا ڪري. هو رات جو ساڍي ٽين وڳي درگاهه جو روايتي ۽ چانديءَ جو قديم تالو پوري اعزاز ۽ پروٽوڪول سان کولي ٿو. درگاهه جا ٽي دروازا آهن: اتر" اولهه ۽ ڏکڻ طرف. انهن مان اترين دروازو عام لنگهه ناهي. ڏکڻ وارو دروازو سونو آهي ۽ ٽيون اوير طرف ڏمال جي پڙ وارو در آهي. ڏکڻ ۽ اوير وارا

دروازا عام اچ وڃ لاءِ آهن.

رات جو ساڍي ڏهين يارهين وڳي ڌاري درگاهہ جا دروازا بند ٿيندا آهن پر فقير "دروازا بند ٿيڻ" بدران چون "دروازا قائم ٿيڻ." الله لوڪن جي فيض جا دروازا بند ڪونہ ٿيندا آهن، پر درگاهہ جا در قائم ٿيندا آهن."

"در ڇو قائم ڪيا ويندا آهن؟" مون هڪ وڏي فقير کان پڇيو هو هن پهرين تہ مون کي مٿي کان هيٺ تائين گهوري ڏٺو ۽ پوءِ چيو هئائين "اهو وقت اولياءَ الله جي دربار لڳائڻ جو آهي. ان وقت هو گڏ ٿيندا آهن... خدا جي خلق جي درخواستن تي غور ڪندا آهن، فيصلا ڪندا آهن ۽ فيصلن تي حڪم جاري ٿيندا آهن."

دستاربنديءَ لاءِ روزانو تهجد مهل، اوچتو ڌمال واري پڙ کان گهنڊ وڄڻ لڳي ٿو. گهڙيالي فقير گهنڊ تي پيتاڙ جا زور زور سان ۽ ٽڪرا ڌمال هڻي ٿو. اهو اندر دربار ۾ ويٺل اولياءَ الله کي اطلاع آهي تہ هاڻي دروازو کوليو ويندو ۽ قلندر جي دستاربنديءَ جو وقت آهي. جنهن کان پوءِ خدا جي خلق کي فيض پرائڻ لاءِ اندر اچڻ جي اجازت ڏني ويندي.

سن 2000ع ۾ مون ڏٺو تہ گهڙيال جي ٺن ٺن سان اوقاف کاتي جو مقرر عملدار اوير واري علم کان ٿيندو ڌمال جي پڙ مان لنگهيو تہ قلندر جا پانڌي ادب وچان اٿي بيٺا ۽ تجسس وچان دروازو کلڻ جو متبرڪ منظر ڏسڻ لاءِ ڳاهٽ ڪري بيهي رهيا. هن پڌر ۾ قلندر جا ٻہ خاص خليفا دفن آهن. ميان مگڻ جتي (قلندر جو خزانچي) ۽ سيد علي سرمست جنهن کي وزير جو درجو حاصل آهي. علي سرمست جي مزار قلندر جي ايرندي در تي آهي، هر پانڌيءَ لاءِ ضروري آهي تہ پهرين اتي سلامي پري. هي پروٽوڪول جو سوال آهي تہ پهرين وزير وٽ ۽ پوءِ بادشاهہ وٽ وڃبو آهي. جهل تہ ڪابہ ڪونهي پر احترام ۽ روايت جي پاسداري ڪرڻ مناسب آهي.

اوقاف جو عملدار پڻ ڌمال جو پڌر ٽپي سيد علي سرمست جي مزار وٽ بيهي رهيو دعا جا هٿ کنيائين ۽ فقيرن کان قلندر جي در جي چابي ورتائين. ان دوران پڙ تي رڪيل گهنڊ وڄندو رهيو. عملدار قلندر

Gul Hayat Institute

جي در جو تالو کولڻ کان اڳ دعا گهري ۽ تالي ۾ چابي گهمائي، در کلي ويو تہ گهنڊ وڄڻ بند ٿي ويا.

اولياءَ الله جي دربار برخاست ٿي چڪي هئي، اندر پراسرار خاموشي هئي، ذميوار عملدار چند خادمن سان مزار ڏانهن وڌيو ۽ ڪجھ قدم اورتي هٽ ادب جا ٻڌي بيهي رهيو. پوءِ مزار جي چئني پاسن کان ڪنهڙو چمي سرجهڪائي ڇڏيائين. جڻ تہ قلندر کان رسم دستاربنديءَ جي اجازت گهرندو هجي.

اجازت ملڻ کانپوءِ (جيئن ظاهري طرح سمجهيو ويندو) ذميوار عملدار مزار تان تمام احترام ۽ احتياط سان سڀ گل، چادرون ۽ ماڻهن جون ڇڏيل درخواستون، هڪ هڪ ڪري چنڊي ڦوڪي هٽايون ۽ پوءِ اڳوٽي دستار جا تہ هڪ هڪ ڪري کولڻ شروع ڪيا ۽ پوءِ ساڳي ترتيب سان نئين سر ٻڌا. هر شيءِ پنهنجي مقرر جاءِ تي واپس رکي وئي، سواءِ گلن ۽ اضافي چادرن / پٽن جي.

دستاربنديءَ لاءِ هن سڀ کان پهرين تازن پنن سان تيار ڪيل تازي دستار مضبوطيءَ سان رکي ۽ ان جي چوڌاري بروڪيٽ ڪپڙي جي ٻہ وال پٽي وڪوڙي، ان کان سواءِ ڳاڙهي ڪپڙي جو تاج ٻڌو. بعد ۾ دستار جي مٿان رکڻ لاءِ سبزو وڌو ۽ پوءِ "موقعي" جي نسبت سان ۽ مقرر طريقي موجب گهربل دستار رکي. سونهري ڪپڙي جي گول پڳ ۽ پوءِ ان تي ڳاڙهن پرن جي وڏي ۽ جهڳٽيدار ڪلنگي! ان کان پوءِ هار وڌا ويا.

"موقعو" ڇا آهي؟ گهربل دستار جو تعلق ان ڏينهن جي اهميت سان آهي. قلندر شهباز جون دستارون ٽن قسمن جون آهن: 1ـ سوني 2ـ چانديءَ جي ۽ 3ـ ڪنين واري ڪلنگي. اهي ڪنب لاهور مان خاص آرڊر تي تيار ٿي اچن ٿا ۽ ڪنهن نامعلوم پکيءَ جا آهن. پيڙ پکيءَ جي ڪنين مان گل ناهي سوني ڪلنگيءَ تي رکجن ٿا اهي ڪنب ڪافي مهانگا آهن.

اهڙي هڪ روايتي دستار اڄڪلھ (سنہ 2000ع) جي حساب سان هزار ٻارنهن سؤ روپين ۾ (محنت سميت) نهي وڃي ٿي. ڪن بين

درگاهن تان آرڊر ملڻ جي صورت ۾ سيوهاڻي دستار سازاها تيار ڪري ڏئي ٿو پر هن (دستار ساز) ياد ڏياريو تہ ڪنهن جي ٻاڙهي ڪلنگي واري وڏي جهڳٽيدار دستار قلندر لال شهباز کان سواءِ سنڌ ۽ پنجاب جي ڪنهن بہ درگاهہ ۽ مزار تي نہ ٿي رکي وڃي. نادر شاهہ جي مزار (واقع پناڻ جي ڪافي جيڪا 1973ع ۾ نهي) ۽ سندس خليفن جي قبرن کان سواءِ بودلي سڪندر جي مزار تي بہ ڪلنگيون آهن پر اهي ايتريون جهڳٽي واريون ڪونہ آهن.

**پراڻين دستارن جو سفر**

هاڻي سوال آهي تہ ”قلندر جون (پنن واريون) پراڻيون دستارون ڪيڏانهن ٿيون وڃن؟ ڇا پراڻيون دستارون سنڀاليون وڃن ٿيون يا اهي ڪنهن هنڌ جمع ڪيون ٿيون وڃن؟ مون سيوهڻ ۾ مختلف درگاهن تي پراڻين ۽ سُڪل دستارن جا انبار ڏٺا هئا. جڏهن مون دستار ساز نياز حسين پيرزادي کان ساڳيو سوال ڪيو تہ هن چيو تہ، ”اهي دستارون روز ٻين بزرگن جي درگاهن تي وڃن ٿيون، انهن جا ڏينهن ٻڌل آهن.“ يقيناً اها ٻين بزرگن لاءِ اعزاز جي ڳالهہ هئي تہ هنن کي اها دستار ملي جيڪا قلندر تي رکيل هجي.

”سومر جي ڏينهن تي لٺل دستار درگاہ گلاب شاهہ نوريءَ تي وڃي آهي، جنهن جي مزار درگاهہ قلندر جي اوير طرف آمهون سامهون آهي. اڱاري ڏينهن دستار درگاهہ جمن جتي تي وڃي آهي جيڪا بودلي بهار کان اوير طرف درياهہ جي ڪنڌيءَ تي آهي. اربع ڏينهن دستار نهال شاهہ نوريءَ ڏانهن وڃي آهي، خميس ڏينهن بگا شير ڏانهن جيڪو مسجد جي اتر ۾ آهي، هر مهيني پهرين چنڊ جي دستار بہ اوڏانهن وڃي ٿي. جمعي ڏينهن سيد روشن علي شاهہ ڏانهن، ڇنڇر ڏينهن درگاهہ ڏاڏي ابراهيم جتي ڏانهن وڃي ٿي ۽ آچر ”ڪربلا“ ۾ واقع درگاهہ سيد ثابت علي شاهہ ڏانهن وڃي ٿي.“

ان ترتيب ۾ ڇتي امراڻي ۽ بودلي سڪندر بهار جا نالا نہ ڏسي

مون کي حيرت لڳي. بودلي فقير جا مريد پنهنجي مرشد لاءِ پاڻ جدا دستار ٺاهيندا آهن. البت ڇٽي امراڻيءَ تي * ٽِلَ واري ڏينهن تي يا وري جڏهن پراڻي دستار زبون ٿي وڃي، تڏهن تازي دستار ٻڌي وڃي ٿي.

***

Gul Hayat Institute

* تل ڪنهن درگاهه جي عرس واري ڏينهن نغارا ۽ گهڙيال وڄايا ويندا آهن جيڪي فجر جو 15، 15منٽ يا اڌ اڌ ڪلاڪ جي وقفي سان وڄندا آهن ته جيئن خبر پوي ته اڄ هن بزرگ جو عرس آهي.

# قلندر جي ميلي جون فقرائي رسمون

من آن درم که دم بحر جلال الله بود استم،
بہ کوه طور موسیٰ کلیم الله بود استم۔

حضرت قلندر شهباز اسلامي مهينن موجب، 20 شعبان جي ڏينهن 683هجري ۾ وصال فرمايو. پاڻ سڄي زندگي ستي جتي تي گذاريو اٿن. انهيءَ ڪري سندن خليفا ۽ فقراءَ غيرشادي شده ۽ لنگوٽ بند رهيا آهن. انهن جي زندگي خدا جي خوش نودي خاطر وقف ٿيل رهي آهي.

حضرت قلندر شهباز جو پهريون عرس مبارڪ يا ورسي سندس وڏي خليفي سيد علي سرمست 674هجري ۾ ملهائي. ميلي جي فقرائي رستي ۽ رسمن جو بنياد سائين سيد علي سرمست رکيو. 18، 19 ۽ 20 شعبان تي هر سال شهنشاهه قلندر جي شادي جو جشن ملهايو ويندو آهي. ديس ۽ پرديس جا حاجي هر سال اوڪا سفر طئي ڪري اچي هن شاهي شادي ۾شريڪ ٿيندا آهن ۽ مزار تي عقيدت جا گل چاڙهيندا آهن. پر قلندر شهباز جو فقراءُ مرشد جي شادي جو جشن نهايت رنگا رنگ رسمن ۽ محفلن سان سجائيندو آهي. لکين زائرين انهن محبت جي محفلن ۾ شريڪ ٿي قلندر جو قرب حاصل ڪندا آهن. هن مضمون ۾ ميلي جي انهن رسمن جو ذڪر ڪيل آهي جيڪي گهڻو ڪري فقراءَ عقيدتمندن سان واسطو رکن ٿيون. انهن رسمن جو شمار ميلي جي سرڪاري ۽ نيم سرڪاري تقريبن ۾ نٿو ٿئي. هي ميلو دراصل فقرائي ميلو آهي. هر پانڌيئڙو پاڻ کي قلندر جو فقراءَ سمجهي

Gul Hayat Institute

هن ميلي ۾ شريڪ ٿيندو آهي ۽ قلبي ۽ روحاني سڪون حاصل ڪري پنهنجي ماڳ موٽندو آهي. ميلي جي رسمن جي شروعات ٻڪي کان ٿئي ٿي.

### ٻڪي

20 رجب شام جو سڄو فقراءَ وڃي يڪ ٿنيي تي گڏ ٿيندو آهي جتي قلندر شهباز جو چلو آهي، انهيءَ چلي جو متولي ڏاڏا ابراهيم جتي ستي هو. ان فقراءَ جو موجوده سرگوده خليفو الهه بخش آهي. ٻڪي جي رسم انهيءَ جي زيرنگراني ٿيندي آهي. انهيءَ رسم جو بندوبست ٻودلي بهار جي ڪافي جو فقراءَ ڪندو آهي. فقراءَ چلي جي پرسان ريٿو علم چاڙهي ٻڪي جي رسم جو آغاز ڪندو آهي. ان کان پوءِ نياز ورهايو ويندو آهي. لنگر ڪرڻ کان پوءِ وڃي سڄو فقراءَ چو ٿنيي تي گڏ ٿيندو آهي. 21 رجب جي سڄي رات ان جاءِ تي راڳ رنگ جي محفل گرم ٿيندي آهي، جيڪا صبح تائين جاري رهندي آهي.

سنڌ جي ثقافت موجب شادي جي هر تقريب ٻڪي سان شروع ٿيندي آهي، انهيءَ ڪري قلندر شهباز جي مصنوعي شادي جي شروعات بہ ٻڪي سان ٿيندي آهي. 21 رجب کان وٺي 18 شعبان تائين فقراءَ جي آمد شروع هوندي آهي. اڪثر فقراءَ ٻڪي کان نڪيتي تائين سيوهڻ ۾ رهيل هوندو آهي.

Gul Hayat Institute

### ڳجهي ميندي

هيءَ ميندي 15 شعبان جي رات ڳيرائي سيدن جي اوطاق تان سيد امان الله شاهہ ڪڍندو آهي. هن مينديءَ جو بندوبست جمن جتي جو فقراءُ ڪندو آهي. جنهنجو سرگروه فقير صورت علي آهي. ميندي نيڪ 5 وڳي شام ڪڍندي آهي. هڪ دٻڪ ۾ چاندي جا پيالا هوندا آهن. اهي پسيل ميندي سان ڀريل هوندا آهن. انهيءَ جي مٿان غلاف هوندو آهي ۽ پاسن کان نڪر جون ڏياٽيون روشن هونديون آهن. فقيرن جا ٽولا ميندي جي آڏو ڳائيندا درگاهہ تي پهچندا آهن. اها

ميندي مغرب جي بانگ کان اڳ مزار تي پهچندي آهي. ميندي جا پيالا چاندي جي ڪٽهڙي جي ڏکڻ طرف سنگ مرمر جي فرش تي هاريندا آهن. ڏياتيون مزار جي مٿان نيلن جي پاسي ۾ روشن ڪيون ويندايون آهن. ميندي ڪڻندڙ سيد غلاف چاڙهي مزار جو طواف ڪري دعا گهري ٻاهر نڪرندو آهي. ميندي جنهن مهل درگاهه جي صحن ۾ داخل ٿيندي آهي، ان وقت نغاري تي شادمانو وڄايو ويندو آهي. شادمانو خوشي جو نغمو آهي، آخر ۾ درگاهه جي صحن ۾ آتش بازي ٿيندي آهي.

### پهرين ميندي

هيءَ ميندي 18 شعبان جي شام جو پنجين وڳي سيد محمد مراد شاهه جي اوطاق تان نڪرندي آهي. ميندي کان اڳ وڏي پئماني تي محفل موسيقي ٿيندي آهي. سڄي شهر جون عورتون اچي حويلي ۾ گڏ ٿينديون آهن. ميندي سجائينديون آهن ۽ ميندي جا گيت ڳائينديون آهن. هن ميندي جي خصوصيت اها آهي تہ چوڏهن ئي ڪافين جا فقراءَ اچي شريڪ ٿيندا آهن. هن ميندي جي پڄاڻي ساڳي ريت ٿيندي آهي.

### ٻي ميندي

19 شعبان جي شام جو پنجين وڳي هي ميندي قلندر شهباز جي هندو معتقد جي گهران نڪرندي آهي. هندن جي زماني ۾ نٽ محلي جي فقير هيرانند جي گهران نڪرندي هئي. هي لالائون هندو سڏبا هئا ۽ انهن کي ميڙائي هندو بہ چوندا هئا. هي سيوهڻ جي نٽ محلي ۾ رهندا هئا. ان کان سواءِ فقير مولچند هي ميندي ڪڻندو هو. جنهن وصيت ڪئي هئي تہ مون کي مرڻ کانپوءِ پوريو وڃي. انهيءَ جي تربت ڪافي دودي حفاظتي جي پاسي ۾ آهي. هاڻ اها ميندي فقير موهن لعل جو پٽ رام ڪڻندو آهي، جيڪا ڪڏ محلي تان سندس گهران نڪرندي آهي.

Gul Hayat Institute

**ٽين ميندي**

20 شعبان جي شام جو پنجين وڳي هيءَ ميندي ٻه هندو معتقد کڻندا آهن. هندن جي زماني ۾ هي ميندي قانون گو جي محلي مان نڪرندي هئي. انهيءَ محلي ۾ اڪثر وڪيل رهندا هئا. ان ڪري ان کي قانون گو سڏيندا هئا. هي ميندي شيوا رام کڻندو هو. هاڻ ان جا پوٽا کڻن ٿا. هن ميندي جي خصوصيت هندن جي دور ۾ اها هئي جو ڏاندن تي نغارا چاڙهي انهن تي شادمانا وڄائيندا هئا. جن گهٽين مان ميندي لنگهندي آهي، انهن جي جاين جي ڪُڏن تي شهر جي عورتن جا هجوم هوندا آهن. ميندي جي هيءَ رسم شاهڪار هوندي آهي.

**ڌمال**

18 تاريخ جو انين وڳي درگاهه جي اڱڻ ۾ ڌمال ٿيندي آهي. ڌمال قلندري طريقي جي فقراءَ جي عبادت هوندي آهي. ڌمال ۾ فقرا باوضو هوندو آهي. ڪيترن درويش فقيرن تي ڌمال جي دوران وجد جي حالت طاري ٿي ويندي آهي. انهن جو نعرو مست مست هوندو آهي. انين کان نائين وڳي تائين ابدالن جي ڪافي جو فقراءَ ڌمال ڪندو آهي. هر فقراءَ جي سرگروهه تي دستار حال ڏاڳا، جبو ڪننا ۽ ڪولابا ۽ قمربند ٻڌل هوندو آهي ۽ فقير کي نفيلون، ٻيرڳيون ۽ ڏنڊا هوندا آهن. نائين کان ڏهين وڳي تائين ڪافي ڪڇهري، ڪافي دو دو حقاني، ڪافي سرخي پاڙو سلطان جو فقراءَ ڌمال ڪندو آهي. ڏهين کان يارهين وڳي تائين ڪافي اولادي، امي ڪافي ڏاڏا ابراهيم جتي ستي، ڪافي بودلوبهار ڪافي امير حيدر ڪافي جمن جتي ستي، ڪافي نور شاهه، ڪافي گلاب شاهه، نورلي ۽ ڪافي سيد قاسم جو فقراءَ ڌمال ڪندو آهي. يارهين کان ٻارهين وڳي تائين ڪافي پورو بادل شير جو فقراءَ ڌمال ڪندو آهي.

19 ۽ 20 تاريخ ٻه ساڳي ترتيب سان ساڳيون ڪافيون ڌمال ڪنديون آهن. صرف رديانو اڌ ڪلاڪ دير سان ٿيندي آهي. درگاهه جو ٽائيم اڄ ڏينهن تائين پاڻي جي گهڙيال سان ماپيو ويندو آهي. وقت

Gul Hayat Institute

جو شمار لهرن ۾ گهڙين ۾ ٿيندو آهي. پهر تي ڪلاڪن جي برابر هوندو آهي ۽ هڪ گهڙي 24 منٽن جي ٿيندي آهي. آخري ڌمال پنهرن ۽ ٻن گهڙين تي ختم ٿيندي آهي. ڌمال جو منظر ڏسڻ وٽان هوندو آهي. الله کي ياد ڪرڻ وارا فقير ٻنهي جهانن جي سختي کان آجا هوندا آهن. هو سدائين سرها هوندا آهن ۽ دنيا جي لاهن چاڙهن کان بي نياز هوندا آهن. ڏسندڙن لاءِ اهو هڪ درس هوندو آهي جيڪو قلندر جا چاڃي حاصل ڪري پنهنجي ماڳ موٽندا آهن.

**نڪيتي**

22 شعبان جي صبح جو نائين وڳي سورهن ئي ڪافين جو فقراءَ پنهنجن سرگروهن سميت اچي گهرائي سيدن جي اوطاقن ۾ گڏ ٿيندو آهي. فقراءَ کي ان ڏينهن قلندر جي ڪشتي جو ديدار ڪرايو ويندو آهي. اها ڪشتي ڏاتو جي نهيل هوندي آهي. ان تي قلندر لعل شهباز جو سندس نالو ۽ فارسي شعر اڪريل آهن. اها ڪشتي ڏاڏا ابراهيم جتي ستي کي مليل هئي. هاڻ ان فقراءَ جي موجوده خليفي الله بخش جي تحويل ۾ آهي. ان کان پوءِ فقراءَ ۾ ڪارڪون تبرڪ طور ورهايون وينديون آهن ۽ قلندر شهباز جي غلافن جا ٽڪر سرگروهن ۾ تحفي طور ورهايا ويندا آهن. نڪيتي کان پوءِ ٻاهران آيل فقير پنهنجن آستانن ڏانهن روانو ٿيندا آهن ۽ عرس مبارڪ جو اختتام ٿيندو آهي.

فقراءَ جون اهي تقريبون، رسمون ۽ محفلون روحاني خوشي عطا ڪنديون آهن. زائرين کي گهرجي تہ انهن محفلن مان روحاني درس حاصل ڪري پنهنجي زندگي کي سنوارين ۽ پنهنجي دلين ۾ قلندري قرب ۽ الاهي محبت پيدا ڪن تہ جيئن ٻنهي جهانن ۾ سرخرو ٿين.

رفتم بہ عرش اکبر خودم شراب اطہر،
واصل شدم کہ اظہر مست الست ہستم۔

***

Gul Hayat Institute

# مختصر سوانح:
# حضرت قلندر شهباز

سنڌو ماٿري اوليائن ۽ درويشن جي سرزمين آهي، اڄوڪي سائنس جي مادي ترقيءَ واري دور ۾ بہ انهن بزرگن جا يادگار ساڳئي جذبي ۽ عقيدت وچان ملهايا وڃن ٿا ۽ سندن درگاهن تي پري پري کان هزارين طالب اچيو گڏجن.

اهڙن عظمت وارن بزرگن ۾ لال شهباز قلندر پنهنجو مٽ پاڻ آهي. هن مختصر مضمون ۾ اسين سندس حياتيءَ جو احوال پيش ڪريون ٿا.

**نالو ۽ نسب:**

سندن نالو سيد عثمان ۽ لقب شمس الدين لعل شهباز قلندر هو. قلندر شهباز جا جيڪي بہ شجرا ملن ٿا، انهن ۾ ٿورو ڪي گهڻو اختلاف ضرور آهي. "الوحيد" جي "سنڌ آزاد نمبر" موجب لال شهباز جو خانداني سلسلو انين پيڙهيءَ ۾ امام جعفر صادق سان ملي ٿو. "لب تاريخ سنڌ" ۾ لعل شهباز جو شجرو، هن طرح بيان ڪيو ويو آهي.

"حضرت عثمان مروندي عرف لعل شهباز قلندر بن سيد ڪبير بن سيد شمس الدين بن سيد نور شاهہ بن سيد محمود شاهہ بن سيد احمد شاهہ بن سيد هادي بن سيد مهدي بن سيد منتخب بن سيد غالب بن سيد منصور بن سيد اسماعيل بن امام جعفر صادق رضي الله عنه."

Gul Hayat Institute

**وطن:**

لعل شهباز جو اصل وطن، ”مروند“ چون ٿا. جو ”لب تاريخ سنڌ“ جي فاصل مصنف جي تحقيق موجب ”ميمن“ افغانستان جي هرات پرڳڻي جي ويجهو آهي. ”الوحيد“ جي ”سنڌ آزاد نمبر“ ۾ لکيل آهي ته حضرت لال شهباز آذربائيجان (آرمينيا) پرڳڻي جي هڪ ڳوٺ ”مرند“ ۾ پيدا ٿيو. ٻن انگريز محققن ڊولانڊ ابن، ولج ۽ فريزر ٽيٽلر جي کوجنا مان معلوم ٿئي ٿو ته هرات جي اتر ۾ ڪشڪ نالي هڪ شهر آهي، جتي روس ۽ افغانستان جون حدون اچي پاڻ ۾ ملن ٿيون. ان کان 140 ميل اتر طرف جابلو علائقي ۾ بيابان جي وچ ۾ هڪ وٽندڙ خيابان ”مرو“ نالي آهي، جو عربن جي ڏينهن ۾ خراسان جي گاديءَ جو هنڌ هو جتي سڪندراعظم جي زماني جا آثار به موجود آهن. اهو شهر علم ۽ آسودگيءَ جو مرڪز ٿي رهيو آهي. سلجوقين جي ڏينهن ۾ هن شهر ۾ هڪ يونيورسٽي به هئي. هاڻي اهو شهر روس جي حدن ۾ آهي. آذربائيجان جي گاديءَ جو هنڌ هن وقت تبريز آهي، جو پڻ تهذيب جو مرڪز رهيو آهي. ان جي پسگرداَئيءَ ۾ مراغه ۽ مرند ويزا جا شهر به ملن ٿا. مرند جو شهر تبريز جي اتر ۽ اولهه ۾ چاليهن ميلن جي مفاصلي تي واقع آهي. هاڻي جيڪڏهن افغانستان جي مٿي ڄاڻايل پراڻي شهر کي ٿو ونجي ته اهو ”مرو“ آهي ۽ نه ”مروند“. جيئن عام طرح مشهور آهي، ان ڪري ڪن محققن آذربائيجان پرڳڻي جي شهر ”مرند“ کي لعل شهباز جو پيدائشي وطن سمجهيو.

ٻئي طرف لال شهباز پنهنجي هڪ مشهور غزل جي مقطعي ۾ پاڻ کي ”مرنديِ“ نه پر ”مرونديِ“ سڏيو آهي

منم عثمان مروندی که یار خواجه منصورم،
ملامت می کند خلقی و من بر دار می رقصم۔

مٿئين شهر ۾ ”مرونديِ“ کي ڪتابن جي غلطي به چئي نٿو سگهجي. ڇو ته ”مرونديِ“ بدران جيڪڏهن ”مرنديِ“ هجي ها ته شعر جو وزن ٽٽي پوي ها.

Gul Hayat Institute

**ولادت:**

قلندر شهباز جي ولادت واري سن ۾ بہ اختلاف آهي. ”حياتنامہ قلندر“ جو مصنف پنهنجي هڪ شعر ۾ سندس سال ولادت 538هہ ٻڌائي ٿو. ”لب تاريخ سنڌ“ جي ليکڪ 583هہ سن ڄاڻايو آهي. پر ”تذڪره صوفياءِ سنڌ“ ۾ غلطيءَ وچان 573هہ مطابق 1177ع ڄاڻايل آهي.

**سير سياحت:**

ان وقت جي مشهور بزرگ بابا ابراهيم جي مريد ٿيڻ کان پوءِ لعل شهباز هندستان جو رخ رکيو شيخ فريد گنج شڪرؒ ۽ شيخ بهاءُالدين ذڪرياؒ جي صحبت ۾ فيضياب ٿيو. تاريخ فيروز شاهيءَ ۾ آهي تہ جڏهن حضرت لعل شهباز ملتان آيو تہ خان شهيد يعني محمد قان بن بلبن نياز ۽ عقيدت جا شرط بجا آندا. هن گهڻي ڪوشش ڪئي تہ قلندر سائين ملتان ۾ ترسي. ان لاءِ هڪ خانقاه بہ جوڙايائين، پر لعل سائينءَ ڪي مرشد جي حڪم موجب سيوستان جو ظلمتڪدو روشن ڪرڻو هو سو نہ ترسيا. ”تحفة الڪرام“ موجب. لعل شهباز 662هجري مطابق 1264ع ۾ ملتان پهتا.

”تحفة الڪرام“ ۽ ”لب تاريخ سنڌ“ ڄاڻايو آهي تہ پاڻ شيخ بهاءُالدين ملتاني، شيخ فريدالدين شڪر گنج پاڪ پتن ۽ شيخ جلال الدين جهانيان اُچ واري جي صحبت ۾ هند ۽ سنڌ جو گهڻو سفر ڪيائون. هنن چئني بزرگن کي ان ڪري ”چاريار“ ڪري سڏجي ٿو.

Gul Hayat Institute

**سيوهڻ ۾ قيام:**

هندستان ۾ اچڻ کان پوءِ قلندر شهباز پنهنجي مرشد جي حڪم جي پوئواريءَ يا هڪ روايت موجب همعصر قلندر بوعلي پاڻيپتيءَ جي مشوري تي سيوستان ڏانهن اُسهيو. سيوستان طرف اچڻ بابت ”لب تاريخ سنڌ“ جي صاحب لکيو آهي تہ آخرڪار گهڻيءَ سياحت بعد سيوستان (سيوهڻ) شهر کي رونق بخشيائون، سندن هتي اچڻ سان

سيوهڻ جي سرزمين تن جڙ رحمتن جي بارش ٿي ويئي. ڪيترين ئي عورتون گناهن جي زندگي ترڪ ڪري نهايت نيڪ ٿي پيون.

**وفات:**

لعل شهباز جي وفات واريءَ تاريخ تي پڻ اختلاف آهن. پر تحقيق جي روشنيءَ ۾ ”مقالات الشعراءِ“ ۽ ”تحفة الڪرام“ ۾ ڄاڻايل سن ”673هجري“ وڌيڪ صحيح پيو ڏسڻ ۾ اچي. شهباز سائين 112ـ 113 سالن جي وڏيءَ ڄمار ۾ رحلت فرمائي.

**روضو:**

تاريخي ڪتابن ۽ مزار تي اڪريل ڪتبن مان ظاهر ٿئي ٿو ته لعل سائينءَ جو روضو پهريائين سلطان فيروز تغلق جي ڏينهن ۾ تيار ٿيو ان ڪانپوءِ اڪبر اعظم جي زماني ۾ مرزا جاني بيگ ان جي توسيع ڪئي. ”لب تاريخ سند“ ۾ آهي ته مرزا جاني بيگ جي وفات ڪان پوءِ سندس فرزند مرزا غازي بيگ مقبري جي مرمت ڪرائي، جا اڌپوري رهجي ويئي، پوءِ شاهجهان جي زماني ۾ فرش ۽ ٻه مسجدون جڙي راس ٿيون ۽ پوئين زماني ۾ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي سن 1173هه ۾ خانقاه لاءِ هڪ جهنڊو موڪليو ٻاهريون وڏو دروازو ٺهرايو ۽ صحن جي ٻه مرمت ڪرايائين.

***

Gul Hayat Institute

# قلندر جي ڪشتي

اسان سيني کي سڌ آهي تہ قديم آثار پوءِ اهي دڙن جي صورت ۾ هجن يا اڏاوتن وغيره جي صورت ۾، اسان جي ماضيءَ جا يادگار ۽ هن وقت تائين ٿيل ثقافتي سڌارن ۽ واڌارن جي هڪ زنجير سمان آهن. انهن جي خاتمي سان اسان جي تاريخي تسلسل ۽ ارتقا جي ڪهاڻيءَ جون ڪي ڪڙيون وڃائجي وڃن ٿيون. انهن آثارن ۽ اڏاوتن جي مناسب ۽ وقتائتي پرگهور ٿيندي رهي تہ واهہ، جي نہ تہ اهي پنهنجي طبعي ڄمار پوري ٿيڻ يا ڪن آسماني آفتن يا وري شرپسند ماڻهن جي حرڪتن جي ڪري جهري پوندا آهن. سنڌ جي آثارن جو تہ الله ئي واهي آهي. پر جي اسان انهن جي تباهہ ڪاريءَ ۾ حصو نہ وٺون تہ اها بہ مٿن وڏي مهرباني ٿيندي.

چند ورهيہ اڳ لال شهباز قلندر جي مقبري جو گنبذ وقت گذرڻ سبب پيل ڏارن تي لڳاتار بارشن پوڻ ڪري ڪري پيو. بناڪنهن سوچ ويچار جي وس وارن مرضيءَ سان مقبري جي رهت کي رهڙي ان جو ڪوبہ نشان باقي نہ ڇڏيو. اهو آهي اسان جو تاريخي آثارن بابت مخصوص ڄاڻ نہ هئڻ سبب ورتاءُ. ڇا ڪجي جنهن وٽ اختيار ٿو اچي، تنهن کي ڄڻ تہ عقل جي سند بہ حاصل ٿيو وڃي. ڪيترو نہ چڱو ٿئي ها، جي ڪنهن واسطيدار اداري جي مدد سان پراڻي مقبري جي گهٽ ۾ گهٽ رڳو مهاڙي محفوظ ڪري، رهيل ٿن پاسن تي ۽ اڳيان گهرج پٽاندڙ نئون واڌارو ڪري، هن تاريخي عمارت جو ڪجهہ حصو

Gul Hayat Institute

تہ نموني طور بچائي وجهجي ها. اسان ڄاڻون ٿا تہ پراڻا آثار تاريخ جا املهہ ورق آهن. هڪ آثار جي ختم ٿيڻ تي ڄڻ تہ اتهاس جو هڪ ورق، ڪڏهن هڪ باب، بلڪ بعضي تہ هڪ اهڙو ڪتاب ضايع ٿيو وڃي جنهن جي اڀياس مان لاڳاپيل دور جي هوند ڪيترن اهم رخن بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي ها. جي انهيءَ انداز سان سوچجي تہ پوءِ اسان ڪئين ڪتب خانہ گنوائي چڪا آهيون. اهڙا هاڃا ڪڏهن ڪڏهن قدرتي آفتن جي ڪري بہ ٿين ٿا، پر اڪثر ڪري دشمنن، وسيلن جي ڪمي، ويسلائي ۽ اڄيتائي جي ڪري ٿين ٿا، جنهن جا ذميوار خود ماڻهوءَ وس وارا آهن.

شال ايئن نہ ٿئي! پرياسي ٿو تہ وري بہ هڪ آثار جي بربادي جي آڪاٽي جي ابتدا ٿي چڪي آهي. ان جو وجود وکري چڪو آهي ۽ کونڊيل پک پاڻلن تائين پهچي ويا آهن. هي اصل ۾ پٿر جي گهڙيل ڇاڙهن مان ناهيل هڪ ڇتي (چوڪنڊي) آهي/ هئي، جنهن کي سيوهڻ درگاهہ جي زيارتي "قلندر جي ڪشتي" ڪوٺيندا هئا. حيرت جي ڳالهہ نہ آهي جو اڄ تائين ڪنهن بہ عالم انهيءَ ڇتي بابت ڪجهہ بہ نہ لکيو. حالانڪ ان جي هيئتان ئي ڪابہ اڏاوت نہ هئڻ هڪ اهڙي صورت هئي جنهن ڌيان ڇڪايو هوندو. بهرحال، حضرت قلندر لال شهباز جي نئين رٿيل مقبري جي بنيادن لاءِ جيڪا پندرهن فوٽ اونهي کوٽائي ڪئي وئي هئي، تنهن مان هڪ ڳُهني فرش جا ڪي آثار مليا هئا. سمجهيو وڃي ٿو تہ اهي شايد قلندر جي مزار مٿان ڪنهن سمي اڏايل ڇتيءَ جا نشان هئا. سن 757 هجري ڌاري، سلطان فيروز شاهہ تغلق جي دور ۾ ملڪ رڪن الدين عرف اختيار الدين، قلندر جي مزار تي نئين ۽ گنبذ واري مقبري جي عمارت جوڙائڻ وقت اصلي ڇتي کي اڪيڙائي مقبري جي اوير پاسي واري آڳنڊ (جو اڄا بہ آهي) جو هن وقت ڏمال ڪورٽ سڏجي ٿو جي اولهہ ڏکڻ واري ڪنڊ وٽ ٻيهر اوساري کڙو ڪرايو هو. اسان مان ڪيترن اها ڇتي انهيءَ ايوان ۾ ڏٺي بہ هوندي. ان سميت پراڻي مقبري جون ڪيترن هنڌن تي اڄ بہ ڪيترين ئي تصويرن ۾ موجود آهي. اهڙي ريت انهيءَ

چٽي سان تاريخ، تعمير، ثقافت ۽ عقيدت جي سلسلي جي انيڪ قدر وابستا هئا، سي سمورا ڇڻ ته واٽي ويا. ان تي نه ڪنهن ڏيان ڏنو ۽ نه شڪايت ڪئي. جيتوڻيڪ عالمن جي متضاد راين جي ڪري اجا تائين قلندر شهباز جي وفات جو سال پوري طرح معلوم ٿي نه سگهيو آهي. پوءِ به سن 673هجري يا ان کان بهرحال اڳ جو سمجهه ۾ اچي ٿو ان ڪري اهو اندازو ڪرڻ ڏکيائي نه ٿي ٿئي ته سندس مزار مٿان اڏايل پٿر جي (مٿي ذڪر ڪيل) چٽي ستين صدي هجري جي آخري چوٿائي ۾ ڪنهن وقت نهي هوندي. موجوده معلومات موجب سنڌ جي جنهن قديم ترين چٽيءَ جو ذڪر هن وقت تائين ڪيو پئي ويو آهي، سا شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مڪلي ٽڪري تي نهيل مدرسي جي آهي (اها به هن وقت مشڪل سڃاڻپ جهڙي رهي آهي). ان چٽي کي سما دور جي قديم ترين عمارتن ۾ به شمار ڪيو وڃي ٿو. جي پائنجي ته اها چٽي اوائلي سما حاڪمن جي دور ۾ نهي هوندي ته پوءِ لڳ ڀڳ سن 755هجري تائين يا وري ڪجهه عرصو پوءِ جي نهيل هوندي. پر جي مورڳو اها شيخ عيسيٰ لنگوٽي جي چوڻ تي يا بطور خاص هن جي مدرسي لاءِ نهرائي وئي ته پوءِ اٺين صدي هجري جي پوئين چوٿائي ۾ نهي هوندي. بلڪ اهو به امڪان آهي ته نائين صدي هجري جي شروعات ۾ نهي هجي، ڇاڪاڻ ته شيخ عيسيٰ هجري سن 831 ڌاري وفات ڪئي هئي. هاڻي جيڪڏهن مٿي بيان ڪيل تاريخون درست آهن ته پوءِ قلندر لال شهباز جي ڪشتي واري چٽي، عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مدرسي واري چٽيءَ کان اندازاً هڪ صدي يا ڪجهه گهٽ عرصو پراڻي سمجهي سگهجي ٿي، تنهن ڪري ان کي سنڌ جي ڄاتل پراڻين چٽين ۾ سڀ کان آڳاٽي چٽي سمجهڻ گهرجي. بظاهر ڇت جي اڏاوت به پنهنجي قدامت تي گواهي ڏئي رهي آهي.

جاني بيگ ترخان هجري سن 993 ڌاري ٺٽي جو حاڪم ٿيو ڇيو ويو آهي ته هن جي ڏينهن ۾ قلندر لال شهباز جي مقبري کي نئين سر ۽ شايد وڌيڪ ڪشادو ڪري نهرايو ويو. ان کان پوءِ وري پٽس غازي بيگ هجري سن 1010 ڌاري مقبري تي ڪجهه وڌيڪ ڪم ڪرايو جو

شايد پورو ٿي نہ سگھيو. ٿورو پوءِ شاهجهان جي دؤر حڪومت ۾ سيوهڻ جي نواب ديندار خان بخاري هجري سن 1036ڌاري مقبري تي وڏيڪ ۽ ضروري ڪم ڪرايو. انهيءَ ڪان پوءِ بہ سيني گهراڻن جي حڪومتن دوران يعني ڪلهوڙن، ٽالپورن انگريزن وغيره جي حڪومتن ۾ بہ عقيدتمندن ٿورو گهڻو ڪم پئي ڪرايو جنهن جا ڪجهہ تفصيل ڪن لکتن ۾ جاڏايل آهن. اهو سڄو دستاويز جيڪو پراڻي مقبري ۽ ان سان لاڳاپيل عمارتن جي صورت ۾ اسان کي ورثي ۾ مليو هو، سو قديم آثارن جي علم ۽ طور طريقن کان اڻڄاڻائي جي ڪري هڪدم ختم ٿي ويو.

بهرحال، ڪجهہ عرصو اڳ قلندر شهباز جي مزار تي نئين عمارت جوڙائڻ وقت فرش کي پهرين (جنهن تي چٽي نهيل هئي) سنوت کان ست فوٽ اتاهون ڪيو ويو هو. پئي پيري ڪرايل ڪم وقت وڏيڪ چار فوٽ فرش جي سنوت مٿي ڪرائي وئي ۽ ٽئين پيري اجان بہ چار فوٽ وڏيڪ فرش کي مٿي ڪرايو ويو هو. اهڙيءَ ريت آخري فرش پهرين فرش کان اٽڪل پندرنهن فوٽ مٿي ٿي چڪو هو. انهيءَ سڄي عرصي ۾ سيني ڪمن دوران قلندر جي مزار جي اڌاوت ۾ ڪابہ ڦيرڦار نہ ڪرائي وئي هئي. روايتن مطابق مزار جي تري جي سنوت جا اڄ بہ فرش جي سنوت سان برابر آهي، سا انهن بيشمار چادرن يا پڙن جي تهہ ڪري آهي، جي زيارتي عقيدتمند وقت بہ وقت مٿان چاڙهيندا پئي رهيا آهن. فرش کي هر ڀيري ان ڪري مٿي ڪيو ويو هوندو جو آس پاس واري زمين ۽ گهرن ۾ گهٽين وغيره جي سنوت مٿي ٿيندي پئي رهي. هن ڀيري بہ ساڳي روايت کي قائم رکندي، مزار جي اڌاوت کي جيئن جو تيئن رهڻ ڏنو ويو آهي. البت ان جو ٻاهريون حفاظتي جهنگلو وڏيڪ ڪشادو ۽ نئون تعمير ڪيو ويو آهي، هن ڀيري بہ هڪ فوٽ کان شايد ڪجهہ گهٽ جيترو فرش مٿي ٿيڻ جا امڪان آهن.

**ڊاهه ڍاهه جو عمل**

جيڪڏهن ڪن اٽتر سببن جي ڪري ڪنهن آڏاڻي يا اڏاوت کي اڪيڙي، ان جو انگ انگي ان کي پوءِ ڪنهن مناسب ماڳ تي ساڳي ترتيب سان وري اڏي بيهارجي ته اهڙي عمارت کي (Anastilosis) "ڍاهاڏڻ"، "ڍاهي اڏڻ" يا وري "روتڻ" سڏي سگهجي ٿو. خوشقسمتيءَ سان پيڙهه لاءِ ڪيل کوٽائي مان حاصل ڪيل تفصيل ۽ ايوان مان اکوڙيل چٽيءَ کي انگڻ وارو نهايت اهم ۽ اوکو ڪم محترم عبدالرزاق صاحب (پروجيڪٽ مئنيجر) تمام چيتي سان ڪري ورتو آهي. هي صاحب قلندر جي نئين مقبري جي اڏاوت واري ڪم جي نگراني ڪرڻ لاءِ سيوهڻ ۾ رهيل هو ۽ هن "روتڻ" جو پهريون مرحلو چڱي نموني نباهيو آهي. راقم به ان وقت سيوهڻ ۾ پراڻي قلعي تي ٿيندڙ کوٽائي واري ڪم لاءِ بطور شريڪ ناظم (ڪو ڊائريڪٽر) رهيل هو. تنهن اها معلومات پاڻ وٽي حاصل ڪئي. روتڻ جو اصل مرحلو اڃا رهيو پيو آهي، جنهن کي خيرخوبيءَ سان پوري ڪرڻ لاءِ وڏيڪ احتياط ۽ اورچائي درڪار آهي/ ٿيندي ان لاءِ عرض آهي ته هلنديءَ وارا چٽيءَ جا انگيل پٿر گدامن مان سنڀالي ٻاهر ڪيرائين ۽ پوءِ بهتر ايئن ٿيندو ته واسطيدار اداري جي ڪنهن تجربيڪار ماڻهوءَ جي سنڀال هيٺ، زير تعمير مقبري جي حدن ۾ يا ڪٿي پرڀاسي ڪنهن مناسب ۽ محفوظ هنڌ تي پٿرن کي لڳل نمبرن جي ترتيب موجب وري چٽيءَ جي صورت ۾ جوڙي بيهاريو وڃي. پر جي ڪن سببن جي ڪري هاڻي هن تاريخي چٽيءَ لاءِ مقبري جي آس پاس جاءِ ڏيڻ ممڪن نه هجي ته پوءِ سيوهڻ ۾ تيار ڪرايل عجائب گهر جي نئين عمارت جي حدن ۾ ڪنهن جوڳي جاءِ تي هن چٽي کي کڙو ڪرائي پر ۾ چٽيءَ جي تاريخ بابت تختي لڳرائي وڃي ته جيئن درگاهه سيوهڻ شريف جي پراڻي عمارت جي جزوي نمائندگي به ٿي وڃي ته وري ماهرن لاءِ هن چٽيءَ جي اڏاوت جي هنر تي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ ۾ به آساني ٿئي. انهيءَ کان سواءِ هن چٽيءَ جي دائمي سنڀال ۽ ضرورت وقت درستحاليءَ کي به يقيني بڻايو وڃي. چاڪاڻ ته (Archealogy) (پرٿم

وديا) جي لحاظ کان هي ڇتي هن وقت نہ رڳو سنڌ پر شايد پوري پاڪستان ۾ پنهنجي قسم جي پراڻي ۾ پراڻي ۽ سربستي اڏاوت ياسي ٿي. موجوده صورت ۾ اهو بہ ممڪن آهي تہ ٿوري عرصي گذرڻ بعد هن ڇتي جا ڪي حصا اٿل پٿل ۾ هيڏي هوڏي ٿي وڃن. پر جي ايئن نہ ٿئي تہ پٿرن تي لڳل انگن جي ڏهي وڃڻ جا امڪان تہ آهن ئي سهي ۽ جي ايئن بہ ٿي ويو تہ پوءِ ڇتيءَ جي اڳئين نموني تي اڏاوت ڪرڻ بہ ناممڪن جي قريب ٿي پوندي. مطلب تہ ٻيهر اڏاوت جي عمل ۾ دير ناقابل تلافي نقصان جو سبب ٿي سگهي ٿي. خبر ناهي تہ هي تاريخي، ثقافتي ۽ فني بچاءُ وارو عمل ڪهڙي اداري ۽ شخص جي ڪوشش سان سرزد ٿيندو ۽ ڪڏهن؟

(نوٽ: هي مضمون راقم قلندر شهباز جي 745هين عرس (1997ع) واري موقعي تي ڪوٺايل ادبي ڪانفرنس ۾ منظور ٿيل مقالي طور پڙهيو هيو.)

***

Gul Hayat Institute

پروفیسر آفاق صدیقی

# حضرت لعل قلندرؒ......... تاریخ کے آئینے میں

صاحبانِ نظر جانتے ہیں کہ سندھ کی تاریخ کے تین بنیادی ماخذات ہیں یعنی چچ نامہ، تاریخ معصومی اور تحفتہ الکرام۔ فی الوقت ان تینوں قابل قدر تاریخوں کے اردو تراجم سندھی ادبی بورڈ، جام شورو اور سندھ کتاب گھر، کراچی سے حاصل کئے جاسکتے ہیں۔ اور دو ترجمے بڑی جگر کاوی سے اختر رضوی نے کئے ہیں۔

چچ نامہ، تاریخ سندھ کی اولین کتاب ہے۔ عربی زبان میں لکھی گئی تھی، لیکن عربی کتاب کا نہ تو اب کوئی نسخہ موجود ہے اور نہ مصنف کا نام معلوم ہوسکا ہے۔ عام تاثر یہ ہے کہ اس کا فارسی ترجمہ غالباً 613ھ میں ہوا ہوگا۔ فارسی مترجم علی کوفی تھے جو منگولوں کے حملوں کے دوران قلندر لعل شہباز کی طرح اپنا آبائی وطن چھوڑ کر ادھر آئے تھے۔

چچ نامہ میں قلندر موصوف کا کوئی ذکر نہیں اور ہو بھی نہیں سکتا تھا کہ یہ تو سندھ کی تاریخ ہے۔ البتہ تاریخی معصومی جو میر محمد معصوم شاہ بکھری کی تصنیف ہے اس میں بھی مختلف صفحات پر قلندر شہباز کا کوئی اجمالی سا احوال بھی نہیں ہے۔ صرف یہ معلومات بہم پہنچائی ہے کہ وہ ولی اللہ تھے، میدان معرفت میں عارفانہ رموز سے آشنا تھے اور یہ کہ 662ھ میں ملتان آئے۔

Gul Hayat Institute

تاریخ معصومی سے قطع نظر سید عبد القادر بن سید ہاشم ٹھٹوی نے حدیقتہ الاولیاء، کے نام سے جو تذکرہ 1016ھ میں تحریر کیا تھا اس مین قلندر لعل شہباز سے اظہار عقیدت کے طور پر مثنوی ملتی ہے جو 29 اشعار پر مشتمل ہے جن مین سے چند اشعار حاضر ہیں:

اہل، دل عارف ، معارفِ حق
صاحبِ وجد و تارکِ مطلق
شاہ عثمان، شاہ باز لقب
اشرف الذات ہم شریفِ نفس
مستِ خُم خانہ محبت و شوق
بلبلِ گلستانِ عالمِ ذوق
صاحب حال و کاملِ ابدال
محرمِ خلوتِ حریمِ وصال

مثنوی کے اشعار میں جو واقعہ بطور کرامت بیان کیا ہے اس کا ما حصل یہ ہے کہ اب جس مقام پر قلندر شہباز کا روضہ ہے وہ حضرت کی تشریف آوری سے پہلے کچھ بدکار عورتوں کا مسکن تھا جن کے لیے قلندر کی آمد خضر علیہ السلام کے ظہور جیسی ثابت ہوئی کہ نہ صرف بدکاری کا خاتمہ ہوا بلکہ اس مقام کی حقانیت اور اخلاقی روحانی تعلیمات کے تبلیغی مرکز کا بلند درجہ حاصل ہوا۔

مثنوی کے آخر میں فارسی نثر کا حصہ ہے وہ فقط اتنا کہ اس میں 673ھ کے ماہ شعبان میں اس دنیائے فانی سے رحلت فرمانے اور سیوستان (سیہون) میں آستانہ مبارکہ کے ہونے کا حوالہ ہے۔

Gul Hayat Institute

مذکورہ بالا تاریخی ماخذوں کے بعد حضرت لعل شہباز قلندر کا معتبر احوال علامہ غلام مصطفیٰ قاسمی کی تحقیق کے مطابق، وادی سندھ کے ایک بڑے ادیب، محدث اور شاعر مولانا محب علی سندھی ٹھٹھوی (وفات 1043ھ) کی ایک تحریر سے ملتا ہے۔ یہ تحریر بر صغیر پاک وہند کے عظیم مورخ، ادیب اور شاعر میر غلام علی آزاد بلگرامی کے ہاتھ آئی جس کا ذکر "مآثر الکرام" مین انہوں نے اس طرح کیا ہے۔ "راقم الحروف بخط مولانا محب علی ٹھٹھوی کہ از بزرگانِ عہد بود و ذکر او در شاہجہاں نامہ و دیگر کتب تاریخ مسطور است، مشاہدہ کرد ایں

عبارت کہ حضرت مخدوم لعل شہباز قدس سرہ، اسم شریف وی عثمان است و فقیر لوحِ سنگنی سیاہ دید بود کہ باین روشن کندہ بودند۔"

اس فارسی عبارت کا ترجمہ یہ ہے کہ "راقم الحروف (میر غلام علی آزاد بلگرامی) نے مولانا محب علی ٹھٹھوی کی ایک تحریر دیکھی۔ مولانا محب علی وقت کے بڑے بزرگوں میں تھے۔ ان کا ذکر شاہجہاں نامہ اور تاریخ کی دوسری کتابوں میں موجود ہے۔ ان کی تحریر کردہ عبارت یہ ہے کہ حضرت مخدوم لعل شہباز قلندر قدس سرہ، کا نام عثمان ہے اور فقیر یعنی مولانا محب علی نے ایک کالے پتھر کی تختی پر یہ روشن عبارت دیکھی۔"

وہ فارسی عبارت کیا ہے؟ اس کا ترجمہ ملاحظہ ہو کہ:

"شیخ عثمان مرندی دین کے قطب اور شاہ باز لقب سے مشہور ہیں۔ مرند، تبریز کے مضافات کا ایک گاؤں ہے۔"

"ماثر الکرام" کے مصنف نے اس عبارت کے بعد فارسی زبان ہی میں تاریخِ فیروز شاہی سے یہ احوال نقل کیا ہے کہ جب حضرت شہباز قلندر ملتان پہنچے تو خان شہید یعنی سلطان محمد قاآن نے کہ جس کو حضرت شہباز سے بڑی عقیدت تھی آپ کی بڑی تواضع کی اور ہر خدمت بجالایا۔ اس کی دلی خواہش تھی اور بڑی کوشش بھی کرتا رہا کہ حضرت قلندر لعل ملتان ہی میں رہیں اور وہ ان کے لیے بڑی شاندار خانقاہ بھی تعمیر کرائے مگر قلندر صاحب راضی نہ ہوئے۔ ایک دن خان شہید نے حضرت شیخ صدر الدین عارف ملتانی اور شیخ عثمان مردوندی کو محفل سماع کی دعوت دی۔ جو عارفانہ کلام پیش کیا گیا اسے سن کر دونوں بزرگ مسحور ہوئے اور رقص فرمانے لگے جبکہ خان شہید ان کی حضوریں دست بستہ بیٹھا رہا ورزار و قطار اشکبار ہوا۔

Gul Hayat Institute

اس احوال کے بعد میر غلام علی آزاد بلگرامی نے 10 ربیع الاول 1144ھ کو واقعہ نگاری کی خدمت کے سلسلے میں بذات خود سیہون جانے کا ذکر کیا ہے۔ حضرت شہباز قلندر نے ان کی ملازمت اور روحانی تشفی کے سلسلے مین جو امداد و اعانت فرمائی اس کا تذکرہ کرتے ہوئے آخر مین تاریخ وصال درج کی ہے۔

عموماً حضرت شہباز قلندر کے وطنِ مالوف کو مروند لکھا جاتا ہے اور خود حضرت نے اپنی مشہور غزل میں جس کی ردیف "می رقصم"، مقطع میں "منم عثمان مروندی" رقم فرمایا

ہے۔ علامہ غلام مصطفیٰ قاسمی نے علامہ محب، لعل شہباز کے تذکرہ نگاروں اور خود قلندر نے جب مروندسے مرندی کالاحقہ شاعری میں برتا ہے یہی ہمیں بھی تسلیم کرلیناچاہیے۔

کچھ ایسے تذکرے بھی ہیں جن میں حضرت شہباز قلندر کو حدودِ شرع سے باہر "ملامتی" گردانا گیاہے۔ اس سلسلہ میں عہد شاہجہانی کی ایک کتاب کاحوالہ دیاجاتاہے، جس کانام "معارج الولایہ" ہے اور مصنف کانام غلام معین الدین عبد اللہ قصوری۔

یہ کتاب تو نایاب ہے مگر بعد میں قلندر کی شانِ قلندری کو گھٹانے اور تکذیب کرنے کے لیے جو من مانے تذکرے بھی لکھے گئے ان میں حقیقت بیانی کی بجائے افسانہ طرازی زیادہ ہے، مثلاً مفتی غلام سرور لاہوری کی کتاب خزینۃ الاصفیاہے۔

دو اور تاریخی کتابیں ایسی ہیں جن میں حضرت شہباز قلندر کا تذکرہ ملتا ہے، یہ دونوں کتابیں فارسی میں سندھ کے مشہور معروف ادیب وشاعر اور مورخ میر علی شیر قانع ٹھٹھوی کی لکھی ہوئی ہیں، "تحفۃ الکرام" اور "مقالات الشعراء"۔ ان کتابوں میں جو احوال ملتا ہے۔ وہ زیادہ تر میر غلام علی آزاد بلگرامی کے تحریروں سے لیا گیا اور ان کے بعد لکھے جانے والے تذکروں میں بھی کوئی نئی بات نہیں۔

میر علی شیر قانع 1140ھ میں پیدا ہوئے تھے اور 1203ھ میں وفات پائی۔ عمر بھر تصنیف و تالیف کے کاموں میں ہمہ تن مصروف رہے اور بہت سی کتابیں لکھیں جن کے نام تاریخی کتابوں میں دیکھے جاسکتے ہیں۔

راقم الحروف نے زمانۂ حال تک لکھی جانے والی کتابوں سے کسب فیض کرتے ہوئے یہ حقائق اخذ کئے ہیں کہ لعل قلندر کا نام سید عثمان ہے۔ نسب حضرت امام جعفر صادق رضی اللہ عنہ سے ملتا ہے۔ سن شعور کو پہنچے تو روحانی بزرگ بابا ابراہیم کی خدمت میں مسلسل حاضری دے کر لعل شہباز ہونے کا شرف پایا۔ ہندوستان آئے تو ملتان اور دیگر مقامات پر اولیائے کرام و صوفیائے عظام سے ملاقاتیں رہیں، جن میں شیخ الاسلام غوث بہاؤ الدین ملتانی، حضرت خواجہ فرید الدین شکر گنج، مخدوم سید جلال الدین بخاری محدث وفقیہہ العصر اور حضرت بو علی شاہ قلندر جنھوں نے سندھ میں قیام کرنے اور سیہون کو مرکزِ رشد وہدایت بنانے کا مشورہ دیا۔

Gul Hayat Institute

قاضی اسماعیل بن علی اروڑ کے قاضی رہے تھے، بڑے فقیہ و خطیب اور قلندر شہباز سے عقیدت رکھتے تھے۔ سید صدر الدین محمد بکھری جو شاہ صدر الدین بادشاہ کہلاتے ہیں اور ان کا مزار آج بھی بکھر کے علاقے میں دریا کے بیچ ہے، بڑے عالم و فاضل اور صاحب معرفت بزرگ تھے۔ ان کی وفات قلندر لعل سے کچھ سال پہلے ہوئی۔

تاریخ سندھ (History of Sindh) مین برٹن نے شہباز قلندر کی علمی فضیلت کو بیان کرتے ہوئے تحریر کیا ہے کہ "وہ ایک بڑے عالم تھے۔ شعر و ادیب اور صرف و نحو کے علوم پر مہارت حاصل تھی۔ برٹن کے زمانے میں جو انیسویں صدی کا وسطی دور تھا، سندھ میں عربی مدرسوں کے نصاب کی کتاب صرف و نحو وہی تھی جو "میزان الصرف" کے نام سے قلندر نے لکھی تھی۔ یہ کتاب آج بھی عربی کے طالب علموں کو پڑھائی جاتی ہے، جس کی شرح مولانا عبدالحئ لکھنوی نے لکھی تھی۔

مخدوم محمد ہاشم ٹھٹھوی کے حوالے سے علامہ غلام مصطفیٰ قاسمی لکھتے ہیں کہ اپنی کتاب "مدح سندھ" میں انہوں نے قلندر شہباز کی بزرگی علم و فضل اور تصنیف کردہ کتابوں کا ذکر کیا ہے۔

تاریخی کتابوں اور تذکروں میں حضرت لعل شہباز قلندر کی کرامات کا ذکر بھی خوب خوب ملتا ہے۔ تاہم میرے خیال میں سب سے اہم کرامت یہ ہے کہ وہ غریبوں، مظلوموں اور بے سہارا لوگوں کو نہ صرف روحانی سہارا دیتے تھے بلکہ مادی ضرورتوں کی کفالت بھی فرماتے تھے۔

اسی لئے خلق خدا آج بھی دل کی گہرائیوں سے ان کے نام کی گرویدہ ہے۔

Gul Hayat Institute

***

# قلندر شہبازؒ

سندھ کی سرزمین کو برصغیر پاک وہند میں بہت ہی مبارک خطہ ارضی سمجھا جاتا ہے یہ علاقہ تہذیب و تمدن کے لحاظ سے مصر و بابل کی طرح قدیم ہے۔ اس کی پرانی تہذیب کے آثار اب بھی ضلع لاڑکانہ کے مقام موہن جو دڑو میں موجود ہیں۔ طلوع اسلام کے بعد تو اس خطہ نے سارے برصغیر میں مسلمانوں کے ایک مقدس علاقہ کا درجہ حاصل کرلیا۔ یہی وہ علاقہ ہے جس پر مہر عالمتاب اسلام کی کرنیں سب سے پہلے پڑیں اور برصغیر کے دوسرے علاقوں کو دور دور تک منور کرتی چلی گئیں۔ اسی لیے اس حصہ کو باب الاسلام کے نام سے یاد کیا جاتا ہے۔

سندھ چونکہ محمد بن قاسم کے حملہ کے بعد ایک اہم اسلامی مرکز بن گیا تھا اس لیے علماء اور اولیاء یہاں آتے رہے اور سکونت اختیار کرنے کے بعد انہوں نے مقامی باشندوں کو اپنے علوم ظاہری و باطنی سے فیضیاب کیا۔ حضرت مخدوم عثمان مروندی نے بھی جو شہباز قلندر کے نام سے معروف ہیں، اس سرزمین کو اپنے مستقل قیام کے لیے منتخب کیا اور سیوہن مین سکونت اختیار کرلی، جو اس دور میں سیوستان کہلاتا تھا۔ تاریخ میں اس قصبہ کے مختلف نام بیان کئے گئے ہیں۔ ایک روایت ہے کہ سیوہن میں سیوی یا شیودی نام کی ایک قوم رہا کرتی تھی جس کی وجہ سے اسے سیوستان کہتے تھے۔ عرب تاریخ میں اس مقام کو سردستان یا سیہان لکھا گیا ہے۔ بعض لوگ کہتے ہیں کہ اس کا نام شیو استھان تھا جو بدلتے بدلتے سیوہن یا سیھون ہو گیا۔ سیوہن کا نام خواجہ کچھ بھی کیوں نہ ہو قلندر شہباز نے اپنے قدموں سے اسے مقدس اور عرفان آگہی کا ایک عظیم مرکز بنادیا۔

## تاریخ ولادت اور وطن

قلندر شہباز کی تاریخ ولادت مقام پیدائش اور سال وفات کے سلسلہ میں اختلاف

Gul Hayat Institute

رائے پایا جاتا ہے، حیات نامہ قلندر کے مصنف نے سال ولادت ایک شعر کے ذریعہ 538ھ بتایا ہے جبکہ "لب تاریخ سندھ" کے مؤلف نے یہ سال 538ھ تحریر کیا ہے۔ لیکن غلطی سے یہ "تذکرہ صوفیائے سندھ" میں 573ھ مطابق 1177ء دیا گیا ہے۔ جہاں تک مقام ولادت کا تعلق ہے اس کا نام مروند ہے لیکن اس سلسلہ میں بھی اتفاق رائے نہیں پایا جاتا ہے۔ صاحب لب تاریخ سندھ کی تحقیق کے مطابق ان کا وطن میمند افغانستان کے صوبہ ہرات کے نزدیک ہے۔ ایک اور حوالہ کے مطابق وہ روسی ترکستان سے صوبہ آزربائیجان کے ایک گاؤں مروند میں پیدا ہوئے افغانستان میں مروند نام کا کوئی شہر نہیں ہے البتہ مرد نام کا ایک قصبہ ضرور ہے۔ اس لیے ان کی جائے پیدائش مروند ہی ہے جو روسی ترکستان میں واقع تھا۔ ان کے شہر کے نام کی تصدیق خود ان کے حسب ذیل شعر سے ہو جاتی ہے۔

منم عثمان مروندی کہ یار خواجہ منصورم
ملامت ہی کند خلقے و من بردار می رقصم

## سلسلہ نسب اور تاریخ رحلت

اس عظیم درویش کا نام سید عثمان لقب شمس الدین ہے لیکن لعل شہباز قلندر کے نام سے ان کو شہرت لازوال حاصل ہوئی۔ ان کا خاندانی سلسلہ آٹھویں پشت میں حضرت امام جعفر صادق سے ملتا ہے۔ لب تواریخ سندھ میں ان کا شجرہ اس طرح ملتا ہے "حضرت عثمان مروندی بن سید کبیر بن سید شمس الدین بن سید نور شاہ بن سید محمود بن سید نور شاہ بن سید ہادی بن سید مہدی بن سید منتخب بن سید غالب بن سید منصور بن سید اسماعیل بن امام جعفر صادق"۔ مورخین کو اتفاق ہے کہ انہوں نے سیہون میں 112 یا 113 سال کی عمر میں رحلت فرمائی۔ تحفتہ الکرام میں ان کی تاریخ وصال 673ھ دی گئی ہے۔ میر علی شیر قانع کے حوالے کے مطابق ان کی تاریخ وصال 21 شعبان 663ھ بیان کی جاتی ہے۔ لب تواریخ سندھ کے مصنف خان بہادر خداداد خان ان کے انتقال کا سال 650ھ بتاتے ہیں لیکن تحفتہ الکرام میں جو سال دیا گیا ہے وہ زیادہ صحیح ہے۔

## ملتان میں آمد:

جب عربوں کا اقتدار ختم ہوا تو سندھ پر پٹھانوں نے اپنا تسلط جمالیا۔ اس زمانے میں

Gul Hayat Institute

عرب ممالک سے عرب بزرگوں کی آمد و رفت کا سلسلہ تقریباً ختم ہو گیا لیکن درہ خیبر کے راستے ایشیائے کوچک اور دیگر اہم اسلامی مراکز سے علماء اور اولیاء کی آمد جاری رہی۔ اس راستے سے بیشتر بزرگ آئے اور پنجاب دہلی یا برصغیر کے دیگر علاقوں میں سرگرم عمل ہو گئے۔ حضرت علی ہجویری عرف داتا گنج لاہور میں سکونت پذیر ہو گئے۔ خواجہ بختیار کاکی نے دہلی کو اپنا مسکن بنایا لیکن سردار شیخ عثمان مروندی نے جو اس سلسلہ کی ایک کڑی ہیں، سیہون میں آن بسے۔ قلندر شہباز بھی روسی ترکستان سے سب سے پہلے پنجاب میں آئے۔ انہوں نے کچھ عرصہ کے لیے ملتان میں قیام کیا، جہاں حضرت شیخ بہاؤ الدین ذکریاء اور حضرت شیخ فرید الدین شکر گنج کی صحبت سے فیضیات ہوئے۔ یہ وہ زمانہ ہے جب ہندوستان پر درویش صفت شہنشاہ سلطان غیاث الدین بلبن کی حکومت تھی اور اس کا لڑکا محمد آقان عرف خان شہید حاکم ملتان تھا۔ تاریخ فیروز شاہی میں لکھا ہے کہ جب قلندر شہباز ملتان آئے تو خان شہید ان کی خدمت میں حاضر ہوا، اور ان کے لیے ایک خانقاہ بھی تعمیر کرائی تاکہ قلندر شہباز ملتان ہی میں ٹھہر جائیں۔ لیکن وہ رضامند نہ ہوئے۔ قلندر شہباز اس دور کے مشہور بزرگ بابا ابراہیم کا مرید ہونے کے بعد ملتان آئے تھے اور اپنے مرشد ہی کے حکم کی تعمیل ہی میں انہوں نے سندھ کا قصد کیا۔ سیہون میں آمد سے قبل سندھ اور ہند کے متعدد مقامات کا دورہ کیا حضرت شیخ جلال جہانیاں بھی ان کے ساتھ ساتھ رہے۔ چونکہ حضرت شیخ بہاؤالدین ذکریا، حضرت شیخ فرید الدین گنج شکر، حضرت جلال جہانیاں اور حضرت لعل شہباز قلندر کے مابین گہرے روابط قائم تھے، اس لیے ان کو چہار یار کے نام سے اب تک یاد کیا جاتا ہے۔

Gul Hayat Institute

### سیوہن میں آمد کا سال:

قلندر شہباز کی سیوہن میں آمد کا سال 644ھ یا 649ھ بیان کیا جاتا ہے۔ تاریخ میں یہ مدت نہایت اہمیت کی حامل ہے۔ مناقب العارفین میں لکھا ہے کہ 644 ھ میں حضرت شمس تبریز کی زوجہ کیمیا بیگم کا انتقال ہوا۔ 645ھ میں جیسا کہ نفحات الانس میں درج ہے حضرت شمس کو شہید کیا گیا اور یہ کام مولانا جلال الدین رومی کے بڑے صاحبزادے علاؤالدین محمد نے کیا۔ جہاں تک مولانا رومی کا تعلق ہے انہیں حضرت شمس تبریز سے بے حد محبت تھی اور عقیدت تھی۔ انہیں کے فیض صحبت سے مولانا کو علوم باطنی و شاعری میں وہ

مقام بلند حاصل ہوا جس کا اعتراف اس مادی دور میں بھی کیا جاتا ہے۔ مولانا رومی کو جن کی ولادت 604ھ میں بمقام بلخ ہوئی اس دور کی عظیم شخصیتوں سے ملنے کا اتفاق ہوا جن میں حضرت خواجہ فرید الدین عطار اور حضرت شیخ شہاب الدین سہر وردی جو حضرت بہاؤ الدین زکریا ملتانی اور حضرت شیخ سوری کے پیر تھے شامل ہیں۔ مولانا کے حضرت بو علی شاہ قلندر سے بھی روابط رہے اور انہوں نے بو علی شاہ سے فیض بھی حاصل کیا۔ حضرت شیخ بہاؤ الدین ذکریا کے بعض تذکروں سے پتہ چلتا ہے کہ قلندر شہباز شیخ فرید الدین گنج شکر اور حضرت جلال جہانیاں نے ایک ساتھ بلخ و بخارا کا بھی سفر کیا۔ اس سے یہ خیال ہوتا ہے کہ قلندر شہباز کی بھی ان بزرگوں سے ضرور ملاقات ہوئی ہوگی جو اس زمانہ میں بلخ و بخارا یا گرد و نواح کے علاقوں میں موجود تھے، جن میں حضرت شیخ سعدی، حضرت خواجہ فرید الدین عطار اور حضرت مولانا جلال الدین رومی بھی شامل ہیں۔

## تبلیغ واشاعت:

